# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو





سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن SRSO

چهہ ماهي

# سرسو

جولاءِ 2012 کان ڊسمبر 2012

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)
(القرآن)

## سرسو جي اندر....


- ايڊيٽر پاران .................................................. 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام .............................. 3
- چيئرمين جو پيغام .................................................. 4
- هٿ جي هنر جو نمائشي پروگرام...... ثمينہ برڪت علي 5
- مقامي وسيلن کي ڪتب آڻي غربت گهٽائڻ......... جميل 7
- سنڌ جي وڏي وزير جو سرسو جي تنظيمي عورتن کي خطاب .......................... شاهنواز منگي 10
- پائدار ترقي ............................... بخت علي ابڙو 13
- گگدامن جي بهبود وارو پروگرام............ سليم الله چنہ 16
- محمد علي جي زباني ........................... الطاف احمد 19
- تنظيمن ۾ رابطي جي اهميت .................. سونا خان رند 21
- وقت جي ضرورت ..................................... فاطمہ چنہ 24
- ڪامياب تنظيم ....................................... زاهد سومرو 25
- تصويري ڏيک .................................................. 27
- هاري، زراعت ۽ قدرت ......................... نثار احمد پناڻ 31
- همٿ ڀريو بزرگ ................................... مصطفيٰ قادر 36
- ڳوٺ خير محمد جي منظم عورتن .... ساجد حسين ابڙو 37
- تعليم جي اهميت ............................ نويد احمد ڦلپوٽو 38
- ڪجهہ ڪرڻ جي جُستجو .............. نزهت فاطمہ ناريجو 39
- بزرگن جي سهڪار ........................ عبدالحميد ٻُلو 40
- ڀاڳت جو ڀاڱ ........................................ نصرت گلال 41
- وتايو فقير، سچو سماج سڌارڪ ....................... نثار احمد 42
- عورت مخالف پهاڪا ............................... زبير سومرو 45
- مائڪرو ڊرپ سسٽم ................................. خادم حسين 47
- خوشحالي جي تدبير ................................ محمد عارف 51
- صنفي شعبي جون سرگرميون .......... نياز علي سومرو 53



### ايڊيٽر

**سيده نازيہ شاهہ**

اسسٽنٽ جنرل مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

### ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پناڻ**

پروگرام مئنيجر NRM
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**رخسانہ رياض علي**

سينيئر پروگرام مئنيجر G&D
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**زبير سومرو**

مئنيجر ايچ.آر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

ڊزائننگ لي آئوٽ ۽ ڪمپوزنگ:

**بخت علي ابڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.



رابطي لاءِ آفيس

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)

بنگلو نمبر A-42 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، ايئرپورٽ روڊ سکر. فون: 071-5633516

# ايڊيٽر پاران

صدين جي سفر تي محيط هي سماجي اڻ برابريون، شعوري اونداهه ۽ انسان جي عظمت کان انڪاري رسم رواج، اڄ بہ اسان جي اڪين آڏو موجود آهي، ان کي گهٽائڻ يا ختم ڪرڻ لاءِ اسان سيني کي گهرجي تہ تنظيمن ۾ منظم ٿي، جاڳرتا پيدا ڪري ۽ جديد طرز تي گهڻ پاسائين حڪمت عملين کي ترتيب ڏيون. اسان جي سماج تي سرسري نظر وجهڻ سان اسان کي معلوم ٿيندو تہ اسان صنفي امتياز کان وٺي معاشي معذوريءَ تائين، شعوري سگهہ کان وٺي انتظامي اهليت تائين مفلوج ٿي ويا آهيون. جنهن ڪري ترقي ڪرڻ بدران بدحالي ڏانهن ڌڪجي رهيا آهيون.

ان ڪري اسان کي اجتماعي طور خاص طور تي معاشي حڪمت عمليون ٺاهي پنهنجو قبلو درست ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ ڪاميابين جي اميد نہ رکڻ کپي. افرادي قوت کي صحيح طريقي ۽ بروقت استعمال ڪرڻ عورتن ۽ مردن ۾ صنفي بنيادن تي موجود تفاوت ختم ڪري ترقيءَ جي راهہ ۾ گڏ کڻي هلڻو پوندو، مايوسين ۽ نااميدين کي ختم ڪرڻ لاءِ سرسو پنهنجي ڪارڪنن سميت اتر سنڌ جي 9 ضلعن ۾ زراعت، تعليم، صحت، هنري سکيا، شعور اجاگر ڪرڻ، ماڻهن کي منظم ڪرڻ ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهيو آهي.

ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اسان کي هڪ منظم ۽ مهذب سماج جوڙڻ لاءِ جديد طرز ۽ گهڻ رخي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙي مسلسل جدوجهد جيڪا اجتماعي نموني ڪئي وڃي ۽ ديرپا اثر ڏيکاري. ان سلسلي ۾ سرسو جا ڪارڪن ڪيترين ئي سماجڪ تنظيمن سان گڏجي ميدانِ عمل ۾ آهن.

اسان کي اوهان جي خطن، ۽ راين جو اوسيئڙو رهندو. اسان جو ادارو سرسو غريب، ٻي پهچ ۽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي جيڪا فني لحاظ کان تربيت ڏئي رهيو آهي، ننڍن ننڍن ڪاروبارن خاطر مدد يا معاونت ڪري رهيو آهي. ان جو ڪارج ۽ ڪهڙا اثر پئجي رهيا آهن. اسان ترقي طرف گامزن ٿيل ساٿين جي ڪنيل وِکُن کي جِلا بخشڻ لاءِ هي اشاعتي سلسلو بہ هلائيندا پيا اچون تہ جيئن هن عمل کي وڌ کان وڌ ماڻهن تائين متعارف ڪرائي سگهجي. اسان جي هن اشاعتي سلسلي جو مقصد سنڌ جي ٻهراڙين جي ترقي واري عمل ۾ حصو وٺڻ لاءِ اتان جي ماڻهن کي راغب ڪرڻ پڻ آهي. سرسو سيني جي تعاون جو شڪرگذار پڻ رهندو.

**سيده نازيہ شاهہ**

# پيغام

منهنجو ۽ سرسو سان وابسطه هر هڪ فرد جو اهو عزم آهي ته سرسو سنڌ جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ جهڙي طرح آگسٽ 2010 ۾ آيل مها ٻوڏ دوران پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، ٺيڪ ساڳي طرح سنڌ جي ٻهراڙين منجهان غربت کي پاڙون پٽي ڪيڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ وسان ڪو نه گهٽائيبو. جهڙي طرح مها ٻوڏ سنڌ جي سيني ۾ دردن جا داستان رقم ڪري وئي هئي، اهڙي آفت ناگهاني کي تاريخ ۾ ڪڏهن به نه وساريو ويندو ۽ جهڙي طرح وري سرسو حڪومتِ سنڌ ۽ عالمي ادارن جي سهڪار سان ڏينهن رات هڪ ڪري ٻوڏ ستايل ماڻهن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ان جي موٽ ۾ جهڙي طرح غربت ۽ ڏکن جي وَر چڙهيل ماڻهن موٽ ڏيندي پنهنجي مڙسي ۽ همت سان پنهنجن اجڙيل گهرن کي آباد ڪيو ۽ پنهنجي وجائجي ويل ڪَڱن پَنن کي وري ميڙي ٻيهر ٺاهي ورتو تنهن جو مثال به اسان جي ٽين دنيا جي ملڪن جي تاريخ ۾ ورلي ملي ٿو.

منهنجو اهو ايمان آهي ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ۾ ايتري سگهه، قوت، سمجهه ۽ شعور آهي جو هو پنهنجي آسپاس ٿيندڙ سمورين تبديلين کي سمجهندي ۽ پنهنجين حالتن جو تخمينو لڳائيندي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن جو آسانيءَ سان بخوبي مقابلو ڪري سگهن ٿا، بس جيڪڏهن ضرورت آهي ته هڪ اهڙي پليٽ فارم جي جنهن جي ذريعي اسان جا غريب ماڻهو ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ هر پٿر کي پنهنجي همٿ سان چڪنا چور ڪري وجهن. سرسو سنڌ جي غريب، ماڻهن جي لاءِ اهڙو پليٽ فارم ٺاهي رهي آهي. ان سان گڏوگڏ مان پنهنجن تجربن جي آڌار تي اهو پڻ چوڻ ۾ فخر محسوس ڪيان ٿو ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ جتي عوام جو گهڻو تعداد پڙهيل لکيل به نه آهي اتي سرسو کي سنڌ جي خوشحاليءَ جي شروعات لاءِ جيڪا موٽ ملي آهي سا ناقابلِ بيان آهي، تنهن ڪري ان ڳالهه چوڻ ۾ مون کي خوشي محسوس ٿئي ٿي ته سرسو جا اٺ سال اڳ کنيل قدم ۽ ان کانپوءِ مسلسل ٿيندڙ محنتن جي نتيجي ۾ سنڌ جي ماڻهن جي غربت مان جان آجي ٿيڻ لڳي آهي ۽ دير يا سوير اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن سرسو سنڌ جي هاري، ناري، مزدور، ڪڙمي، پورهيت، غريب مرد ۽ عورت سان گڏ بيهي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان غربت کي پاڙون پٽي ڦٽو ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو، سنڌ جي خوشحاليءَ جي هڪ نئين باب طرف وک وجهندو.

ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي
چيف ايگزيڪيٽو آفيسر
سرسو سکر

# پيغام

دنيا جو معاشي فلسفو اهو سمجهائي ٿوتہ هن ڌرتيءَ تي سمورين بڇڙاين جي جڙ بُک ۽ بيروزگاري آهي. جيڪا سماجي برايون پيدا ڪري ٿي، هيءَ جهيڙن ۽ جنگين کي جنم ڏئي ٿي، بُک انسان کي پستيءَ ڏانهن ڌڪي ٿي، بُک ماڻهوءَ کي ذهني طور ڪمزور بڻائي ٿي، اها بُک ئي آهي جيڪا انسان کي پنهنجا ٻار جگر وڪڻڻ تي پڻ مجبور ڪري ٿي.

جيئن تہ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن غربت گهٽائڻ واري پروگرام تحت اُتر سنڌ جي 9 ضلعن سکر، خيرپور، نوشهروفيروز، گهوٽڪي، شڪارپور، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، ڪشمور ۽ قمبر- شهدادڪوٽ جي ٻهراڙين ۾ غريب ماڻهن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ۽ غربت گهٽايو فلسفي جي بنيادي اصولن ۽ پنهنجي پروگرام جي ذريعي ڪاميابيون ماڻيون آهن.

اسان جي اها ڀرپور ڪوشش آهي تہ، اسان سنڌ جي ڳوٺن جي بنيادي مسئلن جهڙوڪ غربت، زراعت، مال مويشي، تعليم، صحت ۽ ٻين سمورن ننڍن وڏن مسئلن کي سنڌ اندر هر واهڻ وستيءَ ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ منظم تنظيم جوڙي بهتر طريقي سان حل ڪرڻ، مستقل ۽ پائدار ترقيءَ جي عمل کي يقيني بڻايون. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اسان جنهن جي حاصلات لاءِ ميدان ۾ لٿل آهيون، اهو ڪو سؤلو ڪم نہ آهي. اسان ڀرپور طريقي سان هر ممڪن ڪوششون ڪري رهيا آهيون تہ اسان جي سنڌ جون ٻهراڙيون ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ٿين. اسان کي سنڌ جي ٻهراڙين جي بهتريءَ واري عمل ۾ جيڪي اوڻايون سامهون آيون آهن ۽ جيڪي مشڪلاتون اينديون. اسان انهن مشڪلاتن کي مشعلِ راهہ بڻائي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي منظم ڪري ترقي ضرور وٺرائينداسين ۽ اسان کي يقين آهي تہ هڪ ڏينهن پائدار ترقيءَ جي روشن ڏارا ٻڇجي پوندي، جنهن ذريعي اسان ترقي يافتہ دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهنداسين.

سرسو جي هن رسالي جي هڪ ننڍڙي ڪاوش آڏار سنڌ واسين کي اها گذارش ڪجي ٿي تہ اسان جي ڪاميابي اوهانجي راين، همدردين، ساٿ، اوهان جي صلاح مشوري ۽ قدم قدم سان ملائي هلڻ سان ئي ممڪن آهي. ڇوتہ سرسو جي بنيادي فلسفي يعني غربت گهٽائڻ ۽ سماجي ترقيءَ جي مشعل اڳ يا پوءِ توهان جي هٿن ۾ ايندي. اوهان کي ئي پنهنجن ڳوٺن جي ترقي ۽ وسيلن جي سنڀال ڪرڻي آهي، ايندڙ نسلن کي بهتر موقعيا فراهم ڪري ڏيڻ توهان جي ئي ذميداري هوندي، توهان کي ۽ موجوده وسيلن کي بهتر ڪرڻو آهي ۽ اوهانکي ئي پنهنجي ٻچن جي خوبصورت مستقبل لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي.

**فضل الله قريشي**
وائيس چيئرمين
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

# هٿ جي هنر جو نمائشي پروگرام

ثمينہ برڪت علي
مئنيجر سرسو انٽرپرائيز



سنڌ جي ٻهراڙين ۾ هٿ جي هنر جي ڪاريگري مثلاً رلي ناهڻ، ٽڪ جو ڪم ڪرڻ ۽ سنڌي ڀرت، ڪڙهائي ۽ ٽاڪي واري هنرمر ۾ ڳوٺن جون عورتون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڪيترن ئي مختلف ڳوٺن ۾ ڀرت جو نمونو ۽ ٽاڪو گهڻو ڪري ساڳيوآهي، هن هنر تي ماحول ۽ رسم رواج جو گهڻو اثر آهي. سنڌ جي رلي تي ڀرت، اجرڪ تي ڇٽ وغيره جو ڪم مشهور آهن، ڳوٺاڻن جي هٿن تي اسانجي ثقافت جو دارو مدار آهي، ثقافت ڪنهن بہ قوم جي زنده دليءَ جو مثال آهي، ٻهراڙي جي سادگيءَ ۾ اهي خوبيون هنر ۽ ڪاريگري يا اسانجي ثقافت قوم، تهذيب تمدن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. اسان جي ثقافت، تهذيب و تمدن جي ڪوٺ ڪانہ آهي، بلڪ اسان جي قوم جي ثقافت جو حصو دنيا جي ثقافت جي بادشاه آهي. دنيا هن ثقافت کي چاهي ٿي ۽ پنهنجي سونهن سينگار ۾ استعمال ڪرڻ چاهي ٿي. جهاز تي چڙهي جڏهن زمين جو نظارو ڪبو تہ رلهي جي ڀرت جهڙو منظر پسبو. رات جو آسمان تي نظر ڪبي تہ ستارا ائين نظر ايندا ڄڻ سنڌ جو اجرڪ آ. سنڌ جي ثقافت قدرت سان موافقت رکندڙ آهي.

انٽرنيشنل سطح تي ڪرايل پروگرام (Exhibition) جتي دنيا جي هرڪنڊ ڪڙڇ مان آيل ماڻهو پنهنجي پنهنجي ادارن جي سهڪار سان هنر ۽ ڪاريگري وارن ڪمن کي هٿي ڏئي مٿين سطح تي آندو آهي. جتي ڳوٺن مان ڪرايل ڪم کي نمايان طور تي پيش ڪيو پيو وڃي.

هنري نمائشي پروگرام هر دؤر ۾ هنرمندن ۽ هنر جي قدردانن جي توجهہ جو مرڪز رهيا آهن، جتي هنرمندن جي هنر جي قدرداني سان گڏوگڏ ڪين مختلف ادارن يا ڪاروبارن، پارٽين پاران آچون پڻ ملنديون آهن. جيئن تہ سرسو انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر پڻ گذريل ڇهن سالن کان ٻهراڙيءَ جي هنرن کي منظر عام تائين آڻڻ لاءِ ڪوشان آهي. انهيءَ سفر جو هڪ باب بين الاقوامي سطح تي لڳندڙ هنري ڪم جون نمائشون ۽ ميلا آهن.



آڪٽوبر 2012ع جي پهرين هفتي ۾ انڊيا جي شهر چنائي ۽ لِلت ڪَلا اڪيڊمي ۾ هڪ اعليٰ سطح جو هنري نمائشي پروگرام منعقد ٿيو ۽ سارڪ تنظيم جي ملڪن سان گڏوگڏ ٻين بہ ڪيترن ئي ملڪن جي هنرمندن، ڪاريگرن ڀرپور حصو ورتو. انهيءَ شاندار نمائشي پروگرام ۾ خوشقسمتيءَ سان سرسو

انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر پڻ صبا پاڪستان جي تعاون سان شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي علائقائي هنر کي دنيا جي سامهون پيش ڪيو.




چونڊا آهن تہ ”جهڙو ديس تهڙو ويس“ هن نمائشي پروگرام ۾ ڪجھ اهڙا تجربا سامهون آيا، جنهن مان گهڻو ڪجھ سکيوسين. هونئن تہ مجموعي طور تي سرسو پاران لڳايل اسٽال کي موٽ سٺي ملي پر خاص طور تي جيڪي شيون پيش ڪيون ويون انهن ۾ سنڌي اجرڪ ۽ رَوا (دوپٽا) وال هينگنگ وغيره ۽ اسان جي علائقائي پرت جي خوبصورت نمونن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪجيءَ جي پن مان ٺهندڙ شين ۽ ڪٽڪ جي تيلين مان ٺهندڙ شين جي پڻ خاطر خواھ موٽ ملي.

انن ملڪن پاران لڳايل اسٽالن تي مختلف رنگا رنگي هنرن جون ”پراڊڪٽس“ ڊسپلي ٿيل هيون. اسان جي اسٽال تي ايندڙ ماڻهن کي جيڪا ڪمي محسوس ٿي ساهئي اتان جي ضرورت مطابق، شين جو نہ هجڻ. مثلاً پرت جو ڪم ۽ باقي هنر تہ موجود هيا مگر پاڪستاني ثقافت / رسم رواج يا فيشن مطابق پر جيڪڏهن اسان انن ملڪن جي رواج ثقافت جو اڳواڻ ٿي جائزو وٺي ڪري انهيءَ لاءِ تياري ڪري وڃون ها تہ هوند اسان جي هڪ بہ شيءِ واپس نہ اچي ها. مثال طور پرت ۽ ٽڪ جو ڪم جيڪڏهن اتان جي ماڻهن جي فيشن ۽ ضرورت مطابق ترتيب ڏنو وڃي ها تہ اجان تمام سٺي ڪاروباري موٽ ملي ها. انهيءَ کان علاوه ڪاٽن جي ڪپڙي تي ٺيل پرت، ٽڪ ۽ آر جون ٽن/ٽن ميٽرن جون پٽيون تمام گهڻيون پسند ڪيون وڃن ها.



هن پروگرام ذريعي نہ فقط انن قسمن جي ٻوليون ڳالهائيندڙ مختلف رهڻي ڪهڻي، ثقافت ۽ ماڻهن جو هڪٻئي سان ملڻ ۽ هڪٻئي جي هنري نمائشي نمونن ڏسڻ ۽ خريد ڪرڻ سان تمام گهڻي ڄاڻ ۽ سکيا ملي ٿي ۽ گڏوگڏ پاڙيسري ملڪن جي ماڻهن جا پاڻ ۾ ڪاروباري ۽ قربائتا لڳاپا پڻ جڙن ٿا. هڪٻئي جي قدرن جو احساس پڻ پيدا ٿئي ٿو ۽ اها ڄاڻ ملي ٿي جيڪا ڪنهن اڪيڊميءَ مان نٿي ملي. انشاءالله ايندڙ بين الاقوامي نمائشي پروگرامن ۾ سرسو پنهنجي هنرمند عورتن کي اهڙن انيڪ موقعن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ معاون رهندو تجربن مان سکيل تمام ڳالهين کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ پنهنجي ڪارآمد وِکَ وڌائيندو رهندو.

**

# مقامي وسيلن کي ڪتب آڻي غربت گھٽائڻ

جميل سومرو

انساني جياپو هميشه ارتقا جي مرحلن جي وَرِ چڙهي تبديلين جو شڪار ٿيندو رهي ٿو. بظاهر نظر نہ ايندڙ سماجي، سياسي ۽ معاشي تبديلين سان گڏ سماج ۽ ماڻهن جي انفرادي رهڻي ڪهڻيءَ جا انداز بہ تبديل ٿيندا رهيا آهن. صدين کان انسان انهن تبديلين کي چاهيندي يا نہ چاهيندي قبول بہ ڪندو رهيو آهي ۽ انهن جي نوعيت مطابق پنهنجي جياپي جي انداز کي بہ تبديل ڪندو رهي ٿو. وقت يا حالتن جي نوعيت ڪٿي ڪهڙي بہ هجي، هر فرد هميشه پنهنجي مالي حالت جي ڳڻتيءَ کان ڪڏهن بہ آزاد ناهي رهيو. فرد، بهتر ۽ پُرآسائش زندگي گذارڻ لاءِ ڪوئي ڪم يا ڪاروبار ڪرڻ واري دنيا جي اڻ لکيل ريت جا پابند رهيا آهن. پر اهو طئي ناهي تہ ڌرتيءَ جي گولي تي رهندڙ سمورن انسانن وٽ هڪ جيترا ۽ هڪجهڙا مالي وسيلا دستياب هوندا. مالي وسيلن جو فرق سدا پنهنجي زوردار احساس سميت موجود رهيو آهي. جنهن ڪري دنيا جي ڪجھ خطن کي غريب پرڳڻا هجڻ جي شناخت حاصل آهي. پر غريب انسان دنيا جي هر ڪنڊ ۾ دستياب آهن. جديد سماجي سائنس ۽ دنيائي سياست جي اڳواڻن پاران گڏيل ڀلائيءَ ۽ غريبن جي سار سنڀال لهڻ جا جيڪي تصور ڏنا اچ انهن کي هڪ نظرئي جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. ان نظرئي تحت دنيا جا امير ملڪ، قومون، ادارا ۽ حڪومتون غريبن جي معاشي مدد، بيمارين، وبائن ۽ آفتن کي ٽارڻ لاءِ مدد ڪندا رهن ٿا تہ جيئن دنيا ۾ وسندڙ انسانن جو پلو ٿي سگهي. پاڪستان جي آبادي ملڪ کي حاصل مالي وسيلن کان گھٽي هجڻ ڪري، هتي غربت جي شرح گھٽي آهي. جنهن ڪري حڪومتن کي هميشہ غربت جي خاتمي ۽ غريبن کي پاڻ ڀرو ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻا پون ٿا. حڪومت سان گڏوگڏ اهي غيرسرڪاري ادارا جيڪي انساني ڀلائيءَ جي خيال سان وجود ۾ آندا ويا. اهي بہ ان ڪم ۾ حڪومت جو هٿ ونڊائي رهيا آهن. سنڌ صوبي اندر غربت جي لڪير کان بہ هيٺ زندگي گذاريندڙ ماڻهن جي مدد لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ڪافي ڪم ڪيو آهي. سرسو واحد غيرسرڪاري ادارو آهي جيڪو سنڌ جي اترين 9 ضلعن ۾ غربت جي خاتمي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي ۽ غربت جي وَرِ چڙهيل خاندانن کي مالي طور مستحڪم ڪري انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڪيترائي منصوبا





شروع ڪري انهن تي عمل ڪرائي رهيو آهي. انهن منصوبن جو مقصد اهو ئي آهي ته جيئن روزگار جا موقعا وڌائي سگهجن، غريب ماڻهن کي خدمتن عيوض اجرت ڏياري سگهجي يا سڌيءَ ريت سندن مالي مدد ڪري ڪانئن رضاڪارانه انداز سان ڪم ورتو وڃي.

سرسو پاران يونين ڪائونسل سطح تي غربت جي خاتمي لاءِ هڪ وسيع پروگرام زير عمل آهي، "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام" وسيلي ماڻهن کي غربت جي خاتمي لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪرڻ جي سکيا ۽ حوصلو ڏنو وڃي ٿو. هن پروگرام تحت غريب خاندانن کي مختلف نوعيت جا ننڍا ڪاروبار ڪري پنهنجي معاشي حالتن کي بهتر ڪرڻ جي آگاهي ڏيڻ سان گڏ مالي مدد به ڪئي وڃي ٿي. ان پروگرام تحت ڳوٺن ۾ وسندڙ ماڻهن کي سندن ڳوٺ جي سطح تي معاشي سرگرمين کي وڌيڪ ڦهلائڻ جي جيڪا تربيت ڏني وڃي ٿي ان ۾ عورتن جي شرڪت کي يقيني بڻايو پيو وڃي. عورتن کي ننڍي سطح جي ڪاروباري سرگرمين جو حساب ڪتاب رکڻ، پيسن جي ڏيتي ليتيءَ جا اصول سيکارڻ ۽ بهتر سيڙپڪاري متعلق شعور ڏنو وڃي ٿو ته جيئن پنهنجي مدد پاڻ تحت منصوبا ناهي سگهن ۽ آمدني حاصل ڪري سگهن. هن پروگرام جي بدولت هاڻي ڪيتريون عورتون پاڻمرادو منصوبا ناهي سگهن ٿيون ۽ مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جي حل جي ايڪشن پلان به ناهي وٺن ٿيون.

انور علي ولد ٻروچ شيخ گهوٽڪي ضلعي جي يونين ڪائونسل علي باغ ۾ واقع ڳوٺ تاج محمد شيخ جو رهواسي آهي، هو پنهنجي ٻن پٽن، ٻن ڌيئرن، زال ۽ ماءُ تي مشتمل 7 ڀاتين واري خاندان جو اڪيلو ڪمائيندڙ آهي. اهو خاندان انتهائي معمولي معاشي وسيلا هجڻ ڪري غربت جي لڪير کان به هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور هيو. انور علي شيخ جي گهرواريءَ مونکي علائقي جي دوري ڪرڻ واري موقعي تي ٻڌايو ته "غربت جي ڪري جيڪي مسئلا ٿيندا هئا انهن جو ڪو حل نظر نه ايندو هيو، گهر جو ڪو فرد بيمار ٿيندو هيو ته ان جو علاج نه ڪرائي سگهبو هو يا ٻارن کي تعليم ڏيڻ ممڪن نه هو ته اهي ڳالهيون منهنجي مڙس کي انتهائي مايوس ڪري وجهنديون هيون. پر سرسو اسان لاءِ اميد جو هڪ ڪرڻو ثابت ٿي. جڏهن اسان ڪاروباري ۽ مالي وسيلن کي بهتر ڪرڻ ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي سکيا ورتي ته اسان کي پنهنجي مالي حالتن کي بهتر ڪرڻ جو رستو ملي پيو" هنن ٻڌايو ته اسان کي ڪريانه جو دوڪان کولڻ لاءِ سرسو ٽيم -/24,000 روپين جي پڻ مدد ڪئي. انور سرسو جو انتهائي شڪر گذار نظر آيو چو ته سرسو پاران فراهم ڪيل مدد جي ڪري هو انتهائي خراب معاشي حالتن مان نڪري پنهنجي پيرن تي بيٺو آهي. اڳ هن جي ڏهاڙي آمدني 200 کان 300 روپيا هئي پر هاڻي اهو خاندان بچت جي حوالي سان بهتر حالت ۾ آهي. هنن پهريان هڪ ۽ بعد ۾ ٻيو ڪريانه شاپ به کولي ورتو آهي. انور شيخ جي گهرواري به هاڻي دڪان جي ڪاروبار ۾ سندس هٿ ونڊائي ٿي. هنن سيڪنڊ هينڊ موٽرسائيڪل به خريد ڪري ورتي آهي جنهن جي ڪري سامان آڻڻ ۽ نيڻ ۾ ڪين آساني ٿئي ٿي. هاڻي هن خاندان جي ماهوار آمدني وڌي 12000 روپيا ٿي چڪي آهي. انور عليءَ کي هاڻي گهڻو شوق ٿي پيو آهي ته پنهنجي ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائي ته جيئن هو تعليم وٺي اڳتي وڌي سگهن.



ڪنهن هڪ ڳوٺ جي سطح تي ڪنهن تنظيم کي قائم ڪرڻ جو مقصد تہ اهو ئي هوندو آهي تہ ان ڳوٺ ۾ ترقيءَ ڪرائي سگهجي ۽ ترقيءَ جي عمل کي پائيدار انداز سان جاري رکي سگهجي. سرسو پاران وليج آرگنائيزيشنز ان ڏس ۾ ئي قائم ڪيون پيون وڃن. انهن جو ڪم اهو آهي تہ مقامي وسيلا ڪتب آڻي غربت گهٽائي سگهجي. جڏهن تہ ٻين سماجي ۽ معاشي خطرن کي منهن ڏئي سگهجي. وليج آرگنائيزيشن ان ڏس ۾ اهم ڪم ڪري پئي تہ ماڻهن کي آمدنيءَ مان بچت ڪرڻ تي همٿائجي تہ جيئن ماڻهن وٽ ڏکئي وقت ۾ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جو رستو موجود هجي.

ان پروگرام جو هڪ بهترين مثال ڳوٺ خدا بخش پنهيرو ۾ نظر آيو جتان جي وليج آرگنائيزيشن جي ميمبرن اهو فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجي تنظيم وٽ گڏ ٿيل پيسن مان 7000 روپيا مسمات عائشہ زال محمد قابل کي ادا ڪندا تہ جيئن هوءَ پنهنجي زرعي زمين ۾ فصل پوکي سگهي ڇو تہ هوءَ انتهائي غريب هجڻ ڪري فصل پوکڻ لاءِ گهربل



وسيلن کان محروم هئي. پنهنجي ڳوٺ جي تنظيم وٽان مالي مدد ۽ صلاح مشورا ملڻ سبب عائشہ انتهائي خوش آهي، ڇو تہ سرسو پاران متعارف ڪرايل پروگرام تحت هن ڳوٺاڻي سطح جي ساٿ ۽ سهاري آڌارا فصل پوکيو جنهن جو ڪيس سٺو اجورو مليو هاڻي هوءَ بااختيار بڻجي چڪي آهي ۽ پنهنجي معاشي حالت پاڻ ٺيڪ ڪري هاڻي ڳوٺ جي ٻين ماڻهن جي ڪم بہ اچي سگهي ٿي. اڳ ۾ هوءَ هڪ وڏي عرصي تائين مسئلن ۾ الجهيل رهي پر ڪنهن بہ مدد نہ ٿيڻ ڪري اهي مسئلا حل نہ پئي ٿيا.

"مان ۽ منهنجو خاندان هاڻي انتهائي خوش آهيون، اسان ٽن طريقن سان پنهنجي آمدنيءَ جي بچت بہ رکي رهيا آهيون هاڻي اسان ڪنهن کان اوڌر تي ٻيڻي قيمت ڀري يوريا ڀاڻ نہ ٿا وٺئون ان سان اسانکي ڀاڻ سستو ملي ٿو، جڏهن تہ فصل لاءِ جيڪي ٻج شيون خريد ڪيون ٿا اهي سٺي ڪوالٽيءَ واريون هجن ٿيون. وقت سِر ڀاڻ ۽ دوائون ڏيڻ جي ڪري اسان جي محنت رائيگان نہ ٿي وڃي ۽ اسانجو فصل ڀلو ٿئي ٿو جڏهن تہ فصل تي خرچ گهٽ ٿين ٿا. جڏهن تہ فصل جي پيداوار حاصل ٿيڻ کانپوءِ اسان جتي چاهيون ٿا ۽ جيتري مناسب اگهہ ۾ چاهيون ٿا ان اگهہ ۾ پنهنجي فصل جي پيداوار وڪرو ڪري ڇڏيون ٿا" مسمات عائشہ اسان سان پنهنجا حال اوريندي ٻڌايو. هنن مختصر مثالن مان بہ واضح ٿئي ٿو تہ اگر انسان پنهنجي لاءِ فقط محنت سان ئي مالي وسيلا وڌائي نہ ٿو سگهي پر ان لاءِ ٻين ماڻهن يا ادارن جي بہ ضرورت پوي ٿي. سڄي دنيا ۾ ان ڪري ئي انسانن وچ ۾ ايڪو هجڻ ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ تي زور ڏنو ويندو آهي. سرسو عوام جي مالي ۽ معاشي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ وسيع جذبي سان ڪم ڪري رهي آهي. سرسو جي منصوبن جو فائدو پوري سنڌ صوبي ۽ ملڪ کي ٿيندو.

*

# سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاھ جو سرسو جي تنظيمي عورتن کي خطاب

شاھنواز منگي
سوشل آرگنائيزر
سرسو راڻيپور يونٽ



3 آگسٽ 2012 تي سرسو ضلع خيرپور پاران غريب عورتن کي پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام" تحت ڳوناٺين تنظيمي عورتن ۾ وچيرين ۽ بي زمين هارياڻين ۾ مالڪي جا ڪاغذات ورهائڻ جي هڪ تقريب ٿي گذري جنهن ۾ مکيہ مهمان سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاھ ۽ خاص مهمانن ۾ ڪمشنر سکر انعام الله خان ڌاريجو، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور غلام عباس بلوچ، اسسٽنٽ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور جاويد احمد جاگيراڻي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو آغا عبدالرحيم پٺاڻ، سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي، ٽيم ليڊر ڊاڪٽر غلام رسول سميجو، مئنيجر اين.آر.ايم. نثار احمد پٺاڻ، مئنيجر ڊزاسٽر مئنيجمينٽ عبدالحميد ٻُلو ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر خيرپور آسمہ سومرو شامل هئا.

هن پروقار تقريب ۾ يونين ڪائونسل وڏا ماڇيون ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ سرسو پاران تنظيمي سانچي ۾ سانديل مقامي تنظيمن جي 500 کان وڌيڪ عورتن شرڪت ڪئي. هن پنڊال ۾ مختلف اسٽال پڻ لڳايا ويا هئا جنهن جو وڏي وزير سيد قائم علي شاھ معائنو پڻ ڪيو.

هي تقريب ان ڪري بہ منفرد هئي جو هي ضلعي خيرپور ۾ عورتن جو سڀ کان وڏو ميڙاڪو هُيو. جنهن ۾ نظم و ضبط نمايان نظر آيو. ميڙاڪي ۾ شامل عورتن ۾ گهڻو جوش ۽ جذبو نظر اچي رهيو هو. تقريب جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿيو. ان بعد آيل مهمانن کي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي آجياڻو ڏيندي چيو تہ آءُ ٿورائتو آهيان وڏي وزير سيد قائم علي شاھ جو جنهن اسان کي ٽائيم ڏنو ۽ هن پروگرام ۾ اچي شامل ٿيا. سرسو جي ڪارڪردگي ٻڌائيندي ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي چيو تہ سرسو هن علائقي ۾ غربت جي خاتمي لاءِ عورتن کي منظم ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. اڄ نهايت خوشي ٿي رهي آهي جو هن علائقي جون سوين عورتون هتي اچي گڏ ٿيون آهن ۽ جيڪڏهن اهوئي سجاڳي جو سفر جاري رهيو تہ اسين ڪامياب ضرور ٿينداسين. ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن اسان جون عورتون هر شعبي ۾ پنهنجي پيرن تي بيٺل نظر اينديون. ضلعي خيرپور ۾ اسان سان حڪومت سنڌ جو مالي سهڪار پڻ شامل آهي. ۽ غربت کي گهٽائڻ لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي، جيڪو توهان جي سامهون آهي ۽ ان جا ايترا تہ اثرائتا نتيجا سامهون آيا آهن جو هن وقت هرڳوٺ ۾ سجاڳي ۽ جاڳرتا پئدا ٿي چُڪي آهي. جيڪو هڪ مثبت پهلو آهي. هميشہ سرسو غريب ماڻهن جي وچ ۾ ويهي ڪم ڪيو آهي، ۽ اها سرسو اداري لاءِ باعث فخر جي ڳالھ آهي. سرسو عورتن کي پاڻ پريو ڪرڻ لاءِ مثبت قدم کنيا آهن، نتيجاً اڄ جو هي پروگرام اوهان جي سامهون آهي. اسان جي ڪوشش آهي تہ غريب ماڻهن کي خوشحال طرف

گامزن ڪجي. اج اسين غريب عورتن کي وچيريون ڏئي رهيا آهيون تہ جيئن هو انهن کي پالي پنهنجي غربت ۾ گهٽتائي آڻي سگهن، گڏوگڏ هنري سکيا، مفت انشورنس، ڪاروبار لاءِ بنا وياج جي قرض، نوان اسڪول قائم ڪرڻ، واٽر ڪورس پڪا ڪرائڻ، صاف پاڻي جون اسڪيمون وغيره پڻ اسان جي مشن ۾ شامل آهن ۽ سرسو جو حصو آهن.



اج نهايت خوشي جو موقعو آهي جو سَون جي تعداد ۾ عورتون هتي گڏ ٿي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هو هاڻي سجاڳ آهن ۽ اهو سجاڳي جو سفر رڪجڻ جو ناهي.

ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي سرسو جي ڪارڪردگي تي وڌيڪ روشني وجهندي چيو تہ "سرسو" 28,000 تنظيمون ٺاهيون آهن، جنهن سان 5,55070 گهراڻا منظم ٿيندي بڌي واري ڌارا ۾ شامل ٿي ترقي طرف وک وجهندي غربت جي خاتمي لاءِ پاڻ ئي راهون تلاش ڪري رهيا آهن.

ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت جو وڏ ۾ وڏ سهڪار ۽ رهنمائي حاصل رهي آهي ۽ ان جي مالي مدد سان ئي اهو سڀ ڪجهہ ممڪن ٿي سگهيو آهي. سنڌ حڪومت جي مدد سان اڃان اڳتي بہ اسين تعليم تي ڪم ڪنداسين، آنءُ وزير اعليٰ صاحب کي عرض ڪندم تہ اسان جي اڃان مالي معاونت ڪئي وڃي ۽ ڪجهہ اسڪول پڻ ڏنا وڃن تہ جيئن اسين غريبن ۾ تعليم جو معيار بہ بهتر ڪري سگهون.

هن موقعي تي ٽيم ليڊر غلام رسول سميجو ويچار ونڊيندي چيو تہ سرسو غريب عورتن جي روزمره جي آمدني وڌائڻ لاءِ 15 کان 20 هزارن تائين جا ننڍا ننڍا قرض پڻ ڏيئي رهي آهي تہ جيئن غريب ۽ هنرمند عورتون معاشي طور تي سگهاريون ٿي سگهن. هي هڪ انقلاب آهي جنهن جا بهتر نتيجا جلد سامهون اچي ويندا ۽ اچي بہ رهيا آهن. اهو ڏينهن پري ڪونهي جڏهن تبديلي ايندي ماڻهو خوشحالي طرف هلڻ شروع ڪري ڏيندا.

سرسو اداري طرفان گهريلو آمدني وڌائڻ ۽ هنري سکيا ڪانپوءِ پنهنجي پيرن تي بيٺل VO صابر جاگيراڻيءَ جي چيئرمين نظربانو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ اسان جي ٻروچ طبقي جو ايترو تہ مزاج سخت آهي جو غيرمرد سان ڳالهائڻ تہ ڇا پر پنهنجن ڏيرن ۽ مٽن مائٽن سان ڳالهائڻ جي بہ اجازت نہ هوندي آهي. هي تہ سرسو جو ڪرشمو آهي جو اڄ اسان هن هيڏي وڏي پنڊال ۾ سيني جي سامهون ڳالهايون ٿيون ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل جي مسئلن تي روشني وجهون ٿيون. سڀ کان پهريان جڏهن سرسو جي ٽيم اسان جي ڳوٺ آئي ۽ سرسو جو مقصد ۽ پيغام ڏنو تہ اسان ڊڄندي ڊڄندي چيو تہ اسان جا مرد اسان کي ٻاهر ڪونہ ڇڏيندا آهن. جو اسان تربيتون وٺون ۽ بئنڪن ۾ وڃي کاتا کولرايون، هنر سِکون قرض وٺڻ لاءِ چيڪ ڪٽي بئنڪن تي وڃون ۽ ٻاهر ٻيهي اسڪيمن جو ڪم ڪرايون. سرسو جي ٽيم واپس هلي وئي



اسان همٿ ڪري مردن کي سمورو احوال ٻڌايوسين.

اسان جي گهٽي اثرار تي مرد ٿورا راضي ٿيا. پوءِ اسان سرسو ٽيم کي فون ڪري تنظيمن ٺاهڻ لاءِ چيوسين. هن وقت اسان جي ڳوٺ ۾ چار تنظيمون جڙيل آهن. تنظيمون جڙڻ ڪانپوءِ اسين کاتا کولرايا، بچت ڪئي سين. صدر ۽ مئنيجر جي تربيت ورتي سين. ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي هنري سکيا ملي، قرض ورتاسين. سرسو ٽيم جي سوشل

موبلائيزيشن ۽ اسان جي ٿوري همٿ ۽ حوصلي سان سموري ڳوٺ کي تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي. اسين تنظيم جي عورت ميمبرن گڏجي هڪ ننڍي اٽي جي چڪي لڳائي آهي جنهن مان تنظيمي عورتن سان گڏ ڳوٺ جي غريبن ماڻهن کي پڻ تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي. ان کان علاوه اسان جي ميمبرن کي ٻه ٻه وڇيون ٻه مليون آهن جيڪي ٻن سالن کانپوءِ مينهون ٿينديون جنهن کري غريب ميمبر عورتون لک روپين ۽ کير جون مالڪياڻيون بڻجنديون. هارياڻين کي سنڌ حڪومت طرفان ملندڙ زمينن واريون سندون پڻ ڏنيون ويو آهن. اسين شڪرگذار آهيون حڪومت سنڌ ۽ سرسو جون. تنهن بعد ڪمشنر سکر، ڊي.سي لاڙڪاڻو، ڊي.سي خيرپور ۽ اسسٽنٽ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کي بهتر ڪارڪرگي تي ايوارڊ پڻ ڏنا ويا.



وڏي وزير سيد قائم علي شاهه تقريب ۾ مُک مهمان جي حيثيت ۾ ڳالهائيندي چيو ته محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو پڻ اهو خواب ۽ مشن هُيو ته عورتن جي همٿ افزائي ڪجي ۽ کين پاڻ ڀرو ڪجي. اسان محترمه جو خواب پورو ڪري ڏيکاريو آهي. جو اڄ اسان غريب عورتن کي جن کي زمين نه هئي ۽ پريشان حال هيون. انهن کي زمينون ڏنيون آهن، جيڪي هينئر خوش ۽ توهان اسان جي سامهون آهن. سيد قائم علي شاهه وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر سونو هڪ محنتي ۽ جفاڪش ماڻهو آهي. جنهن غربت کي گهٽائڻ ۾ ڀرپور ساٿ نڀايو آهي، اسان هن پروگرام مان اڃان هٿ ناهي ڪڍيو ۽ حڪومت سنڌ جو توهان سان ساٿ آهي. اسين اداري کي هڪ ارب روپيه ڏيون ٿا، جيڪا پڻ هڪ وڏي رقم آهي، ان رقم کي غربت گهٽائڻ لاءِ استعمال ۾ آندو ويندو. انهيءَ اعلان کانپوءِ پنڊال ۾ ويٺل عورتن تاڙين جي ڪونج ۾ کيس جو شڪريو ادا ڪيو.

وڏي وزير چيو ته محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هيو ته منهنجون ڀينر پنهنجي پيرن تي بيهن ۽ پاڪستان جي ترقيءَ لاءِ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪن. شهيد راڻي عورتن کي معاشري ۾ عزت ۽ تحفظ ڏيارڻ لاءِ گهر ٺهرائي ڏنا، زمينون الاٽ ڪيون، هوءَ آخر ۾ به اسان کي پنهنجي ڀينرن لاءِ پارٽ ڪري وئي. اسين سندس ئي مشن کي اڳتي وڌائيندي، عورتن جي ترقيءَ لاءِ بينظير انڪم سپورٽ، وسيلهء حق ۽ ٻيا ڪوڙا پروگرام متعارف ڪرايا آهن ته جيئن عورتن ۾ اعتماد بحال ٿئي، سندن حيثيت کي تسليم ڪيو وڃي ۽ هو ٻين جي آڏو هٿ نه ٽنگين. وڏي وزير سيد قائم علي شاهه سرسو جي ڪيل ڪم کي ساراهيو ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو.

آخر ۾ وڏي وزير ڀري ڀري کان آيل سڀني عورتن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته شابس آهي توهان کي جو هن ايتريءَ گرميءَ ۾ هت کهي آيون آهيو، توهان سڀني جي تمام گهڻي مهرباني انشاءالله اسان به توهان سان ساٿ نڀائيندا سين.









# پائدار ترقي جو پهريون ڏاکو - شراڪتي ترقي



بخت علي ابڙو
سينيئر پروگرام آفيسر :MER-Pub

ايڪيهين صدي ۾ دنيا جا سڀ کان ٻرندڙ ۽ انسان ذات جي اندر کي جهوريندڙ مسئلا غربت، بُک، بيماري، وسيلن جي اڻاٺ اڀري سامهون آيا آهن. هي سيئي مسئلا انسان دوستي جو درد رکندڙ ماڻهن جي من ۾ ترٿلو مچائي ڇڏي ٿو. آزادي ۽ خوشحالي جا سپنا ڪٽي سايپائون ڳولهيندڙن جي منهن تان مُرڪون موڪلائي وڃن ٿيون ته ڇا انسانن جي اها منزل اجان پري آهي جتي امن جا اڇا پکي بارود جي بوءِ کان آجا هوندا؟ جتي ونيون گهوٽن جي اڻ مندائتي موت تي هنيانءُ ڦاڙيندڙ دانهون نه ڪيون هونديون. جتي بک بدحالي ۽ غربت جو راڪاس اجان گهرن اڳيان ننگو ناچ نه ڪندو هوندو. آخر اها پرڀات ڪڏهن ڦٽندي ۽ اونداهين کي مات ايندي؟ جڏهن لوئي ۽ لڄ ڏي ڪو ميري اک ڪٽي ڏسڻ جي جُرئت نه ڪري سگهندو. اهڙي گهُٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول کي ترقي واري ڏارا ۾ آڻڻ جيڪڏهن ناممڪن نه ته به ڏکيو ضرور آهي ۽ هي انهي سماج سيوڪ انسانن لاءِ ضرور چئلينج آهي ته هُو هن دوزخ جهڙي دنيا ۾ پنهنجون خداداد صلاحيتون استعمال ڪندي بهتري لاءِ جاکوڙين ٿا. انهن جي مسلسل ۽ مستقل مزاجي وقت سان گڏ اثر ضرور ڏيکاريندي. هن ڪائنات جي اندلٿي منظرن ۾ جيڪڏهن پاڻ جهاتي پايون ٿا ته هُو بلڪل چٽي ريت نظر اچي ٿو ته هي سماج وقت ۽ حالتن جي ڦيري ۾ پڻ ڦري رهيو آهي ۽ ان انسان دوست ماڻهن جو پورهيو نظر اچي رهيو آهي جن پنهنجون زندگيون هن سماج کي بهتر بنائڻ لاءِ ارپي ڇڏيون آهن.

ڳالهه انساني ترقي جي ٿي رهي آهي ته أن لاءِ لازمي آهي ته ان نُسخي کي جاچيون جنهن جي هيٺان هي ترقي جو راز سمايل آهي. ترقي جي ڳالهه سماج جي ترقي جا ماهر ائين به چون ٿا ته ترقي ۾ جيستائين ڀاڱي ڀائيواري ڪونهي تيستائين اُها ترقي جٽادار ترقي نه ٿي چئي سگهجي. ٻين لفظن ۾ ڪم اهڙو ڪجي جنهن ۾ انهن ماڻهن جي شرڪت لازمي هُجي، نه ته اها رٿا رولڙي جو شڪار ٿي وڃي ٿي ۽ ان جا دور درس نتيجا ڪونه ٿا سامهون اچن. شراڪتي ترقي لاءِ مختصر طور هي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته:

پائيدار ترقي، پاڻ ڀرائي، روائتي طريقي کان منهن موڙڻ، دلچسپي پيدا ڪرڻ، منصوبه سازي لاءِ ماڻهن جو اعتماد بحال ڪرڻ، مالڪي ۽ انهن کي قبول ڪرڻ، احساس پيدا ڪرڻ، متحرڪ ڪرڻ وغيره وغيره. جيستائين ڪنهن به شراڪتي ترقي لاءِ مٿين جُزن کي ذهن ۾ رکي ڪم ڪرڻ جي رٿا نه ڪئي ويندي تيستائين اهو منصوبو جنهن جي پويان پئسو، وقت، انساني پورهيو وغيره شامل آهي اهو ضايع ٿيڻ جو انديشو موجود هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته سماجي ادارا اهڙا طريقا پيدا ڪن ٿا جن سان اسان جي معاشري جي مختلف ڌرين کي منظم ۽ متحرڪ ڪيو وڃي ٿو ته جيئن هُو انساني ۽ ٻين وسيلن جو وڌ کان وڌ استعمال ڪن ته جيئن بهتر ۽ قابلِ اعتماد نتيجا حاصل ڪري سگهجن.

سماجي ترقي جا هي ادارا جنهن ۾سرسو پڻ شامل آهي. ان ڳالهه تي زور ٿي ڏئي ته ترقي جي عمل ۾ اتان جي مقامي آبادي کي منظم ۽ متحرڪ ڪرڻ لازمي آهي ۽ ان عمل کي سوشل موبيلائيزيشن تحت ويجهو رابطو ڪري

انهن کي انهي ترقي جي ڌارا ۾ ضرور شامل ڪرڻ گهرجي ته جيئن ٿورڙي وقت ۾ گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ پائيدار ترقي لاءِ انهن جي شرڪت کي لازمي بڻايو وڃي. پائيدار ترقي جي ڌارا کان ڪٽيل اهڙن ماڻهن کي اهو احساس ضرور ڏيارجي ته هو به ٻين جيان سماج لاءِ ڪارائتا فرد آهن.

پائيدار ترقي جي ڳوٺاڻي سطح تي جڏهن اسين ڳالهه ڪيون ٿا ته اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته اسان جو ڪم نهايت غريب ماڻهن سان آهي. اسان کي گهرجي ته اسين هنن کي همت ڏياريون ته جيئن هُنن مان احساس محرومي ختم ٿئي، نه ته شراڪتي ترقي ۾ اڪثر اهو نقطو ظاهر ٿيندو آهي ته ڪم ڪرڻ مهل اسين ڏر تي ويندا آهيون، جنهن جي ڪري اهي نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ويندا آهيون ان ڪري سماج جي انهن ارڏن ماڻهن کي اهو ضرور ويچارڻ گهرجي ته ترقي جي معنيٰ ۽ مفهوم ان وقت موڪلائي وڃي ٿو جڏهن من پسند ماڻهن سان ملي ڪم ڪجي ٿو.



سماجي ترقي لاءِ زندگي ارپيندڙ استاد ٻڌائين ٿا ته گڏيل ترقي لاءِ سڀ کان پهرين ته انهن اڀوجهه ماڻهن کي گڏ ڪيو جن کي اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ۽ انهن کي احساس ڏياريو، ڪين گڏ ڪٽي هلو، ته جيئن هو محرومين ۽ تڪليفن جي ڍبڻ مان آزاد ٿي سگهن.

هميشه ترقي اهي فرد، قبيلا ۽ قومون ئي ڪندا آهن جيڪي تنظيمن کي منظم ۽ جمهوري انداز سان هلائيندي ترقياتي ۽ پائيدار ترقي جو حصو بڻبا آهن. ائين ڪرڻ سان انهن ۾ صحيح وقت تي صحيح فيصلا ڪرڻ جي قوت پيدا ٿيندي آهي، هونئن به ترقي هڪ اهڙو عمل آهي جنهن کان ڪَن لاٿار جي صورت ۾ ناڪاميون ئي پلئه پون ٿيون. جيڪڏهن ترقي جي ان رسي کي مظبوطيءَ سان پڪڙجي ته پوءِ انهن ترقي جي پانڌيئڙن جي ذهنن ۾ نوان نوان خيال، جذبا، تجربا اڀري سامهون اچن ٿا، جيڪي اسان لاءِ مشعل راهه آهن. انهن کي تنظيمن معرفت صرف اهو سمجهائڻو آهي ته توهان ئي ترقي ۽ تبديلي جا اصل محرڪات آهيو. اوهين ئي هن ٻڏندڙ ٻيڙي کي ڪاميابي جي ڪناري پهچائي سگهو ٿا.

ترقي درحقيقت ماڻهن کي اڳتي وڌي حقن جي حاصلات ڏيارڻ جو نانءُ آهي، ترقي ماڻهن جي اعتماد جو نانءُ آهي ۽ اهڙي پائيدار ترقي جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي مستقبل جي تعمير پاڻ ڪري سگهن، پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي انهن ۾ سگهه پئدا ڪجي ته هو به هن معاشري جا نهايت ئي ڪارائتا فرد آهن.

شراڪتي ترقي ۾ ماڻهن جي اندر اهو احساس پيدا ٿئي ٿو ته ڪين فطري طور تي جيڪي حق مليل آهن انهن تائين رسائي جو خواب ساڀيان ٿي سگهي ۽ اُن ۾ ڪين شدت سان اهو احساس ٿئي ته هو جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن اهو ڪنهن ديواني جو خواب ناهي پر هڪ اهڙي تبديلي آهي جيڪا عملي ڪم ڪندي آهستي آهستي پيرڙا ڪٽي صرف انهن وٽ ئي ايندي آهي جيڪي مستقل مزاجي سان ان تبديليءَ سان عشق ڪري ان تبديلي لاءِ جاکوڙيندا ۽ جدوجهد ڪندا آهن.

جڏهن وڪريل، گروهن ۽ ٽولن ۾ ورهايل ماڻهو گڏ ٿين ٿا ته صدين کان ڏاڍ ۽ دهشت جا اهي ڪوٽ لڏڻ شروع ٿين ٿا، جتي انسان جو استحصال معمول بڻيل رهندو هو. جڏهن ماڻهو هٿ هٿ ۾ ڏيئي متحد ٿي پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ ميدان عمل ۾ اچن ٿا ته پوءِ ترقي ٿئي ٿي، ذهن کُلن ٿا. تجربن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ماڻهن کي معاشي ۽ انساني وسيلن جي ڀرپور طريقي سان ڄاڻ ڏجي ۽ انهن کي بهتر طريقي سان هلائڻ جا گس ڏيکارجن ته پوءِ ڪنهن به معاشري ۾ مثبت تبديلي اٽڙ بڻجي وڃي ٿي.

سنڌي سماج جي اها بدقسمتي چئجي جو اسان وٽ انفرادي ترقي ۽ حقن جي حاصلات لاءِ تہ هرڪوئي پتوڙي ٿو پر هيڏين ڪوششن ڪانپوءِ بہ اسين اجان اهڙي مالها پوئڻ ۾ ناڪام ويا آهيون. جتي اسين انفرادي مسئلن کي ڇڏي اجتماعي فائدن لاءِ گڏ ٿيون. اسان مان ڊار ديڳڙي چاڙهڻ واري روش اجان ختم نہ ٿي سگهي آهي. پر ڇتا امڪان اهي نظر ٿا اچن تہ اجتماعي معاملن ۾ گڏجڻ جي هڪڙي راهہ بچي آهي تہ اسين تنظيمن جي مالها ۾ مڙهجي وڃون. اها هڪ نهايت حوصلاافزا ڳالهہ آهي جو ان جا هاڪاري نتيجا سامهون اچڻ شروع ٿي ويا آهن. هي نهايت ئي ڏکيو ڪم آهي پر حالتن سنڌ جي ماڻهن کي اچي اُتي بيهاريو آهي جو منجهن اهو احساس پيدا ٿي پيو آهي تہ گڏجڻ ڪانسواءِ ٻئي ڪا راهہ ڪونهي ۽ سرسو جي ڪارڪنن جي اها ۽ ڪوشش موبلائيزيشن آهي جنهن ذريعي ماڻهو گڏجي ويهڻ نہ پر گڏجي هلڻ لاءِ پڻ تيار آهن. جڏهن ماڻهو اجتماعي مسئلن لاءِ گڏجي ٿو تہ پوءِ اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ناهي تہ اسين ترقي واري گس تي ڪين وني اچڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون.

غربت سنڌ جي ماڻهن جو مقدر ناهي. شايد اهو پهريون دفعو آهي جو هيٺين سطح تي سرسو سنڌ جي 9 ضلعن ۾ اهو پيغام پهچائڻ ۾ ڪامياب وئي آهي، تہ هاڻ گڏ ٿيو. گڏجي ويهي معاملن تي ٽيڪا ٽپٽي ڪريو. معاملن جو حل ڪڍو، ترقي جي وساريل گس کي ڳولهيو، فيصلا سازي جو رڳو حصو نہ ٿيو پر پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ جي پاڻ ۾ همٿ ۽ جرئت بہ پيدا ڪريو. ان پيغام کي سنڌ جي لکين عورتن لبيڪ چوندي اهڙي رستي تي هلڻ شروع ڪيو آهي جيڪا انهن کي هڪ ڏينهن ضرور منزل تي رسائيندي.



ترقي هڪ منظم ۽ نظم وضبط وارا ذهن گهري ٿي. ترقي اعليٰ ۽ صاف ستري سوچ گهري ٿي. ترقي جدت سان گڏ عمل گهري ٿي. اهي سمورا ڪم سرسو سنڌ جي ماڻهن سان گڏ ڪري ٿي ۽ هميشہ ڪندي رهندي. سرسو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ۽ هر وستي ۽ واهڻ ۾ ماڻهن جا اهڙا منظم ادارا ٺاهيندي رهندي جنهن سان ترقيءَ جا ٻج سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن ۾ پوکجي سگهجن. هاڻ وقت جي اها سخت ضرورت آهي تہ ماڻهن کي اهڙي طريقي سان منظم ڪجي تہ جيئن ماڻهو پنهنجن مسئلن لاءِ پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو ڪن ۽ گڏجي ترقيءَ جي منزل ڏانهن وکون کڻن. ان لاءِ اچو تہ اسان شراڪتي ترقي واري سوچ کي اپنايون ڇاڪاڻ تہ جڏهن اسان جي اجتماعي سوچن ۾ ڪو ٽڪراءُ نہ هوندو تہ پوءِ اسان کي اڳتي وڌڻ کان ڪير بہ روڪي نہ ٿو سگهي.

پائيدار ترقي جي پهرين ڏاڪي تي وک رکڻ جو مقصد اهو ٿو ٿئي تہ اسين اهو مورچو کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون، جيڪو انساني ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ هو. جڏهن اها رڪاوٽ هٽجي وڃي تہ پوءِ اجتماعي ترقي جا اهي سڀ در کُلي وڃن ٿا جيڪي نسلن کان وني بند پيل آهن. هن آزادي جي صدي ۾ اسين جيڪڏهن اهو ڪم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ٿا تہ اها وڏي ڪاميابي چئبي ڇاڪاڻ تہ اهو ڪم هن صدي جو سڀ کان وڏو قدم هوندو. ان لاءِ جٽادار ترقي ۾ مستقل مزاجي واري عنصر کي ضرور سامهون رکڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ هي اهڙو نازڪ ڪم آهي جتي سرواڻن جي سوچ، عمل، فڪر، فلسفي، پيغام رسائي ۾ ڪوبہ تضاد نہ هُجي ۽ پوءِ دنيا ڏسندي تہ ان سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيئن نہ ٿي بهتري اچي، انگ گهاڙا ۽ پيٽ بکايل ماڻهو ڪيئن نہ ٿا انساني ترقي ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن. اها پرهہ ڦٽي، ڦٽندي نظر ٿي اچي ۽ اها سوچ هڪ ڏينهن پنهنجا ايترا گهرا اثر ڇڏيندي جو هي عمل دنيا جي ٻين ماڻهن لاءِ مثال بڻجي ويندو ۽ ان جي سرواڻي جو تاج سرسو اداري مٿان ايندو جنهن جي ڪارڪنن جي محنت هڪ ڏينهن ضرور اجتماعي طور رنگ لاهيندي.




# گگدامن جي بهبودي وارو پروگرام

سليم الله چنه
NRM ڪوآرڊينيٽر

گڏهه ۽ گهوڙن جي اهميت ڪي اهو ڄاڻي، جنهن جي آمدني جو ذريعو بگي (ٽانگو) يا گڏهه گاڏو هلائي روزي ڪمائڻ هوندو. اٽڪل 4000ع عيسوي سن اڳ گڏهن کان وزن ڍورائڻ، سواري ڪرڻ جهڙا ڪم ورتا ويندا هيا. گڏهن پهرين جنگ عظيم ۾ اسلح ڍورائڻ، ڪاڌ خوراڪ جو ڏڪين پيچرن ذريعي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچائڻ طور ڪم ايندو هيو. رچرڊ اليگزينڊر "ڊڪ" ان جنگ دوران زخمي فوجين کي اسپتال تائين پهچائڻ جو ڪم پڻ گڏهن کان وٺندو هو.

جانسن سپمسن برطانوي رهاڪو جنهن آسٽريليا ۽ نيوزي لينڊ جي فوجين ۾ آفيسر طور ڪم ڪيو، ان به جنگ دوران Rescue جو ڪم گڏهن کان ورتو. اٽليءَ جي فوج پڻ جبل جهاڳڻ لاءِ ويڙهه دوران ساڳيا ئي ڪم گڏهن کان وٺندي هئي. اڄ افغانستان ۾ پڻ گڏهن کان جنگي هٿيار ڍورايا ويندا آهن، سي به ساڳيو ڪم 4000ع عيسوي سن کان به اڳ ڪندا رهيا آهن ۽ اڄ تائين جاري ساري آهي.



1930ع ۾ اهڙي جنگ دوران مسمات ڊورٿي 'Dorthy' بروڪ جيڪا پڻ جرنيل جي زال هئي تنهن هزارين اهڙا زخمي ٿيل گڏه مرٽينگ حالت ۾ ڏٺا جن کان جنگي ڪم وٺڻ بعد سندن ديک ڀال، ڪاڌ خوراڪ نه ٿيو پر زخمن جو علاج به ڪوئي ڪونه ڪري رهيو هيو ۽ ڪم وٺڻ بعد کين ڦٽو ڪيو ويندو هو. تنهن مائيءَ ڪي، گگدامن تي کهل اچي وئي. ۽ هن هڪ خط مارننگ پوسٽ اخبار ۾ ڇپرايو، جنهن ۾ پبلڪ کي اپيل ڪندي، سندن ان طرف ڌيان ڇڪرايو نه هو مالي سهڪار ڪن نه جيئن گگدام جانورن جو علاج معالج ڪرايو وڃي.. بروڪان بيگم Mrs. Brooke جي اهڙي اپيل تي پبلڪ ڌيان ڌريندي پهرين سٽ ۾ ويهه هزار پائونڊ چندي طور ڏنا ويا، جنهن مان 5000 گڏهه تندرست ۽ سگهارا ٿي ويا.

1933ع ۾ Mrs. Brooke هڪ ڪميٽي ناهيندي گڏهن ۽ گهوڙن جي علاج معالج جو باقاعده پايو وڌو ۽ 1934ع ۾ Old war horse Memorial Hospital جو قيام پيو، جتي مفت ۾ گڏهن ۽ گهوڙن جو باقاعده علاج ڪيو ويندو هيو، ان بعد بروڪ اسپتال براءِ گڏهه گهوڙا ۽ خچر Brooke Hospital for Animals هڪ خيراتي اسپتال جو وجود پئجي ويو. لنڊن کان هلندي، اڄ ڪلهه هي اسپتال مذڪوره جانورن جي لاءِ 20 ملڪن ۾ ڪم ڪري ٿي. جنهن ۾ تقريباً 1800 فيلڊ ملازم آهن.



گهوڙن جي تاريخ به پڻ ساڳئي روئداد بيان ڪري ٿي، تاريخ جا ورق اٿلائبا ته ته ماڻهن زر زن ۽ زمينن تي انساني خون وهائيندي گهوڙن تي چڙهي تلوارون نيزا ۽ ڀالا هلايا. ملڪن ۽ سلطنتن جا چوڏا لاهيندي گهوڙن کي استعمال ڪندي قتل عام ڪيا. نتيجي ۾ پاڻ کي فاتح اعظم، جهڙن لقبن سان به نوازيندا رهيا. هي گگدام جانور پڻ سچائي ۽ وفاداري جي علامت رهيا آهن. ويجهڙائي ۾ انگريز سرڪار جي خاتمي ڪانپوءِ آهسته آهسته گهوڙو گهٽجندو ويو ۽ ان جي جاءِ مشيني سواري والاري.

ان ڪان اڳ شاهه، بادشاهه، سرڪاري عملدار ٽانگن جي سواريءَ کي نهايت ئي عمده ۽ عاليشان بادشاهي شوق سڏيندا هيا. ڪجهه سگهورا ته اڄ سوڏو پنڻ وارو پورهيو گهوڙن تي ڪن. عام ڪهاوت آ ته ”ڏبرو گهوڙو ۽ سيٽيل سوار“ ڏسو ته پڪ سمجهجو ته ڪو سگهورو آ. جنهن کي خير، خيرات گهرجي ساٻه ناڪ ڦوڪ ۽ حق خودمختياريت سان ڪنهن زميندار جي ديري تي ديرو وجهندي عاليشان نموني سان اَنَ جا ٽويا وٺي رمندو رهڻ رعيت تي حق آ نه ته ڪاوڙجي پٽون پاراتا ٿو ڏئي.

2009ع ڪان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن گگدام جانورن جي بهبوديءَ جو پروگرام، بروڪ اسپتال براءِ حيوانات جي مالي سهڪار سان ضلع جيڪب آباد ۾ هلايو. 2010ع ۾ پروگرام کي وڌائيندي سکر ضلعو به شامل ڪيو ويو ۽ 2011ع ۾ وري چئن ضلعن ۾ اهڙو پروگرام اڄ تائين هلي رهيو آهي، جيڪو پنهنجو نوعيت جو منفرد پروگرام آهي. ان پروگرام ۾ سرسو جو 46% حصو ۽ بروڪ جو 54% مالي امداد شامل آهي.



هن پراجيڪٽ تحت جيڪي مذڪوره جانورن لاءِ ڪم ڪيا تا وڃن انهن جو تفصيل ڪجهه هن ريت آهي.

هر ضلعي ۾ موبائيل ڊسپينسري واري گاڏي آهي، جنهن ۾ وٽنري ڊاڪٽر، بمع اسسٽنٽ ۽ ڊرائيور جي مفت ۾ علاج معالج ڪرڻ لاءِ گڏهه گهوڙن جي مالڪن سان لهه وچڙ ۾ اچن ٿا.

هر ضلعي ۾ پاڻي پيارڻ لاءِ ٽب نهرائي ڏنا وڃن ٿا. گڏهن کي ڇانوَ ۾ بيهارڻ لاءِ ڇپرا ٺهرايا وڃن ٿا. جانورن جي مالڪن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ مختلف نقطا ڪين بڌايا ويندا آهن. جن جو ٿلهي ليکي وچور هن ريت آهي.

1. جانورن کي صحيح ۽ مناسب کاڌ خوراڪ کارائي وڃي. (سائو چارو وغيره)
2. گرمي جي صورت ۾ ڪين اُس ڪان بچائيندي ڇانوَ ۾ رکيو وڃي.
3. ڏينهن ۾ 7 ڪان 8 ڀيرا ڪين پاڻي پيئاريو وڃي.
4. جانورن تي سنج اهڙا رکيا وڃن جيڪي زخم پيدا نه ڪن.
5. سنڌن پيرن ۾ نال آرام ده ۽ وٽنري ڊاڪٽرن جي تجويز مطابق لڳايا وڃن.
6. بيمار جانورن کي فوراً جانورن جي اسپتال جي عملي سان رجوع ڪرڻ گهرجي.
7. جانورن کي پاڻي پيئارڻ لاءِ پاڻي جون ٽانڪيون ٺهرايون وڃن.

8. جانورن کي گرمي کان بچائڻ لاءِ ڇانو وارا ڇپرا ٺهرايا وڃن.
9. گڏهه گهوڙن، خچرن جي مالڪن کي پاڻ ۾ تنظيمون ٺاهڻ گهرجن ته جيئن جانورن جي صحت سنڀال لاءِ گڏجي ڪم ڪري سگهن.
10. جانورن کي روزانه شام جو جسم تي برش ۽ ڪرڪري سان صفائي ۽ مالش ڪرڻ گهرجي.
11. گرميءَ ۾ جانورن کي وهنجارڻ انتهائي ضروري آهي.
12. جانورن لاءِ صاف، خشڪ ۽ نرم اسطبل جو هجڻ ضروري آهي.
13. جانورن جي بروقت نالبندي ڪرڻ گهرجي.
14. جانورن تي رحم ڪرڻ انتهائي ضروري آهي.
15. گرميءَ ۾ گڏهن کي اڌ مُٺ ۽ گهوڙن هڪ مُٺِ لوڻ پاڻي ۾ ملائي پيارڻ گهرجي ته جيئن گرميءَ کان بچاءُ ٿي سگهي.



هن پروجيڪٽ جي سرگرمين کي ڏسڻ لاءِ بروڪ جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد فاروق، محمد شفيع، ڊاڪٽر شير نواز، ميجر عاصم، ڊاڪٽر شاهه بخت وفد جي صورت ۾ سرسو جي چئن ضلعن جي دوري تي آيا جتي هنن پروگرام جي سرگرمين Activities ۾ شرڪت ڪندي، گڏهه گهوڙن لاءِ ٺاهيل ڇپرا، پاڻي جا ٽب ۽ هلندڙ علاج معالج جو روبرو معائنو ڪيو ۽ گڏهه گهوڙن جي مالڪن سان حال احوال اوريو.

هنن ضلعي مئنيجرس سان ملاقاتون ڪندي، پروجيڪٽ کي سٺي نموني هلائڻ لاءِ ويچار ونڊيا. هن دوري دوران وفد، سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ پروگرام تي اطمينان جو اظهار ڪيو. چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي آيل وفد جي مانَ ۾ رات جي مانيءَ جي دعوت جو اهتمام ڪيو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ان عزم سان هي خيراتي ڪم ڪري رهي آ ته جيئن عوام الناس کي احساس ٿئي ته جانور جن سان غريب ماڻهن جو روزگار وابسطه آهي ۽ ڪمائي پيٽ پالڻ جو ذريعو آهن تن جو ته خيال ڪيو ئي وڃي. پر اهوبه احساس ڏيارائڻ آهي ته انسان جيڪو "لقد خلق الانسان في احسن تقويم" جي حيثيت ۾ آيو آهي تنهن تي فرض عائد ٿئي ٿو ته هو سنجيدگي سان معاشري ۾ اصلاحي ڪم ڪندي، معاشري جي بيمارين، ناسورن زخمن ۽ ڦٽن تي مرهم رکندي ان سماج کي پڻ تندرست چاڪ چڱو ڀلو رکي ڪري هلي ته جيئن جيئري ئي جنت جو منظر پسي سگهجي.

*



# محمد علي جي زباني

الطاف احمد ڪلهوڙو
جونيئر لائيولي هوڊ آفيسر گهوٽڪي.

محمّد علي گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ ٻيرڙي جو رهواسي آهي. هي ڳوٺ سرسو يونٽ آفيس کان 13 ڪلوميٽر اوڀر طرف لڳ ڀڳ 60 گهرن تي مشتمل آهي. محمد علي جي هن وقت عمر 70 سال کن آهي. ڄمڻ کان عمر جي هلندڙ ان پوڙهائپ واري عرصي تائين محمد علي تمام گهڻيون تڪليفون ۽ ڏک سَٺا آهن. پر ڪڏهن بہ همت نہ هاريائين، بلڪ آيل مصيبتن کي بهادريءَ سان مُنهن ڏنائين. هِن تڪليفن سان جنگ جوٺڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هئو.

محمد علي ٻڌائي ٿوتہ: جڏهن آنءُ ننڍو هو تہ اڌرنگي جي جهٽڪي مون کي هڪ اک ۽ هڪ ٻانهن کان معذور ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن مان ننڍپڻ ۽ ٻاراڻي خيالن کان نڪتس ئي مس تہ والده ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ والد بہ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري حقيقي مالڪ سان وڃي مليا. پوءِ منهنجي چاچي مٺي تي هٿ رکيو ۽ معذوريت مون کي پاليو. آنءُ تڪليفن وارين گهڙين مان نڪري پنهنجي زندگيءَ کي اڳتي ڌڪڻ لاءِ سوچڻ لڳس. پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪڪائين گهر جي ٻاهران ڳوناڻي سطح تي هڪ دوڪان کوليم.

منهنجي سٺي اخلاق سبب دوڪان سٺو هلڻ لڳو. ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ منهنجا مالي حالات بهتر ٿيڻ شروع ٿيا، ۽ پوءِ مون پنهنجي عزيزن مان شادي بہ ڪئي. وقت گذرندي ويرم ئي نہ لڳي تہ مون کي 3 نياڻيون ۽ 3 پٽن جي اولاد ٿي. پنهنجي گهر ۽ ٻارن سان سٺو وقت گذري پيو تہ اوچتو زندگي پنهنجو موڙ بدلايو. منهنجي پنهنجي مائٽن سان گهرو اٽبٽت ٿي پئي. جنهن ۾ منهنجو دوڪان پڻ تباهيءَ جو شڪار ٿي ويو. جنهن جي ڪري آنءُ ڏاڍو پريشان رهڻ لڳس. پنهنجي گهر جي چرخي کي هلائڻ لاءِ مون کي ڪنهن ٻئي روزگار جي سخت ضرورت پئي.

گهر جي چلهہ ٻارڻ لاءِ مون اڌوراڻو گڏهہ گاڏو خريد ڪيو ۽ روزانو صبح سوير گهوٽڪي شهر ۾ گاڏو ڊوڪائي روزگار جي تلاش ۾ نڪري ويندو هوس ۽ سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري سج لٿي پنهنجي ٻارن جي لاءِ ڪجهہ کائڻ پيئڻ جون شيون وٺي اچي گهر پهچندو هوس.

جڏهن پُٽڙا ٿورڙا جوان ٿيا تہ هو بہ محنت مزدوري ڪرڻ لڳا، ۽ ائين گهر جو گذر سفر بهتر ٿيڻ لڳو. وقت گذرندو رهيو. مون نياڻين جو بار پنهنجي سِرَ تي محسوس ڪيم ۽ نياڻين سان گڏ پٽن جي بہ سادگيءَ سان شاديون ڪرائي ڇڏيم.

پٽن کي موڙ ٻڌي گهوٽ ڪري اڱڻ تي خوشيون ڏسڻ تہ هر پيءُ جي خواهش هوندي آهي، ۽ مون ائين ئي ڪيو. مونکي اها ڪَل ئي نہ هئي تہ منهنجي اولاد ئي اڱڻ جون سموريون خوشيون ٻهاري مون کي اڪيلو ڇڏي وڃي الڳ الڳ زندگي گذارڻ لڳندا. ۽ مون لاءِ وري ساڳيا تڪليفن وارا ڏينهن اچي اڱڻ تي واهيرو ڪندا. سوچيم تہ شايد "ڏکن پنيان پويان سک بہ اچن" انهيءَ دوران سرسو اداري جي ٽيم غربت جي سروي دوران ٻيرڙي ڳوٺ ۾ پهتي. انهيءَ دوران منهنجي بہ سرسو جي LEP Project "روزگار جي واڌاري ۽ ان جي تحفظ واري منصوبي" جي ٽيم سان ملاقات ٿي. مون بہ پنهنجي غربت جي درد ڪهاڻي ڪين ٻڌائي ۽ مون پاڻ کي روڪي نہ سگهيس ۽ روئي



وينس. سرسو جي ٽيم مون کي همٿ ۽ حوصلو ڏياريو ۽ همدردي جي خاطري ڪرائي. انهيءَ دوران هن پنهنجي بند پيل دوڪان ڏي نهاري ٿڌو ساهُ پريو ۽ چيو ته ڪاش! منهنجو دوڪان ٻيهر آباد ٿي وڃي ته پاڳ پلا ٿي پوندا. مون کي سرسو جي ٽيم انهيءَ بند پيل دوڪان کي ٻيهر هلائڻ جي خاطري ڏياري. ۽ پوءِ ٿورن ئي ڏينهن ۾ سرسو جي ٽيم مون وٽ آئي ۽ هن کي -/24000 هزارن جو سامان وٺرائي ڏنو مون بند پيل دوڪان جو تالو ٻيهر کوليو ۽ هڪ دفعو ٻيهر مون کي اُها ساڳئي خوشي نصيب ٿي جيڪا مون الائي ڪيترا سال پهريان وڃائي ڇُڪو هوس. هاڻ ته پوڙهو ٿي ويو آهيان. جڏهن مون ٻورن ڪٽڻ جا بارَ پنهنجي ڪلهن تان لهندي محسوس ڪيا ته مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي هُئي.

محمد علي جو دوڪان هڪ دفعو ٻيهر سامان سان ڀرجي ويو. ٿوري ئي عرصي ۾ سندس جو گذرسفر بهتر ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي. محمد علي جو هاڻ چوڻ آهي ته ڪرم آهي انهيءَ مالڪ جو جنهن جي هٿ ۾ رزق ۽ موت آهي. انسان کي همٿ نه هارڻ گهرجي، سرسو جي ”روز جي واڌاري ۽ ان جي تحفظ واري منصوبي“ ته منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي، تمام گهڻي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان، دل ۾ سوچيان ٿو ته ڪير ٿو پوڙهائپ ۾ ڪنهن جي سارَ لهي ۽ مدد ڪري، جتي پنهنجا سڳا پٽ به الڳ الڳ ٿيو وڃي. مون ڪڏهن ايئن سوچيو به نه هيو ته ڪو اهڙو ادارو هن دور ۾ به آهي جيڪو ايڏي وڏي پيماني تي اسان غريبن جي سهڪار ڪري سگهي ٿو. ٿورائتو آهيان سرسو جي سربراهه ۽ ٽيم جو جن جي عظيم ڪوشش سان هي ممڪن ٿي سگهيو آهي ۽ مون مسڪين تي ايڏي وڏي مهرباني ٿي آهي.

### * سهڻا سخن *

- خواهشن کي جنهن ختم ڪيو گويا ان مصيبتن کي ختم ڪريو.
- جنهن علم حاصل ڪري ڪائي خوبي حاصل نه ڪئي ۽ نه ئي روحاني ترقي ڪيائين اهي زمين تي بوجهه آهن.
- انسان جي طبيعت جو حال ان جي ننڍن ننڍن ڪمن مان ملندو آ، نه کي وڏن ڪمن مان، ڇوته وڏا ڪم هو ڏاڍي سوچ ويچار بعد ڪندو آهي.
- جيستائين مڇي جو منهن بند هوندو آ، هوءَ ڪُنڍيءَ جي شڪنجي ۾ نه ڦاسندي آ.
- علم جي طلب ۾ شرم مناسب ناهي ڇوته جهالت شرم کان خراب آهي.
- هر ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه عقل رکي ٿو. ليڪن هر ماڻهو عقل کان ڪم نٿو وٺي.
- جنهن جون دليون ماڻهن جي خوف کان آزاد هونديون آهن. شهرت ۽ نيڪ نامي ان جي حصي ۾ ايندي آهي.
- جيڪو شخص هڪ روپيو چورائي اهو چور آ، جيڪو هڪ لک چورائي اهو فنڪار آ.

# تنظيمن ۾ رابطي جي اهميت

سونا خان رند بلوچ
پروگرام آفيسر MER



سنڌ جي ٻوٺاٽي ترقي لاءِ جاکوڙيندڙ ادارا ان ڳالهہ کي تمام گھڻو سنجيده ورتو آهي تہ هن جديد سائنسي ۽ تيزي سان رابطو پکيڙيندڙ ذريعن کي استعمال ڪجي تہ جيئن بروقت ۽ صحيح معلومات پهچي سگهي ۽ اهائي هن دؤر جي گهرج آهي. پنهنجي ڳالهہ کي مناسب وقت تي ۽ اثرائتي طريقي سان ٻين تائين پهچائڻ جا اسان وٽ جيڪي ذريعا موجود آهن. انهن ۾ ريڊيو، اخبار، ٽيليويزن ۽ موبائيل جو استعمال وغيره اچي وڃي ٿو.

ابلاغ "رابطي" جي معنيٰ آهي. ماڻهن تائين پنهنجا خيال، نظريا، انداز فڪر ۽ معلومات پهچائڻ يا ڪٺي ائين چئجي تہ ڪابہ ڳالهہ ڪئي وڃي تہ اها لکت ۾ هُجي، اشتهارن ۾ هجي، تصويرن ۾ هُجي، ڪارٽون جي صورت ۾ هُجي ان جي پويان ڪونہ ڪو مقصد لڪيل هوندو آهي. اهو پڻ رابطي جو هڪ ذريعو آهي ۽ رابطہ ڪاري جو هڪ منظم نيٽ ورڪ ٺئي ٿو جتان متين صورتن ۾ پيغام هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ تائين پهچي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن جديد دور ۾ ماڻهو ان جو اثر تڪڙو قبول ڪري وٺي ٿو.

ابلاغ جا ذريعا عام طور تي ٻن قسمن جا ٿين ٿا جن جي ذريعي اسين پنهنجا خيال ٻين تائين پهچايون ٿا.

(1) روبرو ڳالهہ ٻولهہ (2) ابلاغ عامہ مطلب سڌسماء جا ذريعا.

روبرو گفتگو ۾ اسين انفرادي طور تي ڪيل گفتگو گروپ ۾ ٿيل گڏجاڻي ۽ ڪچهرين کي شامل ڪريون ٿا.

**ابلاغ عامہ** : هن ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا، انٽرنيٽ، ريڊيو، ٽيلويزن، سئنيما وغيره شامل آهن جڏهن تہ پرنٽ ميڊيا ۾ اخبار، رسالو، پوسٽر، اشتهار، پمفليٽ وغيره شامل آهن.

تنظيمن جو پنهنجو پاڻ ۾ رابطو مطلب ميمبرن جو ميمبرن سان رابطو يا عهديدارن جو ميمبرن سان رابطو يا ٻوٺاٽي تنظيمن جو ادارن سان رابطو روزمره جو معمول آهي. ان لاءِ لازمي هجي ٿو تہ ٻولي نهايت سادي، عام استعمال ڪئي وڃي يا ان ذريعي لکپڙه يا ڳالهائي وڃي جيڪا هڪ ئي وقت سيني کي سمجهہ ۾ اچي ۽ سولائي سان ان جي معنيٰ مفهوم کان واقف ٿي وڃن.

اهو معلوم ڪرڻ نهايت لازمي آ تہ جيڪا ڳالهہ پاڻ جنهن موقعي تي ڪئي آهي يا ڳالهہ لکت جي صورت ۾ ماڻهن وٽ پهتي آهي. ڇا اها ڳالهہ انهن جي سوچ سان مشابهت رکي ٿي يا اها ڳالهہ يا اها لکت انهن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي؟ جيڪڏهن تنظيمي ساٿي سامهون هجن تہ ڳالهين جو ورجاءُ ڪجي ۽ اها تسلي ڪجي تہ سامهون واري توهان جي ڳالهہ جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهيو بہ آهي يا نہ؟ يا اها ڳالهہ جيڪا توهان چوڻ چاهيندا هجو تہ ڇا اها ڳالهہ موقع جي مناسبت سان صحيح بہ آهي يا نہ؟

ٻڌڻ: بهتر طريقي سان رابطي لاءِ ضروري آهي تہ رڳو پنهنجي ڳالهہ کي ٻين تائين نہ پهچايو پر ان لاءِ اهو پڻ ضروري آهي تہ ٻين جي ڳالهہ کي پڻ غور سان ٻُڌو. اڪثر ڪري ماڻهن کي اها شڪايت هوندي آهي تہ اسان جي ڪوبہ ڳالهہ ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي. ماڻهن کي غور سان ٻڌڻ جي همٿ پئدا ڪجي تہ جيئن ماڻهن ۾ اهو

احساس پيدا ٿئي ته هنن جي ڳالهه کي همدردي جي بنيادن تي ٻڌو به تا ۽ اُن سان توهان کي دلچسپي پڻآهي، تنظيمن جي ڪاميابي جو هڪ عنصر اهو پڻ آهي ته انهن کي ٻُڌڻ وارو انهن جو سڌ ورنائڻ وارو به ڪو آهي.



**ٻه طرفي گفتگو:** اهڙي گفتگو يا رابطو وڌيڪ اثرائتو ۽ پائدار هوندو آهي جيڪو ٻه طرفو هُجي مطلب پنهنجي ڳالهه اثرائتي طريقي سان رکي وڃي ۽ ٻين جي ڳالهه کي پڻ غور ۽ توجهه سان ٻُڌو وڃي ته جيئن اُن کي اهو احساس نه ٿئي ته ڪو ڪيس شعوري طور تي نظرانداز ڪيو پيو وڃي ۽ هو پنهنجي خيالن جو اظهار نه ڪري سگهن يا پنهنجي ڳالهه جيڪا هو چوڻ چاهيندا به هُجن ۽ چئي نه سگهن. جنهن سان انهن جي اندر ۾ هڪ قسم جو مونجهارو پيدا ٿيڻ جو پڻ خدشو رهي ٿو. پر جيڪڏهن خوش مزاجي نهايت ئي شفيق ۽ مهربان رويي سان ڪين ٻڌو وڃي ائين ڪرڻ سان انهن ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي. ڪن موقعن تي هُو اهڙا شاندار مشورا ڏئي ٿو جنهن سان ڪم ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. ائين نه ڪرڻ سان ماڻهو هڪ طرف پريشان ٿيو وڃي ته ٻئي طرف انهن جا خيال منتشر ٿي وڃن تا ۽ معاملن ۾ انهن جي ڪا دلچسپي ڪونه ٿي رهي.

## رابطو ڇا آهي ؟

رابطو هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن جي ذريعي انسان با معنيٰ ۽ با مقصد پيغام پهچائي سگهي ٿو، جنهن ۾ نظريا خيال، احساس ۽ معلومات کي هڪ ٻئي تائين پهچايو وڃي، مڪمل رابطو هميشه ٻه طرفو هوندو آهي ۽ ان عمل کي ابلاغ/ رابطو چئبو آهي.

**موضوع تي مهارت هجڻ نهايت ضروري آهي:** هر رابطي لاءِ ضروري آهي ته ڳالهه ڪندڙ پنهنجي موضوع تي دسترس رکندڙ هُجي ۽ بلڪل واضع ۽ چٽي نموني اهو سمجهائي سگهي ته هُو چوڻ چاڻو چاهي ۽ ڇا سامهون ويٺل ماڻهو هن جي ڳالهه ۾ دلچسپي به وٺن تا يا نه. ۽ جيڪا ڳالهه چوڻ چاهيندو هُجي ته ڪوشش ڪري ان کي تمام سولي ۽ سادي طريقي سان بيان ڪري ۽ اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪري جنهن جو ان وٽ ڪو دليل يا ثبوت موجود نه هُجي. يا ان جي ڳالهائڻ ۾ ڪنهن جي دل آزاري نه ٿيندي هُجي. اهو نقطو پڻ ياد رکڻ گهرجي ته ڪا ڳالهه ڪرڻ رسمن ڳالهه ڪرڻ نه هوندي آهي پر اها ڳالهه يا اها سندن سوچ ٻين جي ذهنن ڏانهن منتقل ڪرڻ هوندي آهي. ان ڪري ڪوشش ڪجي ته واضع، جامع ۽ سادي زبان ۾ اها ڳالهه چوڻ گهرجي.

جامع، واضع، سچائين ۽ حقيقت تي ٻڌل پيغام بهتر رابطي لاءِ ضروري آهي ته جيڪو پيغام ٻين تائين پهچايو پيو وڃي ان ۾ ڪنهن به قسم جو داخلي يا خارجي مونجهارو نه هُجي ته جيئن سامهون وارو ان کي بنا ڪنهن هٻڪ جي سولائي سان سمجهي سگهي.

**ڳالهه کي غور سان ٻڌڻ جا طريقا:** ڳالهه کي نهايت ئي غور سان ٻُڌڻ گهرجي ته جيئن سمجهه ۾ اچي سگهي ته سامهون وارو ڪهڙي ڳالهه چئي رهيو آهي ان جو مقصد، معنيٰ ۽ مفهوم ڪهڙو آهي؟

جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي يا ذهن ۾ ڪو مونجهارو هُجي ته اها ڳالهه ڪندڙ کان ضرور وضاحت طلب ڪيو ۽ وضاحت اهم نقطو آهي ته جيئن اهو چٽي طرح صاف هُجي ته ڳالهه ڪندر ۽ ڳالهه ٻڌندڙ جي ڳالهين ۾ ڪو به تضاد ڪونهي.

ڳالهہ کي ورجائڻ گھرجي، جنھن مان ظاھر ٿئي تہ ڪيل ڳالهہ ٻولهہ اوھين چڱي طرح سمجھي ويا آھيو.
ڳالهہ جو نچوڙ ڳالهہ ٻولهہ جي آخر ۾ اھو نچوڙ اعتماد جو دليل ھوندو آھي تہ ٻُڌائيندڙ پنھنجي ڳالهہ پنھنجو پيغام ماڻھن تائين پھچائي ڇڏيو آھي ۽ ٻُڌندڙ اھو سڀ ڪجھہ سمجھي ويا آھن جيڪا ڳالهہ ھو ڪري رھيو آھي.

**تنظيمن جي اندر رابطہ ڪاري جي اھميت**

- تنظيم جي سيني ميمبرن جو پاڻ ۾ گھرو لاڳاپو ھُجي.
- تنظيم جا سڀئي ميمبر ھڪٻئي کي بھتر طريقي سان سمجھي سگھن.
- تنظيم جي ميمبرن کي ھڪٻئي جي تجربن مان سکڻ گھرجي.
- تنظيمن کي رابطہ ڪاري تيز ڪري پنھنجي صنف کي مظبوط ڪرڻ گھرجي.
- ڪم جي نوعيت کي سمجھندي وقت سر ڪم ڪار کي پورو ڪرڻ گھرجي.
- آئيندي جي رٿابندي ۽ ڳوٺن جي ترقي لاءِ واضع منصوبا سازي ڪري سگھجي.
- رابطہ ڪاري ۽ رضاڪاريت واري جذبي جي مؤثر طريقي سان پوئيواري ڪرڻ.
- مقامي وسيلن جي استعمال جي مؤثر رٿابندي ڪرڻ.
- ھنري سکيا ۽ مارڪيٽ تائين گھرج ۽ رسائي کي يقيني بنائڻ.
- جديد طريقن کي استعمال ڪندي حالتن جي گھرج موجب موقعن جي تلاش ڪرڻ.
- مقامي سطح تي تنظيمن جي گڏيل نيٽ ورڪ جوڙڻ لاءِ سرگرميون ڪرڻ.
- پئدا ٿيندڙ تڪليفن ۽ مشڪلاتن جو گڏجي ۽ ڀمي مقابلو ڪرڻ.
- پنھنجا فيصلا گڏيل طور تي ڪرڻ خود ڪرڻ جي جرئت پئدا ڪرڻ.
- مقامي سطح تي پنھنجي مسئلن جي لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ.



مٿين ڪوشش سان تنظيمن جي اندر جيڪا رابطہ ڪاري جي کوٽ نظر اچي ٿي ان کي گھٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ اھي تنظيمون جيڪي تبديلي جو اصل اھڃاڻ آھن. انھن کي پنھنجي پيرن تي بيھڻ ۾ مدد ملندي ۽ اھو ڏينھن پري نہ ھوندو جڏھن سماجي ناانصافين جو خاتمو ايندو ۽ جديد دور جي گھرجن موجب تنظيمون پڻ پنھنجو پاڻ کي ان ڌارا ۾ آڻينديون جڏھن اھڙي صورتحال سامھون نظر اچڻ شروع ٿي تہ اھو پڪ سان چئي سگھجي ٿو تہ ھاڻي تڪليفن جو خاتمو ايندو ۽ اميدن جو ھڪ نئون سج اڀرندو، غربت ختم ٿيڻ طرف وک وجھي سگھبي، ٻوسٽ ۽ اوندھہ واري ماحول کان نجات حاصل ڪندي ٻڌي ۽ ايڪي سان خوشحال سماج جي پيڙھہ جو پٿر رکي سگھبو.

**

# وقت جي ضرورت

فاطمہ چنہ
سوشل آرگنائيزر- راڻيپور يونٽ



اڄ جي دنيا تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي، ۽ اسان کي ان سان گڏ هلڻ تمام ضروري آهي. پر ان لاءِ قوت افراد سان گڏ پئسن جي بہ ضرورت آهي. هاڻ مسئلو هي آهي تہ پئسا ڪيئن ڪمائجن؟ پئسا ڪيئن بچائجن؟ اسين جيڪو ڪجهہ ڪمايون ٿا، سو سڀ کپايون ٿا. اهڙين حالتن ۾ ترقي ڪيئن ممڪن آهي؟. سرسو انهيءَ ناممڪن کي ممڪن بنائڻ لاءِ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو آهي.

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرسو تنظيم سازي جي صلاح ڏئي ٿو. جنهن جو مقصد آهي غربت کي گهٽائڻ غريب ماڻهن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن کي ڪارآمد بنائڻ ۾ سهڪار ڪرڻ. قرض جي بار مان آزاد ٿيڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ ۽ عام رواجي زندگيءَ ۾ ننڍن وڏن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيدگي سان سوچڻ ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان کي تنظيمون ٺاهڻ گهرجن، جن ۾ ذات پات رنگ نسل مذهب ۽ سياست جو ڪوبہ عمل دخل نہ هُجي. تنظيمن جو مقصد صرف ۽ صرف غربت کي گهٽائڻ ۽ ترقي طرف قدم وڌائڻ هئڻ گهرجي ۽ انسانيت جي خدمت جو جذبو شامل هجڻ گهرجي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جڏهن ڳوٺ شهيد محمد صديق ناريجي ۾ عورتن جي تنظيم جوڙي تہ انهن سين ڳالهين کي گڏجاڻين ۾ نظر ۾ رکيو ويو، عورتن کي پنهنجي ڪاريگراڻي مهارتن کي اڃان بہ اجاگر ڪرڻ جي موقعن بابت آگاهي ڏني وئي. تنظيم "ماروي" جي نازل خاتون جيڪا هڪ ميمبر جي حيثيت ۾ تنظيم ۾ شامل ٿي، تنهن پڪو پهہ ڪيو تہ سرسو اداري کان تربيت وٺڻي آهي ۽ پنهنجي آئيندي کي روشن ڪرڻو آهي. پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ نازل خاتون تنظيم جي عورتن سان صلاح مشورو ڪري هڪ قرارداد لکي ڏني مشين جي ڀرت لاءِ، چوتہ هٿ جو ڀرت تہ اڳ ئي ڪيس اچي پيو، پنهنجي صلاحيتن کي اڃان بہ اجاگر ڪرڻ لاءِ سکيا تمام ضروري سمجهائين. قرارداد منظور ٿي تہ نازل خاتون راڻيپور يونٽ



تي مشين جي برٽ جي سکيا وٺڻ شروع ڪئي. نازل چوي ٿي تہ: جڏهن مون تربيت پوري ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ برٽ جو ڪم شروع ڪيو تہ عورتن جي وڳن سان گڏ ٻارڙن ۽ مردن جا وڳا بہ برٽ لاءِ اچڻ لڳا. جنهن سان منهنجي آمدني ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. الله جو شڪر آهي هاڻ آءٌ ماهوار 3 کان 4 هزارن تائين ڪمائيندي آهيان، جنهن مان آءٌ بچت بہ ڪندي آهيان، منهنجا ٻہ ٻار اسڪول بہ پڙهن پيا جنهن جي فيس پڻ هاڻ ڏيندي آهيان، مون محسوس ڪيو تہ هيءَ تربيت منهنجي لاءِ ڪيتري نہ فائدي مند ثابت ٿي آهي، جنهن جو اندازو ٻيو تہ ڪوئي نٿو لڳائي سگهي. بس دعا آهي تہ شال ايئن ئي ادارو ڪم ڪندو رهي تہ جيئن اسان جهڙين عورتن کي پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو ملندو رهي ۽ هنرمند عورتون پنهنجي هنر صلاحيتن ذريعي گهر جي آمدني کي وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿينديون رهن. هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسين پاڻ کي وقت جي ڌاڳي ۾ پوئي زندگيءَ جي خوبصورت ڳلي ۾ وجهون تہ جيئن اسين پاڻ کي هن معاشري جون زنده باوقار ۽ انسانيت جون علمبردار ثابت ڪري سگهون ۽ اهائي وقت جي ضرورت آهي.

# ڪامياب تنظيم

زاهد سومرو
پروگرام آفيسر NRM

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سوشل موبيلائيزيشن جو ٽول (Toll) استعمال ڪندي وستي واهڻن ۾ تنظيم سازي ڪري ٿي. تنظيم CO هڪ بنيادي ادارو آهي. هن اداري جي ڪاميابي جو دارومدار سچن سرواڻن والنٽيئرس، سندن جذبي، ولولي، حوصلي ۽ همٿ تي آهي. هڪ ڪامياب تنظيم سٺي سچي سوچ رکي ٿي. ان جي سوچ نيت ۾ اگر فتنو آهي ته اهو ادارو ترقي ته ڪونه ڪندو پر پنهنجو وجود وڃائيندي فنا ٿي ويندو. انسان معاشرتي جانور آهن، هنن ڪي ڪامياب زندگي گهارڻ لاءِ صحيح سوچ جو بنيادي اصول وارو گس وٺڻو آهي. زندگي هڪ فن (Art) آهي جيڪو هن فن ڪي ڄاڻي اهو ڪامياب زندگي گذاري ويندو. هن فن جو بنياد صحيح سوچ (Positive thinking) تي آهي. يعني ردعمل ڪي ڇڏيندي عظمت واري وک کڻي، ڪليل سوچ رکي زندگي گهارجي.

ان معاملي ڪي پلي پت جانچبو ته سچو وهنوار زندگي، صحيح سوچ تي مبني آهي. صحيح سوچ ڪاميابي ڏانهن کڻي وڃي ٿي، جڏهن ته غلط سوچ (Negative thinning) ناڪامي طرف ڌڪي ٿي.

ماڻهن جي صفت اها آهي ته هو سوچين ٿا ۽ ان بعد عمل ڪندا آهن، جڏهن ته جانور پنهنجي حيواني جبلت ڪري سوچ واري عمل ڪان وانجهيل آهن. جانورن لاءِ غلطي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي ڪا حيثيت ڪانهي، جڏهن ته ماڻهن جي غلطي ڪين ناڪامي ڏيکاري ٿي ۽ سندن منصوبا مليا ميٽ ٿيو وڃن.

انسان هڪ سوچيندڙ سماجي جانور (Thinking social animal) آهي. پهريان سوچي ٿو، پوءِ عمل ڪري ٿو. سوچ اگر درست آهي ته سندس منصوبو ۽ عمل ڪامياب ۽ سوچ اگر غلط آهي ته نتيجو به غلط ايندو آهي.

صوف جڏهن زمين تي ڪريو ته سڀني چيو ته ائين اسان ۽ اسانجا ابا ڏاڏا ڏسندا پيا اچون سو روز جو معمول آهي. پر نيوٽن 1700 صدي ۾ غالباً پهريون ماڻهو هيو جنهن سوچيو ته صوف صرف زمين طرف چو ٿو ڪري؟ مٿي هوا ۾ چونه ويو! يا اوسي پاسي چونه ڪريو؟ سندس سوچ گهري ۽ فڪري سوچ Law of gravitation ڪشش ثقل جو نسخو ايجاد ڪري ورتو.

اهڙي طرح هزارها سالن کان انسان زمين کي گول نه سمجهندو هيو بلڪ ان کي سڌو (Even) سوچيون وينو هيو. هڪ پيري فڪري سوچ رکندڙ ماڻهو جڏهن سمنڊ جي مٿاڇري کي ڏٺو ته ڪيس پري پري سمنڊ ۽ آسمان مليل نظر آيا، ٿوري دير بعد ڪيس هڪ نقطو نظر آيو پوءِ اهو نقطو جيئن جيئن ويجهو ٿيندو ويو ته، ويو ٿي وڏو ٿيندو. جڏهن ڪجهه ويجهو آيو ته ترندڙ عمودي أيي شيءِ طور نظر آيو ۽ پوءِ جڏهن اها هلندڙ چرندڙ شيءِ سندس پرسان اچي بيٺي ته سندس آڏو هڪ بحري جهاز بيٺل هيو. ان بعد اهو نظريو قائم ٿيوته زمين سڌي هرگز ڪين آهي. بلڪ هڪ بال وانگر گول آهي. ان مان اندازو ٿئي ٿوته زندگي ۾ سوچڻ جي ڪيڏي اهميت آهي. بلڪ حقيقت اها آهي ته سوچڻ سان ئي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون. زندگي جي ڪامياب منصوبه سازي لاءِ پهرئين ڏاڪو صحيح سوچ ئي آهي. هڪ ماڻهو واپار ڪيو ۽ هو ان ۾ ڪامياب ويو، ان جي ٻئي رشتيدار به واپار ڪيو، پرهو ايترو وڏو واپاري ڪونه ٿي سگهيو، ڪيس پنهنجي وڏي واپاري تي حسد پئدا ٿي پيو.

هڪ ماڻهو وڏي ڪامياب واپاري کي اچي ٻڌايو ته تنهنجو مائٽ تنهنجي لاءِ گهٽ وڌ ٿو ڳالهائيندو وتي ۽ زن دختر گاريون ٿو وفلي، پر هو چپ رهيو، بار بار ٻڌائڻ تي ڪوبه رد عمل نه ڏيکاريائين. آخر هن ماڻهو تنگ ٿي ڪيس چيو ته مان توسان هيترين سارين ڳالهيون ڪيان ٿو، پوءِ به تنهنجو ڪو ردعمل ناهي آخر چو. ڪامياب واپاري وڏي اطمينان سان گاريون ڏيندڙ بابت چيو ته "هي ان جو پرابلم آهي، منهنجو ته ڪوبه پرابلم ناهي".

هن ناڪام رشتيدار جي ڳالهہ تي نوٽس نہ ورتو نہ ئي ردعمل ڏيکاريندي جهيڙي طرف وڌيو. بلڪ ان جي برعڪس پنهنجي positive ڏن ۾ مگن رهيو نتيجي ۾ ترقي ۽ ترقي سندس قدم پئي چميا.

انساني معاشري ۾ تصادم ٿيندا رهن ٿا، صاف سوچ واري تي دارومدار هوندو آهي تہ هو ان مان ڪيئن ٿو پار ٿئي. هڪ ڏاڙهيءَ واري زميندار ٻئي پنهنجي پٽي پائيءَ ڏاڙهي ڪوڙ ڏي هڪ ولايتي ڪتو تحفي طور موڪليو. ڏاڙهي ڪوڙ اهو تحفو واپس ڪندي چيوتہ مان ڏاڙهي وارن ملن ڪان ڪتا ڪونہ وٺندو آهيان.

ڏاڙهي واري زميندار ان ڳالهہ کي Mind ڪندي برو سمجهيو ۽ رات جي اوٽ ۾ سندس بيٺل فصل پيلائي ڇڏيو. صبح تي جهيڙو شروع ٿي ويو. سالن تائين ڪيس ڪورٽن ۾ هلندا رهيا ٻئي ڪنگال ٿي ويا. حالانڪ بنيادي طور تي ڪا اهڙي ان جي ڳالهہ بہ ڪونہ هئي. پر منفي ۽ حاسدي سوچ هڪ ٻئي کي ويڙهائيندي، رستي تان پٽڪائي ڇڏيو. اسان جي معاشري ۾ جهڳڙو لفظن تان شروع ٿيندو آهي، ماڻهہ اگر ٿارو ڪن، انهن کي ٺڌي طريقي سان وٺن ۽ پڙڪو ڏيندي جهيڙو نہ ڪن جيڪو اڪثر ٿئي ئي منفي سوچ رکڻ جي ڪري ٿو ۽ ان سان ئي منفي عمل نمودار ٿئي ٿو. ان مان ظاهر آهي تہ صحيح سوچ، صحيح ۽ ڪامياب عمل جو ، آهي، غلط سوچ ناڪام ۽ تباهي واري تصوير پيش ڪري ٿي.

اهو ساڳيو فامولا هڪ انسان لاءِ بہ ڪارگر آهي تہ تنظيم ۽ اداري لاءِ بہ. هڪ ڪامياب ظيم پنهنجو اميج ساک ۽ پروسو ناهڻ لاءِ صحيح سوچ جيستائين نہ رکندي تہ هن جا پلان ۽ رٿيل منصوبا ڪاميابي جي منزل ڪونہ ماڻيندا. ان ڪري تہ مذهب بہ چيو آهي تہ:

ان الاعمال بالنيات "عملن جو دارومدار نيت تي آهي".

يعني سوچ + عمل + رزلٽ = (ناڪام يا ڪامياب)

انسان جا ٽي Governing Organs آهن (1) دل (2) دماغ (3) جگر ٽي جسم جا حصا آهن. (1) Head  ıorax (3) Abdomen ٽي جهان آهن. (1) هي جهان (2) قبر وارو جهان (3) آخرت ۽ ٽي ئي لڪل طاقتون ر ي ٿو.

(1) Self Confidence (2) Power of thinking (3) will Power تہ سوچ جي قوت 'Power of thinking' هڪ عظيم قوت آهي جنهن جي اجاگر ڪرڻ سان انسان ڪوجنائون ڪندي ڪنهن منزل تي پهچي ٿو. اهائي سوچ (مثبت) انسان ۽ حيوان ۾ فرق ڪيون بيني آهي، غلط ۽ صحيح جي تميز سيکاري ٿي. انسان يا تنظيم ۽ ادارن کي صحيح سوچ ذريعي سچي ڪاميابي ملي سگهي ٿي.

ان ڪري انسان کي دماغ جهڙي عظيم شيءِ سان نوازيو ويو آهي تہ سندس آس پاس ۽ موجوده دنيا ۾ جيڪي شيون آهن تن کي سوچي غور فڪر ڪري، بري پلي جي پرک رکي جنهن ۾ ڪاميابي ۽ ناڪامي جو راز پنهان آهي. موجوده دنيا ۾ اسان جي معاشرتي جوڙجڪ اهڙي آهي، جتي ڪنهن نہ ڪنهن سان ٽڪراءُ جو خدشو هميشہ رهي ٿو. ان ڪان ٽارڻ لاءِ "هاٿي هلندو رهي، ڪتو ڀوڪندو رهي" واري پهاڪي تي عمل ڪرڻو پوندو.

صرف ۽ صرف سٺي عمل سان ڪنهن تنظيم، اداري جو Value ٺهي ٿو، ان جي سهڻي ڪارڪردگي ان جو عملي ثبوت آهي ۽ پوءِ ڪٿي واڪا، دهل وڄائڻ ۽ پروپيگنڊا ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي. سندس نالو پنهنجو پاڻ روشن ٿيندو ويندو.

سرسو جي سماجي رضاڪارن لاءِ بہ انتهائي ضروري آهي تہ سٺن Volunteers تي مشتمل تنظيمون جوڙين، جن جو بنياد سٺي فڪري ۽ Constructive سوچ تي منبي هجي. ان جا ميمبر معاشري جي لاءِ حقيقي درد رکندڙ هجن، سي Leadership جي صلاحيتن سان ٽمٽار ۽ مالا مال هجن، پوءِ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اها تنظيم پنهنجي پاڙي جي قسمت نہ بدلائي سگهي. هو ضرور اتي روشني جي لاٽ ٻاريندي اونداهي وارو ناسور ختم ڪندي ۽ ترقي وارو گس وٺرائي سگهندي.

*



# هاري، زراعت ۽ قدرت

نثار احمد پنهاڻ
مئنيجر اين.آر.ايم

زراعت سنڌ جي ٻهراڙي سان وابسط ماڻهن جو اوائلي ڌنڌو، ڪرت ۽ پيشو آهي. انسان جڏهن کان شعور جي اک کولي تہ هُن پنهنجي آسپاس وڻ، ٽڻ، ٻوٽا ۽ گاهہ ڏٺا جن کي خوراڪ طور استعمال ڪندو رهيو.

دنيا جي سيني انسانن، جي پيٽ جي باھ ۽ اگهاڙي انگ کي ڍڪڻ جو واحد ذريعو زراعت آهي، ان ڪري هن کي عبادت چون ٿا. ٻيا بہ جيڪي ساھ وارا جانور، مال مويشي، پکي پکڻ جيت جڻيا اڻ ڳڻيا جيوت آهن تن جي بہ خوراڪ، زراعت مان حاصل ٿئي ٿي. زمين جنهنجو پيٽ چيري فصل، وڻ ٽڻ، ٻوٽا پوکيا وڃن ٿا، سابہ زنده ماتا آهي. ان ۾ موجود زنڪ، پوٽاش، آئرن ميگنيزم، ڪئلشيم، موبلڊينيم، نائٽروجن، فاسفورس ٻوٽن جي خوراڪ آهي. زمين ۾ اهڙن خوراڪي جزن جو قدرتي طور هجڻ، زرخيزي جو ذريعو آهي. وٽن ۽ فصلن مان جيڪي پن، خزان جي مند ۾ ڪرن ٿا، سي پڻ زمين ۾ ملي زرخيزي پئدا ڪن ٿا.

ٻوٽن جي پاڙن ۾ نہ نظر ايندڙ بيڪٽريا جي هڪ دنيا آباد آهي. اهي بيڪٽريا نائٽروجن پئدا ڪن ٿا، جيڪا ٻوٽن جي وڌي ۾ وڏي عذا آهي. بيڪٽريا جا ڪيترائي قسم آهن. ان سان گڏ پروٽوزا، اسپنچي، پڻ زمين ۾ هوندا آهن جن سيني جو ڪم ٻوٽن جي تخليق ۽ تڪميل ڪرڻ آهي.

| عام زمين جي مٽي جي هڪ تولي وزن ۾ | | هڪ ايڪڙ ۾ |
|---|---|---|
| 1. بيڪٽريا جو تعداد | 13,50,0000,00000 | 25 سير |
| 2. پروٽوزا جو تعداد | 3,15,00,000 | 255 سير |
| 3. اسپنچي جو تعداد | 2,10,00,000 | 850 سير |

هر ايڪڙ ۾ اهي نہ نظر ايندڙ ٻارهن ماڻهن جيتري اندران ئي اندران زمين ۾ اٿل پٿل ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ هڪ سو ايڪڙن ۾ ڏهہ هاري اگر هر هلائيندا تہ 12 سو ڳجها مزدور، بيڪٽرياز جي شڪل ۾ سندن معاون ۽ مدد ۾ شامل حال هوندا آهن. قدرت قرآن ۾ فرمايو:

**أفرءيتم ماتحرثون ہ ء انتم تدرعونه ام نحن الزارعون ہ ولونشاء لجعلنٰه حطاماً فظلتم تفلحون ہ (واقعه 65-63**

”چا توهان ڏٺو غور ڪيو تہ اصلي (بيڪٽريا وارو عمل) ڪم ڪنهن ڪيو. اگر اسين چاهيون تہ توهان جا ٻيڻل فصل ختم ڪري توهان کي حواس با خطا ڪيون.“

جڏهن هوائون لڳن ٿيون تہ سمنڊ مان پاڻي ٻاڦ ٿي مٿي اڏري ڪڪر ٺهيو پوي. مٿي جا طوفان گهلن ٿا، جنهن جي دز اڏامندي وجي ڪڪر واري پاڻي جي ذرن سان ملي ان کي ڳورو ڪري ٿي، جنهن جي ڪري بارش پوي ٿي ۽ کنوڻ جي چمڪاٽن وسيلي خلا ۾ موجود آڪسيجن جو تخريبي عمل ٿيندي نائٽروجن ۾ تبديل ٿي زمين بارش جي صورت ۾ ڪري ٿو جيڪو فصلن لاءِ جز اول ۽ اهميت وارو خوراڪي جزو آهي. قرآن ۾ آواز آيو تہ:

**والذاريٰت ذرواً ہ فالحٰملتِ وقراً ہ فاالجٰريمة يُسراً ہ المقسمٰت امراً ہ انماتوعدون لصادق** (روايت 26 پاره)

قسم آ انهن هوائن جو جيڪي دَز اڏائڻ واريون آهن، ۽ پوءِ اهي بوجهہ کڻن ٿيون ۽ گهلن ٿيون. آهستہ آهستہ ۽ پوءِ الڳ ڪن ٿيون معاملہ بئي هنڌ قرآن چيو:

**ومن اٰيٰته يُرلکم البرق خوفاً و طمعاً وينزل من السماء فيحي به الارض بعد موتها ان في ذالک لاٰيت لقوم تعقلون ہ** (روم 24)

”بجلي جي چمڪ (جنهن سان ڪشمڪش پيدا ٿئي ٿي، الله جي معجزي ۽ تخليق مان آهي رب ڪائنات آسمان مان بارش وسائي زمين کي نئين زندگي عطا ڪري ٿو. ان ۾ صاحب عقل لاءِ سبق (قوت هيبت) موجود آهي.“

شاهہ لطيف چوائي تہ:



حڪم ٿيو بادل کي تہ سارنگ سات ڪجن،
وچون وسڻ آئيون ٺهہ ٺهہ مينهن ٺمن،
جن مهانگي لئہ ميڙيو سي ٿا هٽ هٽن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان موذي شل مرن،
وري وڏي وس جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چئي سين - آهي توهہ تنهنجو آسرو.

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ڪيس،
هارين هر سنباهيا سرها ٿيا سنگار،
اڄ پڻ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا.

نائٽروجن کي قدرت واري فصلن لاءِ خوراڪ ڪئي آهي. جرمني جي هڪ ماهر HABER نائٽروجن ناهڻ جو پهريون ڪارخانو لڳايو، هينئر اهڙا ڪارخانہ سنڌ ۾ اينگرو، ڪيميڪلز فوجي فرٽيلائيزر ۽ پاڪ ارب، فاطمه فرٽيلائيزر وارن يوريا ناهڻ لاءِ لڳايا آهن. جن ۾ 48% نائٽروجن آهي جيڪا ڪربن روپين جو ڪاروبار ڪندي زرعي فصلن تي چٽي وڃي ٿي. قدرت بارش ۽ کنوڻ جي صورت ۾ هارين لاءِ اهڙو انتظام مفت ۾ ڪيو آهي، اهائي اصل مهربان ۽ شفيق آهي.

پاڻي فصلن لاءِ آب حيات آهي، جبلن تي پگهرجندڙ برف، پاڻي جي صورت ۾ گسن پيچرن ۽ مختلف گهٽن گهيرن کي ڪراس ڪندي پهاڙن مان نائٽرڪ ايسڊ، فاسفورس ۽ پوٽاش گڏ ڪنيو اچي چشمن ڍنڍن ڍورن مان وهندي دريائن ۾ ڪرڻ بعد آبپاشي نظام تحت فصلن کي حيات بخشي ٿي، اهڙي حيرت ۽ تعجب انگيز ڪم ۾ قدرت جو مخفي هٿ شامل آهي نہ تہ انسان کي جبلن تان برف پٽڻ لاءِ سال گهرجن ها ۽ پوءِ انسان لاءِ زرعي زمينون آباد ٿين ها. الله پاڪ بادلن، وڄ جي گجگوڙن ۽ مينهن جي وسڻ ۾ حڪمت ۽ انسان ذات لاءِ فاعدو رکيو آهي. ٿر ۽ بر وارا اهڙين خوشين لاءِ سالها سال انتظار ڪندا رهندا آهن. مينهن وسڻ بعد سندن ديس سرسبز ۽ شاد آباد ٿي ويندو آهي.

موتي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وچون وسڻ آئيون چوڏس ۾ چوڌار،
ڪي اٿي ويون استبول ڏي، ڪي مڙيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن ثمرقندن سار،
ڪي رمي ويون روم ڏي، ڪي قابل ڪي قنڌار،
ڪي دهليءَ، ڪي دکن، ڪي گڙن متي گرنار،
ڪنهن جُنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪا نير بَڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀڄائيو، ڪنهن ڍٽ متي ڍار،
سائينم سدائين ڪرين، متي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار! - عالم سڀ آباد ڪرين! "شاهه"

ابر رحمت جي بادلن جي اهميت انهن کان پڇو، جنهن جي ڪاڻ ۾ پيڻ جو بندوبست الله پاڪ بارش وسائڻ سان ڪيو آهي.

**الم تر ان الله انزل من السماء ماء مسلک ينابيع في الارض ثم يخرج به زرعًا مختلفاً الوانه (زمر 21)**

"ڇا توهان نہ ٿا ڏسو، الله آسمان منجهان پاڻي وسائي ٿو، جيڪو زمين جي شگافن ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اهو چشمن جي شڪل اختيار ڪري ٿو جنهن سان رنگ برنگ فصل آباد ٿين ٿا.

**وهوالذي انزل من السماءِ ماء ط فاخرجنا به نبات کل شيءِ فاخرجنا ............................................ انظرو الیٰ ثمره اذا ثمر ونبعه ان في ذالک لايٰت لقومٍ يومنون (انعام 100)**

معنيٰ: "الله اهو آهي جنهن آسمان مان بارش وسائيندي مختلف فصل ڦٽايا، ساوا ٻوٽا، گوشا، ڪجور ۽ اهو پئدا ڪيو جنهن کي توهان حاصل ڪيو ٿا. الله انگور زيتون، ڏاڙهون ۽ مختلف قسم جهڙيون جنسون پئدا ڪيون. فصل جي ٿيڻ ۽ پچڻ تي غور ڪيو. اهڙن نباتات ۾ اهل ايمان لاءِ معجزا ۽ سبق موجود آهن." بارش الله جي رحمت ۽ تحفو آهي.

مينهان ۽ نينهان، ٻئي اڪر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري تہ ڪڪر ڪن ڪيهان،
بادل تي بيهان، جي آگم اچڻ جا ڪرين. "شاهه"

قدرت جو مخفي هٿ زرعي ماڻهن جو مددگار ۽ معاون آهي، ڪليل آسمان تي توڪل علي الله، گرمين سردين، ڏينهن ۽ راتين جو محنت ڪرڻ وارن تي الله مهربان آهي ۽ ڪين موٽ ۾ ثواب ۽ صدقہ جاريہ جهڙن انعامن سان پڻ نوازي ٿو. جديد سائنس ٻڌائي ٿي تہ پيٽرول، ڪوئلو، جبل، لوهہ، ٽامون، سون، پٿر، مٽي وڻ ٽڻ سڀ جاندار آهن، پيٽرول پاڻ ساڙيندي لکها مڻ جهاز کڻي فضا ۾ اڏاري ٿو. مٽي مان فصل وڻ ٽڻ ڦٽن وڌن ۽ ويجهن ٿا. فصل اگر مرده هجن هاتہ انساني پيٽ ۾ ويندي توانائي ۽ زندگي روان دوان ڪرڻ بجاءِ فساد ۽ بيماريون پئدا ڪن ٿا. ها نتيجي ۾ حيوانن ۽ انسانن جو موت واقع ٿئي ها نہ ڪي واڌ ويجهہ.



زمين کي تيار ڪندي جڏهن ٻج (تخم) ڌرتي ماتا جي پيٽ ۾ رکيو ويندو آهي ته اهو به اصل ۾ هڪ زنده ۽ پنهنجي اندر ٻوٽي جو نقش رکندڙ هوندو آهي، جيئن انب جي ڪکڙي ۾ هڪ پوري انب جو وڻ ڪنهن نقشدان (Architect) چٽيو هُجي. ٻج قدرت جي ڏسيل وات تي هلندي ٻن حصن ۾ اپرندو آ. هڪ پاڙ Radical ۽ ٻيو ٽڙ Plumnle اگر ٽڙ کي زمين اندر واپس موٽائي وجهو ته به ڦري گهري مٿي فضا طرف واڌ ويجهه ڪندو ۽ اهڙي طريقي سان پاڙ فضا طرف موڙيو ته اها وري به زمين طرف ويندي ڪين اها ڏيوٽي ڪنهن ڏني آ. جواب صاف ظاهر آ ته قدرت. اڪثر واٽر سپلاءِ جي ۽ ريل گاڏين اسٽيشن تي وڏين ٽانڪين کي ڏسبو ته پاڻي مٿان کان پريشر ڏيندي هيٺ ڪرندي نلڪين ۽ ٽوٽين ۾ پهچي ٿو. پر ٻوٽي ۾ پاڻي هيٺ کان مٿي سپلائي ٿيندو آهي. جنهن کي پڻ سائنس "سطحي دٻاءُ" طور قبولي ورتو آهي.

**ذالکم الله ربکم-لاالله الاهو خالق کل شيءِ فاعبدوه (انعام 103)**

هي توهان جو رب ئي آهي جنهن جهڙو مثال ڪٿي به موجود ناهي. تخليق، تڪميل جهڙا معجزات سندس ئي آهن، اهوئي عبادت لائق آ، ان جا ٻانها ٿيو.

ان مان به ثابت ٿيو ته ٻوٽا جاندار آهن، ڪنهن پنهنجي گهر جي اڱڻ تي ٻگن ولا کي ڪٽيندي پنجو وجهي سرن جو فرش هٽايو. ڪن وڻن کي ڪٽرائي بي فڪر ٿي ويهي رهيا. ڪجهه عرصي بعد اڱڻ تي سرن جي وٿيءَ مان ٻگن ولا جي ول منهن ڪڍيو ۽ وڍيل وڻ جي پاڙ ٻيهر ڄمندي ڏني وئي. ايئن ڇو ۽ ڇالاءِ ٿيو! جواب آهي زندگي! ٻوٽا زنده آهن اهو ٻيهر زنده رهڻ جو حق گهرندي ڦٽي پيا.

**يخرج الهي من الميت و يخرج الميت من الحي.** "موت بعد زندگي ۽ زندگي بعد موت جو ڪرڻ الله لاءِ آسان آهي."

وڻ ٽڻ، پاڇيون فصل جڏهن گلٻائي تي اچن ٿا ته قدرت جي نظام هيٺ هوائون لڳڻ ٿيون. فصل خوشيءَ وچان جهومن ۽ جهلن ٿا. هر گل ۾ الله به حصا رکيا آهن. هڪ نر ۽ ٻيو ماده Androcium & Gynocium انهن ۾ Pollen grain پاوڊرجيان ٻوري وانگر موجود آهن. جيڪي پاڻ ۾ ملندي اناج، ڦل، ميووا تيار ڪن ٿا. الله پاڪ قرآن ۾ انسان کي مخاطب ٿيندي فرمايو:

**ومن کل شيءِ خلقنا زوجين لعلکم تذکرون. (ذاريات 49)** "اسان هر شيءِ جا جوڙا جوڙا (نر ۽ ماده) پيدا ڪيا توهان جي ڌيان لاءِ." هوائن جو گهلڻ پڻ مقصد کان خالي ڪين آهي. جيڪي پڻ قدرت جي ٿيل منصوبي کي پايه تڪميل تي پهچائين ٿيون.

**وارسلنا الريح لواقع (حجر 22)** "اسان اهڙيون هوائون گهلائيندا آهيون جي غبار منويه سان ڀريل آهن."

زرعي جينياتي سائنسدان Micro Scope وسيلي انهن Pollen grains تي ڪم ڪندي نيون وڌيڪ پئداوار ڏيندڙ جنسون ايجاد ڪن ٿا. هر داڻي ۾ ٻوٽي نما مڪمل زندگيءَ جو سازسامان آهي، جنهن جي ڦيرقار ڪندي زرعي جينياتي سائنسدان گلن جا رنگ فصلن جون وصفون، پئداواري صلاحيتون، جيتن ۽ موسمن کان مدافعت جهڙا چٽ چٽين ٿا، ڪمال قدرت جو عجيب نظارو هڪ وڏي سنسار کان وٺي ننڍڙي پاؤڊر جي داڻي Pollen grain ۾ به موجود آهي. جيئن ٻار جي پئدائش Ovum ۽ Sperm جي ميلاپ سان ٿئي ٿي. ان عمل ۾ ٻار جي دل ڪڏهن اکين جي جاءِ تي نه آئي ۽ نه ئي اکيون پيرن ۾ پيدا ٿيون. اهڙي مهيب پرورش قدرت جي مهيب نگراني هيٺ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. ڪجهه اهڙا ٻوٽا به ٿيندا آهن جن جا نر ۽ ماده الڳ ٿيندا آهن. جيئن کجي جو وڻ، چيل وغيره ماکيءَ



جون مکيون، پونر، پوپٽ، گلن مان رس چوسڻ لاءِ هڪ ڪان ٻئي تي پئي ڦيرا ڏيندا آهن. پر اصل ۾ قدرت وارو انهن وسيلي ڳپ جو عمل ڪرائي ٿو. پنهنجي پرن ۾ سونڊ وسيلي هو نر ۽ مادا جزا ملائيندي، گل مان ماڪي ته چوسڻ بعد ڳپ پڻ ڪرائين. هي پوپٽن جي جهومر، گلن ۾ خوشبوئن جو اچڻ، هي ٻج مان جهوليندڙ سرسبز فصل، بارش جو وسڻ، هوائن جو گهلڻ، ماڪ ۽ ڪوهيڙن جو اچڻ بناسبب نه آهي. اهي سڀ حڪم جي تعميل ۾ رڌل آهن ۽ سڀ ڏيڻ وارن مان ٿيندي، انسانذات ۽ ٻين جيوتن لاءِ زندگين جا سامان مهيا ڪندي پنهنجي واٽ وڃائيندا هليا ٿا وڃن. دريائن جو وهڻ، سمندن مان بخارات نڪرڻ، ڪنوڻ بجلي جي چمڪاٽ سج جو روشني ڏيڻ، هر شي ٻڌائي ٿي ته هو ڏيڻ تي مامور ٿيل آهن، وڻ پنهنجا ميوا ڪين کائين، دريائن سمندن پنهنجو پاڻي ڪڏهن ڪين پيتو، ٻين ڪڏهن ٻير ڪونه ڏنا. هرڪو اهو سبق ڏي ٿو ته ڏسو، غور فڪر ڪيو ته دنيا جي هر شيءِ ٻئي جي لاءِ منافع بخش، سودمند ۽ آسانيون پئدا ڪرڻ واري آهي. اي انسان تون به ائين ٿي تڏهن ته قرآن ۾ 752 ڀيرا ذڪر ڪيو ويو آهي ته اي انسان قدرت جي اهڙن معجزن تي غور فڪر ڪر ته انعام يافته بڻجي پوندين.

**وسيع كرسيه السمٰواة والارض ولا يوده حفظهما وهوالعلي العظيم** ه

"الله جو تخت سلطنت زمين آسمان تي آهي (ڪائنات جي هر شيءِ ان جي نگراني ۾ آ) اگر الله نگراني ڪي ڍرو ڪري ته هر شيءِ ۾ بگاڙ ۽ بدنظمگي اچي وڃي ان جي ذات وڏي بالا ۽ عظمت واري آهي."

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو "قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري" وارو شعبو زراعت تي ڪم ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ڀهراڙي جي هارين نارين سان نشستون رکي ڪين سبق پڙهايا ويندا آهن ته جيئن هو پاڃين ۽ انا جي فصلن مان وڌ ۾ وڌ پئداوار حاصل ڪري سگهن.



هر روز آنا ڏيندڙ ڪڪڙيون پڻ غريب عورتن ۾ ورهايون پيون وڃن ته جيئن هو آنا وڪڻي يا آنن مان ٻيا ٻچا ڦٽائي پولٽري وڌائين ته جيئن ٻئي جي آڏو هٿ ٽنگڻ کان بچي پون. غريب عورتن جي اگڻ تي FNKs وسيلي پڻ سبزيون پوکرايون پيون وڃن ته جيئن ڪين پنهنجي گهريلو ضروريات پوري ڪرڻ خاطر تازين پاڃين جو حصول ته حاصل هجي پر وڪرو ڪري ناڻو به ڪمائي سگهن. هي شعبي طرفان ڳڌهن گهوڙن جي علاج معالج لاءِ سرسو ۽ بروڪ اسپتال برائي حيوانات جي سهڪار سان چئن ضلعن ۾ فلاحي ڪم پڻ هلايو پيو وڃي.



### ڪيل ڪم جو چارٽ

| نمبر | ضلعو | رکيل نشستون ڪيل ڪم جو چارٽ ڪلاسن جو انگ | ورهايل پولٽري يونٽ | سبزين جي ڪِٽ |
|---|---|---|---|---|
| .1 | خيرپور | 10 | 300 | 100 |
| .2 | سکر | 10 | 300 | 100 |
| .3 | گهوٽڪي | 10 | 300 | 100 |

خيرپور ضلعي ۾ نئين ٽيڪنالاجي تحت ڊرپ سان سلهاڙيل ٽنيل فارمنگ جو هڪ نمائشي پلاٽ پڻ رکيو ويو آهي. جنهن ۾ واڱڻ، مرچ، ڀينڊي ۽ ڪيرا هائبرڊ جنسن وارا پوکيا ويا آهن. انهن جي جهجهي پئداوار ڪري غريب هاري ناري سٺو ناڻو ڪمائيندي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا.



# همٿ ڀريو بزرگ دوست امداد الله

مصطفيٰ قادر
پروگرام آفيسر سرسو

امدادالله يونين ڪائونسل زرخيل تعلقہ خانپور ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ ٻيو ٻرڙو جو رهواسي آهي جيڪو 200 گهرن تي مشتمل آهي. امداد الله پنهنجي گهر واري ٻن پٽن ۽ ٻن نياڻين سميت هن ڳوٺ ۾ هڪ ڪچي گهر ۾ رهي ٿو.

هن ڳوٺ جي ماڻهن جو گذرسفر مزدوري ۽ هارپي تي آهي. امدادالله پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو ويلڊنگ جو دوڪان هلائي رهيو آهي، جنهن مان ڪيس مشڪل سان پنجاهہ - سؤ روپيہ روزانہ ڪمائي ٿيندي هئس. هن جي گهر جا حالات آهستي آهستي خراب ٿيڻ لڳا هئا، ڇوتہ دوڪان مان ايتري آمدني ڪونہ هُئي، جيترو مهانگائيءَ جي هن دور ۾ خرچن سان منهن ڏيڻو پيو پويس. هونئن تہ سندس جو گذرسفر تہ ٿئي پيو پر سدائين پريشان رهندو هوتہ ڪيئن اڳتي وڌجي ۽ ترقي ڪيئن ڪجي. جڏهن تہ امداد الله جو ننڍو پٽ اسڪول پڙهندو آهي ۽ وڏو پٽ سندس ڪم ۾ هٿ ونڊائي ٿو. سندس ٻہ نياڻيون گهر جو ڪم ڪار ڪن ٿيون.

امدادالله هميشہ روزگار ڪي وڌائڻ ۽ ان مان جهجهي آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ پيو سوچيندو رهندو هيو. جڏهن هن ڳوٺ ۾ سرسو ۽ "هيلپ ايج" پنهنجو ڪم شروع ڪيو ۽ بزرگ ساٿين جون تنظيمون ٺاهيون تہ امداد الله بہ خوشي خوشي سان بزرگ دوستن جي تنظيم "ٻيو ٻرڙو" جو ميمبر بڻجي ويو ۽ گڏجاڻين ۾ بہ ڀرپور حصو وٺڻ لڳو. بزرگ دوستن سان ڪچهرين ۾ امدادالله پنهنجي روزگار ڪي وڌائڻ جي ڳالهہ ڪئي ۽ دوستن ڪي تنظيمن جي پليٽ فارم تان قرض جي گهر ڪئي ۽ چيو تہ مونکي ٿورو قرض ڏنو وڃي تہ جيئن مان پنهنجي ڪاروبار ڪي وڌائي سگهان. بزرگن دوستن جي گڏيل مشوري بعد ڪيس -/10,000 روپين جو قرض ڏنو ويو.

امدادالله جو چوڻ آهي تہ انهيءَ مليل پئسن مان گاڏين ۾ هوا ڀرڻ واري هڪ ننڍي مشين خريد ڪئي ۽ گڏوگڏ گاڏين جي ٽائرن ڪي پنڪچر لڳائڻ جو ڪم پڻ شروع ڪيو. جنهن مان ڪجهہ آمدني ٿيڻ لڳي. گهر جا ڪجهہ حالات بهتر ٿيڻ شروع ٿيا. جڏهن تہ اها مشين ٿوري ننڍي هئي، ۽ الله جي مهرباني سان ڪم بہ وڌيو تہ مونکي وڏي مشين جي ضرورت محسوس ٿي. مون پهريان پهريون ورتل قرض لاٿو ۽ پوءِ وري ٻيهر ٻيو قرض ورتو جنهن مان مون هڪ وڏي گاڏين ۾ هوا ڀرڻ واري مشين ورتي. مڪمل سيٽ سميت هاڻ مونکي سٺي آمدني ٿي رهي آهي. روزانہ مان ٽي - چار سؤ روپيہ ڪمائي وٺندو آهيان.



هاڻ اسين سٺو ڪائون ۽ سٺو پهريون ٿا. اڳ ڪان هاڻ گهرو حالات بهتر آهن. وقت سر پاڙيسرين جي مدد پڻ ڪندو آهيان ڇوتہ مون ڪي احساس آهي ۽ مون پاڻ تڪليفن وارا ڏينهن ڏٺا آهن. منهنجو بزرگ دوستن ڪي اهو پيغام آهي تہ زندگيءَ جي چرخي ڪي بيهڻ نہ ڏيو. وهندڙ پاڻي جيان ٿي وڃو نہ ڪِ بيٺل پاڻي جيان. ٻين جا محتاج نہ ٿيو، همٿ ڪريو سرسو ۽ هيلپ ايج جهڙا ادارا اسان ۽ توهان سان گڏ آهن. هنن ڪان مدد، سهڪار صلاح مشورا وٺو. آءُ هيلپ ايج ۽ سرسو جو نهايت شڪرگذار آهيان جن جي بدولت اڄ منهنجا حالات بهتر ٿيا آهن. ۽ گڏوگڏ اها گذارش پڻ ڪندس تہ هن پروگرام ڪي سنڌ جي سيني ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين تائين وڌائين ۽ بزرگن جون دعائون حاصل ڪندا رهن.

# ڳوٺ خير محمد جي منظم عورتن جو ترقيءَ طرف هڪ قدم



ساجد حسين ابڙو
اسسٽنٽ پروگرام آفيسر MER

اڄ جي دؤري جديد ۾ بہ سنڌ جون ٻهراڙيون، پسمانده ڳوٺ وستيون ۽ واهڻ زندگي جي اهم ۽ ضروري سهولتن کان محروم آهن. ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهنگائي، بک ۽ بيروزگاري عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ پنهنجا پير پختا ڪري ڇڏيا آهن. انهيءَ مسئلي جي حل لاءِ سنڌ حڪومت کي ڪي مثبت راهون ڳولهڻيون پونديون کي مضبوط فيصلا ڪرڻا پوندا.

اڄ بہ ڳوٺن ۾عورتون چلهو ٻارڻ لاءِ ٽانڊو هٿ ڪنديون آهن ۽ پَهر ويهي ڪاٺين ۽ ڇيڻن کي ڦوڪينديون آهن تہ جيئن باهہ ٻري ۽ کُني چاڙهجي. جهڙي ڦڙي جي ڏينهن ۾ تہ ٻهراڙي جي عورتن کي ويتر مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اهي مشڪلاتون ايتريون وڏي ويندي‌ون آهن جو فاقا ڪشي ڪرڻي پوندي آهي. سنڌ جي اهڙن ڪوڙ سارن پسمانده ڳوٺن مان ضلعي گهوٽڪي جو ڳوٺ خير محمد ڪنيڙو پڻ هڪ آهي. هي ڳوٺ تقريبن 100 گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺاڻن جي ڪمائيءَ جو ذريعو پوکي راهي، محنت مزدوري ۽ چوپائي مال جي پالنا تي آهي.

ڳوٺ خير محمد ڪنيڙو ۾ سرسو ٽيم جي سوشل موبلائيزيشن وڏو اثر ڇڏيو آهي، ٽيم جي موبلائيزيشن سان هن ڳوٺ جون عورتون VO/CO ۽ LSO جي شڪل ۾ تنظيمي مالها ۾ مڙهجي چڪيون آهن. ڳوٺاڻين عورتن ۾ همٿ، ذهانت ۽ محنت ڪرڻ جو جذبو موجود آهي. انهيءَ جذبي کي ڏسندي سرسو ڳوٺاڻين عورتن ۽ نوجوانن کي مختلف تربيتون جنهن ۾ سلائي، ڪڙهائي، زرعي ڄاڻ، انشورنس، صحت، ڪمپيوٽر جي ڄاڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي هنري تربيتون ڏياريون آهن تہ جيئن هن ڳوٺ جون عورتون ۽ مرد پنهنجي ڳوٺ جي ترقيءَ ۾ ڀاڱيڀائيوار ٿين ۽ گڏوگڏ پنهنجي گهر جي آمدني وڌائڻ جو ذريعو پڻ بڻجن.

ڳوٺ خير محمد ڪنيڙو ۾ يونائيٽيڊ نيشنس ڊولپمينٽ پروگرام (UNDP) تنظيمي مالها ۾ سلهاڙيل عورتن جي مالي سهڪار پڻ ڪئي تہ جيئن هو معاشي طور تي پاڻ ڀريون ٿي سگهن.

ڳوٺ خير محمد ڪنيرو جي رهواسين جو چوڻ آهي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ سرسو جي اچڻ سان سماجي سجاڳي ۽ شعور پيدا ٿيو آهي ۽ ترقي جون نيون راهيون هموار ٿيون آهن. ۽ هاڻ اسين پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ ڪوشان آهيون. هن ڳوٺ ۾ تنظيم "قادري" جون منظم عورتون هر مهيني پنهنجي بچت بہ ڪن ٿيون گڏجاڻيون بہ ڪن ٿيون ڳوٺ جي مسئلن تي سوچ ويچار بہ ڪن ٿيون. ڳوٺ جي مسئلن تي غور ويچار ڪندي تنظيم جي ميمبرن اهو فيصلو ڪيو تہ رڌ پچاءَ جي لاءِ گئس يا ان جو ڪو متبادل حل ڳولڻو آهي تہ جيئن ڪاٺين ۽ ڇيڻن مان جان ڇُٽي. گڏجاڻي ۾ فيصلو اهو ٿيو تہ چونہ ڳوٺ ۾ بايو گئس جو هڪ پلانٽ هڻايون جنهن سان اسان جو مسئلو بہ حل ٿي ويندو ۽ بچت بہ ٿيندي. انهيءَ مشڪل ڪم کي عملي شڪل ڏيارڻ لاءِ عورتن سرسو جي ٽيم سان پڻ صلاح مشورا ڪيا. ۽ گڏوگڏ پنهنجون ڪوششون بہ جاري رکيون، انهيءَ دوران عورتن WWF جي ٽيم سان پڻ رابطو ڪيو ۽ پنهنجي راءِ انهن جي آڏو رکي. WWF تنظيمي عورتن جي همٿ ۽ جرئت کي مانُ ڏيندي ضروري جانچ پڙتال ڪانپوءِ تنظيم سان -/60,000 هزار جو مالي تعاون ڪيو، هن اسڪيم کي مڪمل ڪرڻ ۾ تنظيم پنهنجو حصو بہ ملايو ۽ سرسو جي سهڪار پڻ ورتي، ٿوري عرصي ۾ هي اڻٽيڻو ڪم جڏهن مڪمل ٿيو تہ ڳوٺاڻن کي يقين ئي نہ پيو اچي تہ هي ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو آهي. اهو آهي محنت، حوصلي ۽ همٿ جو هڪ مثال جيڪو ڳوٺاڻين عورتن جي همٿ سان سڀن جي سامهون آهي.

ڳوٺ خير محمد جي رهواسين لاءِ هي هڪ انقلابي قدم هيو. جيڪو هنن تنظيمي عورتن جي گڏيل سوچ ۽ منصوبي تحت پايہ تڪميل تائين پهتو. هن وقت هن پلانٽ مان تنظيم سان وابستہ عورتون ۽ ٻيا گهراڻا فائدو وٺي رهيا آهن، ۽ سندن چوڻ آهي تہ هن پلانٽ لڳڻ سان اسان جو وقت ۽ پئسو ٻنهي جي بچت ٿي آهي. جنهن سان تنظيم جي عورتن جي مالي حالات ۾ بهتري اچي رهي آهي، چوتہ هاڻ اهي پنهنجو گهڻو وقت سلائي، ڪڙهائي ۽ مال مويشي جي پالنا ۾ لڳائن ٿيون جنهن سان هنن جي آمدني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.



# تعليم جي اهميت

نويد احمد ڦلپوٽو
سينيئر پروگرا آفيسر
سرسو سوشل سيڪٽر سروسز

تعليم انسان جي ٽين اک آهي. الله پاڪ انسان کي اشرف المخلوقات بڻايو آهي. نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ تعليم حاصل ڪريو پوءِ توهان کي چين بہ ڇونہ وڃڻو پوي. ٻئي هنڌ ذڪر آ تہ ڄمڻ کان مرڻ (قبر) تائين علم حاصل ڪريو.

تعليم هڪ اهڙو زيور آهي جيڪڏهن عورت پائي تہ اها پنهنجي پوري ڪٽنب کي سجائي دنيا ۽ آخرت سنواري سگهي ٿي ۽ مرد پائي تہ اهو دنيا آخرت ۾ پاڻ مجرائي سگهي ٿو. تعليم اها ديني هجي يا دنياوي، ان جي زوير کان بغير انسان اڌورو آهي.

اسان جڏهن تعليم جي ڳالهہ ٿا ڪريون تہ اسان جي سنڌ جي ٻهراڙين جي تعليم جو تمام برو حال آهي تعليم جو زوال ايترو آهي جو ڏسي روئڻ ٿو اچي. ضلعي جيڪب آباد، شڪارپور ۽ ڪنڌڪوٽ-ڪشمور جي ٻهراڙين ۾ تہ تعليم اصل نالي ماتر وڃي بچي آهي. اسڪول بند، استاد غائب جتي اسڪول جون عمارتون بچيون آهن، اهي وري اوطاقن ۾ تبديل ٿيل!. اسان جي شهرن جي تعليم جي حالت بہ ايتري ئي خراب صورتحال آهي تعليم صرف نالي ماتر آهي. تعليم جو معيار ڏينهن بہ ڏينهن گهٽجندو ٿو وڃي. ان سڄي صورتحال کي مدنظر رکي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهندس تہ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي ڳوٺاڻي ترقيءَ جو ادارو آهي. جنهن سڄي صورتحال کي سامهون رکندي سنڌ حڪومت جي تعاون سان ضلعي شڪارپور، ڪنڌڪوٽ-ڪشمور جي ڳوٺن ۾ بند پيل اسڪول اداري پاران جوڙيل عورتن جي تنظيمن معرفت کولرائڻ بعد انهن ئي عورت تنظيمن جي فعال ڪارڪنن کي ذميواري ڏيندي اسڪولن کي جاري رکڻ جو پروگرام هلايو آهي.

هن وقت اهي اسڪول هلي رهيا آهن ۽ ڳوٺاڻين عورتن جون تنظيمون پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيون آهن. ان سڄي پروگرام کي هلائڻ ۾ سرسو جي چيئرمين فضل الله قريشي ۽ محترمہ ناهيد شاهہ دراني جون خاص ڪاوشون شامل آهن، جن هن ضلعي جي تعليم ۽ ٻارن جي مستقبل ۽ هن سڄي پروگرام تي خاص توجہ ڏئي هن نيڪ ڪم کي جاري رکڻ لاءِ پنهنجو قيمتي وقت ڏنو. ۽ بند پيل 102 اسڪولن کي سرسو حڪومت جي تعاون ۽ سهڪار سان کولرايا ۽ ڪاميابي سان هلرايا آهن. گڏوگڏ انهن اسڪولن جي عمارتن جي مرمت، نوان ڪلاس روم ٻارن ۽ استادن لاءِ ليٽرينس ٺهرائڻ سان گڏ نئون فرنيچر پڻ مهيا ڪيو ويو آهي. اسڪول جي عمارتن کي رنگ روغن ڪري بهترين نموني سان تيار ڪري تنظيمن جي فعال ڪارڪنن عورتن کي ان جي ذميواري ڏني وئي آهي، تہ جيئن اسڪول سدائين کليل رهن ۽ ٻارڙا تعليم پرائيندا رهن. انهيءَ ڪم کي ساپيان ڪرڻ لاءِ سرسو ڳوٺاڻين تنظيمن کي ذميوار سونپي آهي.

الله جي فضل ڪرم سان هن وقت انهن اسڪولن ۾ 8000 هزارن کان وڌيڪ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تعليم پرائي رهيون آهن. انهن اسڪولن ۾ 202 استاد رکيا ويا آهن جن جون تربيتون پڻ ڪرايون ويون آهن. انهيءَ سڄي ڪم کي ڏسڻ لاءِ ضلعي سطح تي سرسو جي ٽيم انهن اسڪولن جي جانچ پڙتال ڪندي رهي ٿي تہ جيئن تعليم کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ ڪوبہ اسڪول بند نہ رهي. انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ضلعي جي تعليم کاتي جا عملدار پڻ اسڪولن جي وقت بہ وقت مانيٽرنگ ڪندا آهن ۽ استادن کي هدايتون پڻ ڏيندا رهندا آهن. هنن اسڪولن جي کلڻ سان تعليم جو رجحان وڌيو آهي، ۽ اميد ٿي ڪجي تہ اهي ٻار سڀاڻي جا معمار بڻجي ملڪ جو نالو روشن ضرور ڪندا.

# ڪجھ ڪرڻ جي جُستجو

نزهت فاطمہ ناريجو
سوشل آرگنائيزر راڻيپور



ڏاهن جو قول آهي تہ هنر بادشاھ آهي. اها ڇوڻي بلڪل صحيح آهي. آءٌ مختصر طور تي توهان کي ٻڌايان تہ منهنجو نالو ڪلثوم آهي آءُ انٽر پاس آهيان. غربت سبب بابا مونکي وڌيڪ پڑهائي ڪونہ سگھيو. انٽر ڪانپوءِ مان سدائين پريشان رهندي هيس. ڇوتہ گھر ۾ ڪمائڻ وارو هڪ بابا (عاشق علي) ۽ ڪائڻ وارا اسين 5 ڀاتي، منهنجو بابا هارپور ڪندو آهي، ٻيو ڪو ڪمائڻ جو ذريعو بہ ڪونہ آهي. اسانکي تنگي ڏاڍو پريشان ڪيو هُيو، مان سوچيندي هيس تہ ڪاش! مان پنهنجي بابا جو سهارو بڻجي سگھان!، دل چوندي هئي تہ زمين تي بابا سان وڃي ڪم ڪيان، پر مون کي بابا ايئن ڪرڻ ڪونہ ڏنو ۽ چوندو آهي تہ ڌيءَ جيسين آءُ جيئرو آهيان تيسين پيو ڏکيو سُکيو توهان کي پاليندس. پر مونکي گھر جو اُلڪو رهندو هو تہ الائي ڇا ٿيندو گھر جو چرخو ڪيئن هلندو.

مون گھر ۾ رلهيون سبڻ شروع ڪيون، مون سوچيو تہ اجان ڪجھ ٻيو ڪيان جنهن سان ڪجھ آمدني ٿئي، ايئن پئي سوچيندي رهندي هيس، سمجھ ۾ نہ ايندو هوتہ ڇا ڪريان. خدا جي قدرت هڪ ڏينهن سرسو اداري جي ٽيم اسان جي ڳوٺ نبي بخش ڪلهوڙي تعلقہ صوڀي ديري ۾ آئي ۽ اچي سرسو جي باري ۾ اسان کي معلومات ڏنائون ۽ پوءِ چيائون تہ اسين توهان جي لاءِ ڪجھ ڪرڻ چاهيون ٿا پر شرط اهو آهي تہ توهان اسان جو ساٿ ڏينديون، جيستائين توهان اسان جو ساٿ نہ ڏينديون تيستائين اسين توهان لاءِ ڪجھ بہ نہ ٿا ڪري سگھون. پوءِ ڳوٺ جي عورتن کي منظم ٿيڻ لاءِ تنظيم ٺاهڻ لاءِ چيو، گھڻي بحث مباحثي ڪانپوءِ اسان کين چيو تہ ٺيڪ آهي اسين توهان جي چوڻ مطابق تنظيم ٺاهيون ٿيون. سرسو ٽيم چيو تہ توهان تنظيم ٺاهيو ڪجھ بچت ڪريو پوءِ اسان اهو ڪجھ ڪنداسين جيڪو توهان جي تصور ۾ بہ نہ هوندو. پوءِ اسين سڀني عورتن ملي ڪري "شمشاد" نالي تنظيم جوڙي سين. اسين پاڻ ۾ گڏجاڻيون ڪرڻ شروع ڪيون، بچت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن بئنڪ ۾ ڪاتو بہ کولرايوسين، سرسو سان ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ مون کي شوق پيدا ٿيو تہ هاڻي ڪجھ ڪري سگھجي ٿو. ۽ مون سوچيو تہ هاڻي اداري کان ٿورو فائدو وٺجي. پوءِ مون بيوٽيشن جي تربيت لاءِ اداري کي قرارداد لکي ڏني تہ مونکي بيوٽيشن جو ڪم سيکاريو وڃي ڇوتہ مونکي خبر پئي هُئي تہ سرسو تربيتون بہ ڏياري ٿو. منهنجي ڏنل قرارداد کي منظور ڪندي مونکي 20 ڏينهن جي بيوٽيشن تربيت راڻيپور ۾ ڏياري وئي، مون محنت ڪري تربيت حاصل ڪئي. تربيت ڪانپوءِ مون پنهنجي گھر ۾ ڪم شروع ڪيو، ڇوتہ اسان جو ڳوٺ چڱو خاصو وڏو آهي، شادي مرادي ۽ عام ڏينهن ۾ بہ ڇوڪريون هارسينگار ڪنديون آهن. ڳوٺ ۾ ڪم جي شروعات ڪيم تہ شروعاتي ڏينهن ۾ ڪجھ گھٽ آمدني پئي ٿئي، پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ۽ عورتن کي منهنجي ڪم جي خبر پئي تہ پوءِ الله جي فضل سان ٿوري آمدني وڌي ۽ هاڻ آءُ پنهنجي ڳوٺ کان ٻين ڳوٺن تائين بہ ويندي آهيان. جنهن سان آءُ هر مهيني 3-2 هزار ڪمائي وٺندي آهيان، شادين وغيره ۾ ڪنوار کي سينگارڻ ۽ ٻين ڇوڪرين کي ميڪ اپ ڪرڻ سان سٺي آمدني ٿيندي آهي. هن وقت مون پنهنجي گھر ۾ بيوٽيشن سينٽر کوليو آهي. اهو سرسو اداري جي ڪري ئي ممڪن ٿيو آهي، جنهن مونکي ڪجھ ڪرڻ جو موقعو ڏنو ۽ هاڻ آءُ پنهنجي گھر جو خرچ ٿورو گھڻو هلائيندي آهيان، سرسو جي عورتن جي تربيتن واري پروگرام مان اسين تمام گھڻو خوش آهيون، ڇوتہ اسان کي سکڻ لاءِ بہ گھڻو ڪجھ ملي ٿو ۽ گڏوگڏ گھر جي آمدني بہ وڌي ٿي.




# بزرگن جي سهڪار لاءِ هڪ بهتر قدم

عبدالحميد ٻُلو
مئنيجر ڊزاسٽر مئنيجمينٽ

پاڪستان ۾ هن وقت پوڻن ٻن ڪروڙن ڪان وڌيڪ عمر رسيده ماڻهو رهن ٿا جيڪي آبادي جو 8 سيڪڙو ٿئي ٿو. بلڊ پريشر، شگر، ۽ دمه جي بيمارين جي علاج ٿيڻ ڪري پاڪستان ۾ موت جي شرح ۾ گهٽتائي آئي آهي. جڏهن ته شرح پيدائش ۾ واڌارو ٿيو آهي. ان سبب 2050ع ۾ پاڪستان جي آبادي جو 15 سيڪڙو پوڙهن ماڻهن جو هوندو ۽ انهن جي سارسنڀال لهڻ وارن يا ڪم ڪرڻ وارن جو انگ گهٽ هوندو. ان وقت بزرگ ماڻهو اڄ ڪان وڌيڪ تڪليفن ڪي منهن ڏئي رهيا هوندا. ان لاءِ ان وقت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ هاڻي ڪان حڪومت ڪي پاليسي ٺاهڻي پوندي. جيئن بزرگ ماڻهن جو مستقبل بهتر بڻائي سگهجي ۽ موجود بزرگ ماڻهن جي حالت ڪي سڌاري سگهجي.

بزرگ ماڻهن ڪي مالي مدد ڪان وڌيڪ انهن جي سارسنڀال ۽ توجهه جي ضرورت هوندي آهي. جنهن سان هو معاشري جي ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهن ٿا. بزرگ ماڻهن جي تجربن مان فائدو وٺڻ جي ضرورت آهي ۽ انهن ڪي ڪنهن به طرح نظرانداز نه ڪيو وڃي.ڏٺو ويو آهي ته بزرگ جن اسان جي پرورش ۽ سنڀال پئي ڪئي آهي. انهن جي سنڀال جو خيال نه ٿو رکيو وڃي نتيجي طور اهي اڪيلائپ جو شڪار ٿي پنهنجون سڀ صلاحيتون ۽ تجربا وڃائي ويهن ٿا. اها حالت عام حالتن ۾ ٿئي ٿي پر قدرتي آفتن جنهن ۾ ٻوڏ، جنگ، ويڙهه فساد، قبيلائي جهڳڙن جي ڪري لڏ پلاڻ جو شڪار پوڙها ماڻهو گهڻو ٿين ٿا. پوئين مها ٻوڏ ۾ ته پوڙهن جي ڪنهن به سار نه لڌي. پر شاباش آهي هيلپ ايج انٽرنيشنل پاڪستان ڪي جنهن 2010ع ۾ سرسو سان ٻانهن ٻيلي ٿي ٻن ضلعن شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي ٻوڏ ستايل بزرگ ماڻهن جي سارسنڀال لهندي انهن جي لاءِ صحت، ننڍڙن قرضن، ٻوڏ ڪان بچاءَ جي طريقن جي تربيت ۽ عمر جي حساب سان ڪم ايندڙ شين جهڙوڪ معذور بزرگ لاءِ ڦيٿن واري ڪرسي، سائنسي بنيادن تي تيار ٿيل لٺِ / لڪڻ، ٻڌڻ لاءِ ڪنن جي مشين وغيره فراهم ڪيون ويون. سرسو هن تنظيم سان آگسٽ 2010 ڪان ڪم ڪري رهي آهي. جنهن ۾ 2091 بزرگ عورتن ۽ مردن ڪي ننڍا قرض ڏنا ويا آهن. جنهن سان انهن مختلف ننڍا ننڍا ڪاروبار، گڏهه گاڏا، ننڍا جانور (ڇيلا، ٻڪريون) وٺي پنهنجي زندگيءَ جو عزت ڀريو چرخو هلائڻ جو شروع ڪيو آهي ۽ ڏاڍا خوش آهن. هُو ننڍن قرضن لاءِ ورتل رقم ڪي واپس ڪري ضرورت آهر ٻيهر به وٺي پيا ۽ ان پئسي ڪي وڌائڻ لاءِ ان ورتل رقم جي واپسي سان گڏ ڪجهه اضافي رقم به جمع ڪرائين پيا ته جيئن اهو پئسو خرچ ٿيڻ بدران وڌندو رهي ۽ ضرورت وارن ڏانهن ڦرندو به رهي.

اهڙي طرح بزرگ ماڻهن جا ٻنهي ضلعن ۾ اکين جا (موتي پاڻي) جا مفت آپريشن ڪرايا ويا آهن ۽ نظر گهٽ وارن بزرگن ڪي ضرورت مطابق چشما پڻ فراهم ڪيا ويا آهن. ايندڙ امڪاني ٻوڏ ڪان بچاءَ لاءِ 3000 هزار بزرگ ماڻهن ڪي تربيت پڻ ڏني وئي آهي ته جيئن هو ايمرجنسي حالت ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي پاتين ۽ ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن جو خيال رکي سگهن. ان ڪان علاوه بزرگ ماڻهن جي سماجي ۽ مالي سهائتا لاءِ سرڪار جي اعليٰ اختيارين سان به ڳالهه ٻولهه هلندي رهي ٿي جنهن ۾ بزرگن جي حقن جي حفاظت ۽ انهن جي سهولت لاءِ نهيل قانون ڪي لاڳو ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي وڃي ٿي. مثلا ڪرائي ۾ رعايت، اسپتالن ۽ بئنڪن ۾ انهن جي لاءِ علحده ڪارنر جو قيام وغيره شامل آهي.

هن وقت هيلپ ايج ۽ سرسو ان لاءِ ڪوشان آهن ته ڪنهن طريقي 2007ع ۾ نهيل بزرگ ماڻهن جي بل ڪي قومي ۽ صوبائي اسيمبلي مان پاس ڪرايو وڃي جنهن ۾ بزرگن جي حقن جي تحفظ جي ڳالهه آهي. قوي امڪان آهي ته اِهو بل پاس ڪرائڻ ۾ ڪاميابي ٿيندي ۽ بزرگن جي بهبود لاءِ ڪجهه وڌيڪ ڪم ڪري سگهبا.

# پاڳت جو پاڳ



نصرت گلال

سوسل آرگنائيزر، راڻيپور يونٽ

هونگارن تہ هلان بيهارن تہ بس،
واڳ ڏٽي وس، آءُ ڪا پاڻ وهيٽي.

سرسو جو اهم مقصد آهي ٻوناٽي سطح تي غربت کي گهٽائڻ ۽ ترقيءَ جي سفر ۾ ٻوناٽن غريب ماڻهن سان سهڪار ڪرڻ. اِن ڏس ۾ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انساني وسيلن کي مضبوط ۽ سگهارو بڻايو وڃي ۽ اهڙا تربيتي پروگرام منعقد ڪيا وڃن جن جي ذريعي ماڻهو پنهنجي دلچسپيءَ پٽاندڙ هنري، فني، تعليمي ۽ تعميري طريقن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن نہ صرف ڄاڻ پر پنهنجين صلاحيتن کي ٻوناٽي سطح تي سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ ۾ ڪتب آڻي پنهنجي روزگار کي ترقي وٺرائي سگهن ۽ بهترين رٿابنديءَ سان پنهجن خرچن کي گهٽ ڪري، گُهرجُن جو پورائو ڪري سگهن. سرسو مختلف شعبن ذريعي غريب ماڻهن کي سُکيو ۽ سَرهو بڻائڻ لاءِ ٻوناٽن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي. سرسو ٻوناٽي سطح تي انساني وسيلن کي سگهارو ۽ انتظامي صلاحيتن جي پروگرامن کي منعقد ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيو آهي تہ جيئن ٻوناٽا پنهنجي مسئلن جي پاڻ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهن ۽ انهن کي نبيرڻ لاءِ پاڻ ئي ڪا حڪمت عملي جوڙين ۽ پنهنجن وسيلن جي پاڻ ئي سارسنڀال رکن.

ڳوٺ رسول بخش هيسباڻي ۾ رهندڙ عامر رضا پاڳت جنهن جو خاندان هڪ ماءُ چار ڀينر ۽ ٽن ڀائرن تي مشتمل آهي. عامر رضا جو والد پوليس ۾ ملازم آهي. هن ٻي شادي ڪري پنهنجي پهرين گهر واري گل خاتون کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. هن ڳوٺ ۾ سرسو جي سوشل موبلائيزيشن ٽيم عورتن کي تنظيمي سانچي ۾ سانڍڻ لاءِ ٻوناٽين عورتن سان گهڻيون گڏجاڻيون ڪيون. جنهن تحت ايڪي ٻڌي کي غنيمت سمجندي عورتن تنظيم جوڙي ورتي جنهن نالو "پنجتني" رکيو ويو. گل خاتون سرسو اداري طرفان جوڙيل تنظيم "پنجتني" ۾ ميمبر ٿي جڏهن اداري سرسو طرفان ڊريس ڊزائننگ جي ٽريننگس جو پيغام آيو تہ گل خاتون پنهنجي خاندان جي ڪفالت لاءِ عامر رضا کي درزڪي ڪم سکڻ لاءِ سرسو اداري کي قرارداد لکي ڏني. ۽ ان سان پاڳت جو پاڳ ڪليو ميمبرن جي صلاح سان عامر رضا کي ڊريس ڊزائننگ جي تربيت ڏياري وئي. عامر رضا پنهنجي امڙ جي اميدن تي پورو لهڻ لاءِ ڀائرن ڀينرن جو مستقبل روشن ڪرڻ خاطر ماءُ جي اکين ۾ سجاويل خواب کي سچو ثابت ڪرڻ جي وچن تحت سخت محنت سان نہ صرف ڪم سکيو پر سکيا ۾ پهرين پوزيشن ۽ ميڊل بہ حاصل ڪيو. انهيءَ سان عامر رضا جي همٿ ۾ اجان بہ اضافو ٿيو ۽ پوءِ گهڻي محنت ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيائين. تربيت پوري ٿيڻ کان پوءِ عامر رضا يونين ڪائونسل سڳيون ۾ هڪ ٽيلرنگ جو دوڪان کوليو. جتي هو روزانہ ٻہ، ٽي جوڙا سِبي 500 کان 600 سئو روپيہ ڪمائي رهيو آهي. عامر رضا جي دوڪان ۾ هن وقت چار پنج ٻيا بہ ضرورت مند نوجوان روزگار ڇوڪرا پڻ سکيا وٺي روزگار ڪن ٿا. عامر رضا جي امڙ جو چوڻ آهي تہ جنهن ڏينهن کان ٻچڙي تربيت وٺي دوڪان کوليو آهي سچ پچو تہ اسان جا پاڳ کُلي پيا آهن، هاڻ گهر ۾ سودو سُود، ڀاڄي ڀُتي، علاج معالج وقت سر ڪيون پيا، خدا جو شڪر آهي وقت سٺو ٿو گذري. سرسو اداري جا ٿورائتا آهيون جنهن منهنجي ٻچڙي کي سهارو ڏئي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۾ بهترين ڪردار ادا ڪيو آهي. منهنجي دعا آهي تہ خدا ڪري هي ادارو ٻين بيروزگار نوجوانن کي تہ ايئن تربيتون ڏيندو رهي بہ جيئن هو روزگار ڪري پنهنجي والدين جو سهارو بڻجي سگهن.

# وتايو فقير، سچو سماج سڌارڪ

نثار احمد

ڪائنات جي ڪهاڻي ڪوبہ نہ ڄاڻي، هي هڪ اهڙو راز ۽ معمو آهي جنهنجي پر اسراريت جي پچار مورخ، فلاسافر، درويش، سائنسدان مذهبي اڳواڻ تاريخ دان ڪندا رهيا آهن. ڪي چون تہ ڪائنات ۾ سيارا آهن جيڪي عظيم ڌماڪي ڪانپوءِ وجود ۾ آيو هن جي عمر 5 ارب سال آهي، تہ ڪي فارمولو هٽي چون تہ 8 ارب سال زمين جي عمر آهي. آئن اسٽالن، ڊارون، گيليلو مٿو هٽي ٽڪجي پيا پر زمين جي عمر ڪونہ ٻڌائي سگهيا آهن. ڪي چون تہ ڏيڍ ڪرب سال هن ڪائنات جي عمر ٿيندي.

ڪائنات پراسرار آهي. فلڪ جا ماهر ٻڌائين ٿا تہ عام اک سان مٿي ڏسجي تہ پنج هزار ستارا آسمان تي نظر ايندا. پر معمولي دوربين سان انهن جو تعداد ويهہ لک کن ٻڌايو وڃي ٿو.

هڪ خاص دوبين جيڪا هن وقت دنيا جي وڏي ۾ وڏي دوربين آهي. ان سان ڏسبو تہ دنيا جي سمنڊن تي واريءَ جا جيترا زرڙا موجود آهن، آسمان تي اوترائي نہ ڳڻجڻ ۾ ايندڙ سيارا موجود آهن، ڪي اڪيلا گشت ٿا ڪن تہ ڪي وري ڪهڪشائن جي صورت ۾.

ويجهو سيارو چنڊ آهي جيڪو زمين کان ٻہ لک چاليهہ هزار ميل پري آهي. اهو مسلسل گردش ۾ آهي جو زمين جو چڪر ساڍن 29 ڏينهن ۾ پورو ڪري ٿو. زمين سج کان نَوَ ڪروڙ ميل پري آهي ۽ پنهنجي محور کان هڪ هزار ميل في ڪلاڪ جي حساب سان چڪر هڻندي سج جي چوڌاري 19 ڪروڙ ميل جو دائرو ڻاهي ٿي جيڪو هڪ سال ۾ پورو ٿئي ٿو. اهڙي طرح زمين سميت نَوَ سياره آهن جيڪي سج جي چوگرد چڪر لڳائي رهيا آهن، جن مان پلوٽو ساڍا ست ارب ميل جي دائري ۾ چڪر هٽي ٿو. ان کان علاوه ٽيهہ هزار ننڍا سياره آهن. ۽ لاتعداد شهاب ثاقب آهن جي محو گردش رهن ٿا. انهن سيني جي وچم سج هوندو آهي جنهن جي ويڪر اٺ لک 65 هزار ميل آهي ۽ زمين کان 12 دفعا وڏو آهي. ڪجهہ سياره ايڏا وڏا ۽ پري آهن جن ۾ اسان جون اربها کن زمينون ماپي وڃن. روشني جي رفتار هڪ لک ڇهاسي هزار ميل في سيڪنڊ آهي. ان رفتار واري جهاز ۾ چڙهي اگر ڪائنات جو گول چڪر هڻجي تہ اهڙي هوائي جهاز کي هڪ ارب سال لڳي ويندا. ڪائنات مسلسل ڦهلجندي رهي ٿي. ۽ جهاز ڪڏهن بہ اهو چڪر پورو ڪونہ ڪري سگهندو.

ڳالهہ خدا جي نہ سمجهڻ ۾ ايندڙ ڪائنات تہ آهي ئي پر سندس هن ڌرتي تي پئدا ڪيل انسان پڻ سمجهہ کان ٻاهر آهن. هي پڻ ڪائنات جيان پراسرار آهن. انسان پنهنجي وجود ۾ نيڪ ۽ اصلاح ڪندڙ آهي. ڪي ڪلم ڪلا اصلاح ڪن تہ ڪي وري سياست، اقتدار ذريعي، جن جي نصيحت، بيتن، شاعري، ڪهاڻين ۾ آ تہ ڪي وري پنهنجي ڪردار وسيلي ماڻهن کي درس ڏيندي نيڪي طرف راغب ڪن ٿا. انهن مان هڪ نالو ”وتايو فقير“ جو بہ آهي جيڪو اڄ ڏينهن تائين ماڻهن کان ڪونہ وسري سگهيو آهي.

هي درويش ڪير هيو؟ ڪهڙي بلا هئي، ڪو ابوجهہ وائڙو موڳو واٽيو يا ملان لٽر هيو؟ يا خواجہ خضر؟ جنهن وتائي جو ويس اوڙهي ماڻهن جي پئي اصلاح ڪئي. هي ڪٿي ڄائو؟ نپنو ۽ دفن ٿيو سي پار پتا اهو پڇي جنهن کي وتائي جو واڳ ڏٽي ٿيٽو هجي پوءِ پلاٽ، پرمٿون الاٽ ڪرائيندي روحاني پيشوا سڏائي.

هي فقير سنڌ ۾ ڄائو ۽ پليو ۽ هتي ئي دفن ٿيو. نصرپور ”حيدرآباد واري“ جي پرسان ڪنهن واهڻ ۾ پئدا ٿيو. ننڍي لاڪون سادو سودو، ابوجهہ هيو يا ڄاڻي واڻي ڪل لڪائڻ خاطر ائين پئي ڪيائين. پر هيو بي لوث نہ لالچ نہ لوڀ ”آٽي ۽ چاڙهي ڏٿ ڏهاڙي سومرا“ بقول هندو ڌرم ڇڏي مسلو ٿيو. شيخ سڏائيندي ڪنهن ٻانيڻ جي ٻيڪڙ ۾ تہ ڪونہ آيو، پر ملان جي ور بہ ڪونہ چڙهيو. هي سادو سنڌي هيو جنهن خالق سان تعلق ۾ ڪنهن کي وچ ۾ ئي ڪونہ آندائين. حيرت انگيز ڳالهہ اها جو وقت جي حڪمرانن کان بچي ويو. نہ ڪنهن جي بغاوت جي ڇيٻٽ آيس نہ تي وري سنگسار ٿيو يا سولي چڙهيو.

هي پنهنجي وقت جو وڏو داناءُ انسان هيو سندن مقصد ماڻهن کي مذاق جي انداز ۾ دائمي نصيحت ڪرڻ هئي جنهن ذريعي هن جي اصلاح ٿي سگهي، تڏهن تہ اڄ سوڙو هن جا ٽوٽڪا ڪچهرين ۾ ٻڌايا پيا وڃن.

تعويذ ٻڌڻ شرط سندس گهر واريءَ جو ويم ٿي ويو، فقير کي ڏاڍي عزت ملي. رات گذاري وتايو رمندو رهيو. پوءِ اهو تعويذ ڳوٺ ۾ مشهور ٿي ويو، جنهن به عورت کي تڪليف ٿيندي هئي ته تعويذ گهرائي ان ئي طريقي سان ٻڌو ويندو هيو. ۽ عورتن جو ويم ٿي ويندو هيو. اتي ڳوٺ ۾ جيڪو ملان اهو ڌنڌو ڪندو هيو، ان جي پيٽ کي لت لڳي وئي. ان سبب ڪارڻ ته ڪيس معلوم ٿئي ته هن تي ڪهڙو ڇڻ يا نقش چٽيل آهي جا سودمند آهي. تعويذ جو ڪوليائين ته ان تي لکيل هيو مون کي ته " اجهو ۽ ماني ملي وئي، باقي الله ڄاڻي ۽ مائي جو ويم ڄاڻي"

وتائي جي دين ڌرم گهڻن ماڻهن جي مت کي موڙهو ڪيو هيو. سندس پاءُ مورو مل ڪيس منٿ ڪئي ته مون کي به مسلو ڪر ته جنت ۾ گڏ هجون. فقير پاءُ کي نصيحت ڪئي ته اهو ڪم مورڳو نه ڪج، ورنه سڄي ڄمار نمازون زڪوات ۽ تهجد پڙهندي ڄاڙي چڙهي پوندئي. ها البته مرڻ وقت منهنجي ڪن ۾ ڪلمو پڙهي وڃجان ته مان شاهدي ڏيندس ته هي مسلمان هيو.

اسان جي ملن، مولوين، قادرين ۽ ذاڪرن هٽي لاه ڪڍي ڇڏيا آهن چون ته قبر جي سوڙه، قيامت جي گرمي، دوزخ جي باه ۽ اهڙن دڙڪن دهمانن سان سندن دوڪان ته هليتو پر مسلمان اهو سمجهيو ويٺا آهن ته آسمان 99 سيڪڙو دوزخ تي مشتمل آ، باقي 1 سيڪڙو تي جنت هوندي، تنهن جي به الاٽمينٽ ۽ رزرويشن مولوين لاءِ آهي، باقي انسانيت سزائن ۽ ڦاسي گهاٽن ۾ هوندي. پر وتائي جهڙن درويشن الله پاڪ جي وسيع رحمانيت کي سولي نموني سمجهائيندي، منجهيل سٽ کي سلجهايو، ماڻهن جا هنيانءَ ڦاٽڻ کان بچايا ۽ ترغيب ڏنائون ته اصل جنت ماڻٽي آهي ته ماڻهپي ۾ رهندي ماڻهن لاءِ ڀلائي ۽ آساني جا ڪارڻ بڻجو نه کي ڏائڻ، ڌاڪو يا مفت خور، قبضه گير ۽ رهزن.

سومر سپايو وتائي جو پاڙيسري هيو ۽ نهايت نيڪ نمازي، صوم ۽ صلواة جو پابند هيو پر ڪيس هميشه اها شڪايت هئي ته ملان سومهڻي جي نماز پڙهائڻ ۾ ڏاڍي دير ٿو ڪري، خطابي به تنگ ٿيو ٿا وڃن ته جماڻي به ! وتائي فقير کي جڏهن ماڻهن ٻڌايو ته سومر سپايو اڄ صبح جو پيالا ڪري ويو ته فرمايائين ابا " ڇٽي پيو سومهڻي جي نماز کان "

ڪنهن ماڻهو کهل ڪري فقير کي جُتي وٺي ڏني. ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ کي شاهينگ سندس جُتي چورائي ويا. وتائي وڃي قبرستان جي وٽ ورتي، حالانڪ ڪيس خبر هئي ته اُتي ڪوبه پاڻهرتو پنڌ ڪري ڪونه ايندو آ، ٻيا ماڻهو چوڪنيو پٽي اچي قبر پيڙو ڪندا اٿس. ۽ مردي کي غسل بهاني سندس لٽا، ڪپڙا، منديون، ڏاڳا لاهي خالي ڏڙ ڏڏڙ ۾ داخل ڪندا آهن، پيرن ۾ جتي وري ڪٿي هوندي اٿن، پر فقير ماڻهن کي موت جي يادگيري وارو سبق مسخري ۾ ورجائڻ لاءِ، ۽ هروڀرو هيرا ڦيري، چوري چڪاري، ٺڳي وسيلي مال متاع جمع ڪري پنهنجي لاءِ عذاب ۽ ٻين سان ويل اجائي آهي. الله پاڪ ته خالق، رازق ۽ رحمان رحيم آهي. سندس پنج هزار ڪان وڌيڪ نالا آهن، تنهن ڪان ڊيڄارڻ، ڀَوَ ڏيارڻ بدران، ان سان پيار ۽ محبت جو درس ڏيڻ ڪو خراب ڪم ڪونه آهي.

هي برابر آهي ته سندس هڪ نالو واحد القهار به آهي. پر الله پاڪ جي ڏاڍ مڙسي اها ڏاڍن ظالمن، جابرن جي ڳاٽ کي نوائڻ لاءِ آهي. باقي غريب غربي مظلوم، يتيم حقير فقير جو نادري صفتن سان واسطو آهي.

سو وتائي به اهڙا سبق سيکارڻ خاطر اچي مقام (قبرستان) جو گهٽ جهليو، ڇئي چور اچي ته جُتيءَ جو حساب اڳي کي پوءِ هتي ئي ٿيندو. هتي ئي جُتي پرائي وٺندومانس.

الله پاڪ اربها مخلوق خلقي ۽ انهن تي ديوٽي هني ڇڏيائين ته اوهين ڏيڻ وارا ٿي وڃون، چنڊ روشني ڏئي ٿو، سمنڊ درياءَ پاڻي وهائين ٿا، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، ڦل ميوا ۽ اناج ڏين ٿا، سج ڏينهن کي منور ڪري ٿو. سمنڊ پنهنجو پاڻي ڪونه پيتو، وڻن پنهنجا ميوا ڪونه کاڌا، سج پنهنجي روشني ڪونه هضم ڪئي، صاحب رب ستار مت جي موڳي انسان کي ڪڏهن وتائي فقير جي روپ ۾ ته ڪڏهن، مهاتما گانڌي، لينن، مائوزي تنگ، اوليائن قطبن، غوثن، درويشن، دانائن، عالمن، نبين پيغمبرن جي روپ ۾ پئي انسان ذات کي سمجهايو آ ته اي انسانو فاعدي ڏيڻ وارا بڻجو، نه کي ايذاءَ رسائيندڙ. ان ڪم ڪرڻ سان اوهان معاشري ۾ هتي ئي جنت جهڙو عڪس ٺاهي سگهو ٿا، جيئن اصل جنت ۾ امن، شانتي، انصاف ۽ سڪون هوندو. تنهنڪري ان طريقي سان فقير لکيل انداز ۾ درس ڏيندا رهيا، معاشري مان وسوسا ۽ وهم ڪڍڻ خاطر ڪشالا ڪاٽيندا هيا، جن کي اسين اڄ به هيئين سان هنڊايون ۽ غور فڪر ڪريون ته ان نتيجي تي پهچنداسين ته محبت ٻڌي ۽ امن ۾ ترقي خوشحالي ۽ راز لکل آهي، نه کي ڦڏن فسادن، جنگن ۽ جهيڙن سان قومون ترقيون ڪنديون آهن. نفرت جهڙي ناسور کي ويجهو اچڻ ئي نه ڏنو وڃي مذهبي، ذاتي لساني، فرقيواريت واري دوڪانداري کي ڌڪو ڏنو وڃي ته جيئن هي سنسار قدرتي ڏسيل گس تي هلي سگهي.

# عورت مخالف پهاڪا

زبير سومرو
مئنيجر هيُومن رسورس

آد جڳاد کان سماج، مثبت توڙي صنفي لاڙن، ٻنهي کي گڏگڏ کڻي هلندو آيو آهي. اها نہ رڳو تاريخ جي ڇڻي حقيقت ئي آهي بلڪ فطرت جو قانون پڻ آهي تہ سچ جو تصور بلڪ اهميت ڪوڙ جي وجود کان سواءِ بي معنيٰ آهي. نيڪي جو ٻيو نالو "عدم برائي" آهي، يعني برائيءَ جي وجود کان سواءِ نيڪي جو وجود اڻپورو آهي. پر هتي انهيءَ مان اهو اخذ نہ ڪرڻ گهرجي تہ ڪوڙ، برائي يا ڪنهن بہ منفي لاڙن جي وجود جي اهميت جي ڪري، انهن کي همٿائجي يا حمايت ڪجي، ڇوتہ تاريخ جي ٻين حقيقتن سان گڏ اها بہ همہ گير حقيقت آهي تہ هر دور جي سماج ڪوڙ ۽ برائيءَ کي ننديو آهي ۽ حق سچ جي پرچار ڪئي آهي.

مان پنهنجي اصل موضوع ڏانهن ايندي اها ڳالهہ ڪرڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ معاشرن ۾ ڪجهہ منفي لاڙن کي هر سطح تي ننڌڻ جي باوجود، هڪ اهميت ۽ مڃتا بہ ملي آهي. اهڙن منفي لاڙن ۾ توهم پرستي، ذات پرستي، قبيلائيت يا نسل پرستي ۽ ڪجهہ صنفي تفاوت وغيره اچي وڃن ٿا.

صنفي تفاوت يا اڻ برابري جي وضاحت وسيع پئماني تي جينڊر جي ماهرن پئي ڪئي آهي، بلڪ اهوتہ هاڻي هڪ اهڙو خاص موضوع يا معاملي جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي جنهن جي لاءِ ادارن ۾ ترجيحاتي بنيادن تي وقت ۽ بجيٽ خرچ ڪيو پيو وڃي.

پر مان هن مضمون ۾ صنفي اڻ برابريءَ کي انهن سماجي سوچ ۽ تاريخي طور تي مڃتا ماڻيل منفي لاڙن جي پس منظر ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، جن تي هيل تائين تمام گهٽ بلڪ نہ هئڻ جي برابر ڪم ٿيو آهي.

سموري دنيا ۾ صنفي اڻ برابري متعلق صدين کان هڪ مخصوص قسم جي فضوليات گردش ڪندي آهي. پر خاص طور تي ننڍي کنڊ جي تاريخ جا انهيءَ حوالي سان پيرا کڻجن ٿا تہ معلوم ٿئي ٿوتہ هتان جي هر دور جو معاشرو اهڙي قسم جي فضوليات ۾ زبردست يقين رکندڙ ۽ حمايتي رهيو آهي ۽ اڄ بہ آهي.

"عورت هڪ اهڙوئي مڪمل انسان آهي، جهڙو مرد".! يقيناً "صحيح" آهي، پر انتهائي حيرت جوڳي ڳالهہ آهي تہ جڏهن انهيءَ جملي کي ايجنڊا بڻائي اگر بحثجي ٿوتہ چڱا ڀلا پڙهيا لکيا علم جا اڪابر مرد حضرات ڊِلي "ها" چئي فرمائيندا آهن "ها ..... آهي تہ صحيح پر" ! اُها آخر ۾ جيڪا "پر" هوندي آهي، اها ئي در اصل اها صديون پراڻي روايتي گنل پيئل فضوليات آهي، جيڪا اسان جي سماج ۾ هر کيتر ۾ ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي. پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ انهيءَ فضوليات جا مڃيندڙ ۽ پوئلڳ لکين انسان اڄ بہ موجود آهن ۽ جديد دؤر جي ٽيڪنالاجي، ميڊيا، سائنس ۽ تعليم هنن جي جهالت جو وار بہ ونگو نہ ڪري سگهي آهي.

مثال جي طور تي پهاڪا ۽ چوڻيون، جيڪي سماج ۾ عقل، ڏاهپ، سمجهہ ۽ انساني ظرافت جو اعليٰ ترين مثال سمجهيا ويندا آهن. ڇوتہ پهاڪا ٻوليءَ، ثقافتي اوسر، نفسياتي تجربن، هنر ۽ حرفت جي تجربن، رسمن ريتن ۽ رواجن، خوشين ۽ غمن، انساني سياءُ ۽ روين، اٿڻي ويهڻي، رهڻي ڪهڻي مطلب سماج جي سموري جوهَر جرئت آهن. جيڪا ڳالهہ چِتي ڪوريءَ واري ديگهہ ۾ نتيجا نہ ڏئي اها، هڪ مختصر پهاڪي ظرافتي انداز ۾ ڏيندي. انهيءَ ڪري ئي سماج ۾ روازني زندگيءَ ۾ پهاڪن جو استعمال عام جام آهي، اجا اڄڪلهہ ميڊيائي يلغار ۽ ڪجهہ ٻين سببن جي ڪري نئين نسل کي انهي روايتي لوڪ کان دور آهي.

هي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا لوڪ ادب جي قديم ترين صنف "پهاڪا" سڀ سيڪڙو صحيح ۽ لوڪ ڏاهپ جو شاهڪار آهن؟ ڇوتہ اهڙا سوين پهاڪا آهن، جيڪي نفرت ۽ تذليل جي بنيادن تي جڙيل آهن. ذاتين جي اوچ نيچ وارا پهاڪا، جيڪي نہ صرف انساني حقن جي خلاف بلڪ اسان جي مذهبي پرچار جي پڻ خلاف آهن.

.ڪتو نہ ڏور، ماڇي نہ ماڻهو"، "ڪوري مت ٿوري"، "ٻيڙيءَ ۾ واڻيو ڳورو"، "قاضيءَ ۽ ڪجر جي ڪا ذات ناهي هوندي" ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي ضرب المثل جن، مختلف ذاتين جي سخت تذليل ۽ توهين ٿيل آهي.

اهڙي طرح سان عورت دشمن يا عورت مخالت پهاڪا، جن ۾ صنفي حوالي سان عورت جي صنف جي تذليل ٿيل آهي. عورت صدين کان هونءَ ئي مختلف حوالن سان اڻ برابري، تذليل ۽ توهين جو شڪار رهندي آئي آهي، جن لاءِ حوا جي هيءَ مظلوم ڌيءَ، پنهنجي عزت، آجپي ۽ هڪ مڪمل انسان واري برابر حيثيت جي جنگ وڙهندي آئي آهي.

مان هتي ڪجهه اهڙا پهاڪا تفصيل سان تجزئي سميت پيش ڪيان ٿو جيڪي نه صرف Gender Biased آهن بلڪ انتهائي صنفي طور تي توهين آميز به آهن.

- **عقل عورت جي ڳُڙيءَ ۾ هوندو آهي:**

محترمه بينظير ڀٽو (پاڪستان) اندرا گانڌي (هندستان) گولدا ميئر (اسرائيل) ايلزبيٿ ڊومينٽن (افريڪن ريپلڪ)، مارگريٽ ٿيچر (برطانيه) ماريا پنٽاسگلو (پرتگال)، ميري چارلس (ڊومنيڪا) حَنا سچوڪا (پولينڊ)، چندريڪا ڪمارا ٽنگا (سري لنڪا) ۽ آنگ سانگ سوچي (برما) سميت ٻين ڪيترين وزير اعظم عورتن کي ڏسي ڪري "عقل، عورت جي ڪڙيءَ ۾" واري واهيات مفروضي کي مڃيندڙن وٽ آخر ڪهڙو دليل ٿي سگهي ٿو. اهو دليل سماجي، سياسي، تاريخي، طبي، اخلاقي توڙي مذهبي بنيادي هجي يا ڪهڙي به بنيادن تي هجي، عقل جو ڪوبه تقاضا انهي مفروضي مڃڻ لاءِ تيار ناهي.

عقل (Wisdom) جو تعلق عمر، تعليم، علائقي ۽ تجربي سان ته ٿي سگهي ٿو پر صنف (Gender) سان ڪيئن؟ اها ڳوٺ هڪ ساڌارڻ دماغ واري ماڻهوءَ لاءِ پڄڻ ڏاڍي مشڪل آهي.

هن پهاڪي کي هر پاسي کان اٿلائي پُٿلائي ڏسو، ڪٿان به هن ۾ ڪا ڏاهپ، سمجهه يا ڪو دليل نظر نٿو اچي، جو سمجهجي ته ها ڀيلي، اهو نقطو آهي، جنهن جي ڪري عورت جوعقل ڪڙيءَ ۾ ٿي سگهي ٿو، اهڙي قسم جا ڄٽڪا پهاڪا، اسان جي سماج ۾ عام جام آهن، جن جي ختم ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي شعوري ڪوشش جي سخت ضرورت آهي.

- **جنهن جو پُڇ ڪڻ، مادي !**

خبر ناهي هن هن پهاڪي جي پويان ڪهڙي تاريخي حقيقت آهي، لسانيت جا ماهر چون ٿاته پهاڪا ۽ چوڻيون لوڪ ڏاهپ ۽ ظرافت جو غير معمولي مثال هوندا آهن. پر هتي هن پهاڪي ۾ مادي يعني جنسي طورتي عورت جي بري طرح تذليل ڪيل آهي. هي پهاڪو تڏهن استعمال ڪبو آهي، جڏهن هر ماڻهوءَ کي آزمائڻ کانپوءِ ان مان سخت مايوسي ملي. يعني هر بيڪار دوڪيباز ۽ غلط ماڻهو مادي (عورت) ئي هوندو/هوندي آهي.

هن پهاڪي جي جوڙيندڙ يا جڙڻ جي عمل جي پويان ضرور ڪي عورت مخالف ذهن رکندڙ مرد ئي هوندا جن پنهنجي نام نهاد لوڪ ڏاهپ جي نالي ۾ عورت جي جنس جي اهڙي تذليل ڪئي آهي.

- **سواري به نَر جي، ياري به نَر جي !**

هي پهاڪو ساهتي پرڳڻي ۾ گهڻو استعمال ٿيندو آهي، هن پهاڪي ۾ "نر" (مرد) جي برتريءَ جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن مان اڻ سڌي طرح عورت جي ڪمتري ڏانهن اشارو آهي "نر" جي سواريءَ مان مراد، نر جانور جي سواري آهي، جڏهن ته سواريءَ وارا جانور، گڏهه، گهوڙو، اٺ نر به هوندا ته مادي به. پهاڪي جو ٻيو حصو ياري به نر جي پڻ اهڙي قسم جي نفسياتي مردانه برتري ۽ عورت جي ڪمتريءَ تي مبني آهي. ياري، دوستي، تعلق يا واسطو، جيترو ڪنهن مرد سان بهتر ٿي سگهي ٿو اوترو عورت سان به ٿي سگهي ٿو. هي پهاڪو به Gender Biased جي ذمري ۾ ئي اچي ٿو.

- **ڪِني رَن جا ٻار به گهڻا، يار به گهڻا / يا ڪني رن جا ٻار، جيترا ٿورا، اوترا چڱا !**

هتي "ڪني رن" مان مراد فحاش عورت ورتل آهي، جنهن لاءِ ڪيترن ئي مرد سان غلط تعلقات هوندا آهن، جن لاءِ "يار" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اهڙي عورت جي اولاد به تمام گهڻي هوندي آهي.

هاڻي هتي "ڪني رن" جي بجاءِ اگر "ڪني انسان" جو لفظ استعمال ٿيل هجي هاته شايد ڪو شڪ يا دليل بيهي ها. (اگر بيهي هاته؟) ڇو ڪنو ڪوبه انسان ٿي سگهي ٿو ته "عورت" به ۽ "مرد" به! ته پوءِ پهاڪو رڳو عورت تي ئي ڇو. انهن عياش ۽ اوباش مردن لاءِ ساڳيو پهاڪو ڇو نه ته "ڪني مڙس جا يار ۽ ٻار جيترا ٿورا، اوترا چڱا" اها هڪ تحقيق طلب ڳالهه آهي، اهڙي قسم جا پهاڪا، چوڻيون، رسمون روايتون، سماج لاءِ ڪجهه صلاحون هيٺ ڏجن ٿيون:

1. اهڙا پهاڪا لفظ، اصطلاح، چوڻيون، ضرب المثل ڊڪشنرين ۽ انسائيڪلوپيڊيا مان خارج ڪري ڇڏجن.
2. روزاني زندگيءَ جي استعمال ۾ هرگز استعمال نه ڪجن.
3. ڪنهن جي واتان استعمال ٿيڻ جي صورت ۾ انهيءَ شخص سان بحث ڪجي ۽ ننڊجي.
4. تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکي انهن جي هميشه لاءِ متروڪ قرار ڏجي.

Zasoomro9@gmail.com

# مائڪرو ڊرپ سسٽم - بهتر آبپاشيءَ جا جديد طريقا

خادم حسين
مئنيجر مائڪرو ڊرپ

## حصو ٽيون - ٻيا فائدا

پوئين مضمون ۾ مائڪرو ڊرپ سسٽم جو تعارف ڪيو هئوسين ۽ ڳالهه ڪئي هئي سون ته: مائڪرو ڊرپ سسٽم فصلن ۽ ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻ جو اهڙو جديد ۽ سائنسي طريقو آهي جنهن وسيلي گهٽ پاڻيءَ هوندي به، فصلن مان وڌيڪ اپت وٺي سگهجي ٿي.
پاڻ ان تي به هڪ ڊگهو بحث ڪيو هيوسين ته زراعت لاءِ پاڻيءَ جي کوٽ سڄي دنيا سان گڏ پاڪستان جو به مسئلو آهي. ايندڙ ويهه ٽيهه سالن ۾ پاڪستان پاڻيءَ جي اٿهوند Absolute Scarcity جو شڪار هوندو. سنڌ جيئن ته پڇڙيءَ ۾ آهي؛ انڪري هينئر پاڻيءَ جي کوٽ جو شڪار آهي ۽ ايندڙ سالن ۾ اها کوٽ اڃان به وڌي ويندي.
پوئين مضمون ۾ مائڪرو ڊرپ جي ٻن اهم فائدن؛ پاڻيءَ جي بچت ۽ بهتر استعمال ۽ گهٽ پاڻي هوندي زياده پيداوار حاصل ڪرڻ تي ڳالهايو هيوسين. هن مضمون ۾ مائڪرو ڊرپ جي ڪجهه ٻين فائدن تي بحث ڪنداسون.

### ڪيميائي پاڻن جي بچت ۽ بهتر استعمال :

مائڪرو ڊرپ سسٽم ۾ پاڻن کي ٽينڪ يا ڊرم ۾ ڳاري، پائپن وسيلي، پاڻيءَ سان گڏ ٻوٽي جي پاڙن تائين پهچائي سگهجي ٿو. پاڻ ڏيڻ جي اهڙي طريقي کي فرٽيگيشن (Fertigation) سڏجي ٿو. فرٽيگيشن جديد ۽ بهتر طريقو آهي جنهن سان پاڻن جي بچت به ٿئي ٿي ۽ پاڻن تي ٿيندڙ خرچ به گهٽجي ٿو وڃي. ٻئي پاسي ڏنل پاڻن جو صحيح ۽ ڀرپور استعمال ٿيڻ ڪري انهن مان پورو فائدو به ٿئي ٿو ۽ فصل جي پيداوار به وڌي ٿي.
پهرين مضمون ۾ جيئن ذڪر ڪري آيا آهيون ته ڊرپ وسيلي پاڻي، ٻوٽي جي غذا کڻڻ وارين پاڙن تائين اهڙيءَ طرح ڏجي ٿو، جو زمين ۾ جتي پاڙون نه آهن يا پاڙن کان هيٺ پاڻي نه ٿو وڃي. تنهنڪري ساڳئي طرح فرٽيگيشن ڪرڻ سان پاڻ به، پاڻيءَ سان گڏ صرف ٻوٽي جي غذا ۽ پاڻي کڻڻ وارين پاڙن وٽ پهچن ٿا. جتان ڏنل سڄو پاڻ ٻوٽي جون پاڙون ئي جذب ڪن ٿيون. اهڙي طرح پاڻ زمين ۾ جتي ٻوٽو ناهي يا ٻوٽي جي پاڙن کان هيٺ (جر ڏانهن) يا گند گاهه کي ملڻ جي نقصان کان بچي ٿو وڃي.
ٻوٽن کي خوراڪ، عمر جي مختلف مرحلن ۾ مختلف مقدار ۾ گهرجي؛ مثال طور شروع ۾ گهٽ، واڌ ويجهه واري مرحلي ۾ وچٿري، فروٽ لڳڻ وقت وڌيڪ ۽ پچڻ واري وقت وري گهٽ. فرٽيگيشن واري طريقي تحت، ٻوٽي جو خوراڪ جو مرحيلوار مقدار گهرج آهر ڏئي سگهجي ٿو. ايتري تائين جو هفتيوار توڙي روزانه جي خوراڪ جي گهرج تحت به پاڻ ڏئي سگهجي ٿو.
جيئن ته ڊرپ وسيلي هر ٻوٽي کي هڪ جيترو پاڻي ملي ٿو، تنهنڪري ان ۾ شامل پاڻ به هڪ جيتري مقدار ۾ هر ٻوٽي کي ملن ٿا. مختلف پاڻن جي ڳرڻ جي صلاحيت توڙي زمين ۾ جذب ٿيڻ جي صلاحيت مختلف ٿئي ٿي. مثال طور DAP آهستي ۽ يوريا جلدي. ڊرپ فرٽيگيشن ۾، پاڻ اڳ ئي ڳريل هجڻ ڪري هڪ ڪرا ٻوٽي جي پاڙن وٽ پهچن ٿا.







ڊرپ فرٽيگيشن طريقه ڪار: پمپ مان ايندڙ پاڻيءَ ۾ پاڻ جو ڳار شامل ڪري، ڊرپ جي سسٽم ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي (ساڄي تصوير). ٻوٽن کي عمر جي مختلف مرحلن ۾ مختلف مقدار ۾ خوراڪ گهرجي. مائڪرو ڊرپ ۾ اها خوراڪ گهرج آهر روزانو جي بنياد تي ڏئي سگهجي ٿي. (کاٻي تصوير)

هڪ ئي وقت گهڻي مقدار ۾ پاڻ ڏيڻ (جيئن اسان روائتي آبپاشي سان ڳڌ ڪندا آهيون) فائدي بجاءِ نقصان به ڏئي سگهن ٿا. خاص طور ڪلراٺي زمين ۽ کاري پاڻيءَ سان. ڪيميائي پاڻ به هڪ قسم جا لوڻ ئي آهن. مائڪرو ڊرپ وسيلي وقفن سان ٿوري مقدار سان ڏنل پاڻ وقت سر ضرورت آهر ٻوٽي کي ملن ٿا،




ڊرپ فرٽيگيشن ۾ سڀ خوراڪي جزا هڪ ڪرائي ٻوٽي جي پاڙن کي ملن ٿا. جڏهن تہ روائتي آبپاشيءَ ۾ خوراڪي جزا گهڻ وڌ رهن ٿا ۽ جر ڏانهن وهي وڃن ٿا (ساڄي تصوير) روائتي آبپاشيءَ وسيلي هڪ ئي وقت ڏنل پاڻ، گهڻ فائديمند توڙي نقصانڪار ٿي سگهن ٿا. (کاٻي تصوير)

تہ ڪلراٺي زمين ۾ نقصانڪار بہ نہ ٿا ثابت ٿين. اهڙي طرح، مائڪرو ڊرپ ۾ فرٽيگيشن سان ڏنل پاڻ، ٻوٽي جي ضرورت آهر، عين وقت تي، پوري مقدار ۾ ملڻ ڪري ضايع ٿيڻ کان بہ بچي ٿا وڃن ۽ وڌيڪ فائديمند ٿي پيداوار ۾ اضافي جو سبب بڻجن ٿا.

مختلف تحقيقن مان ثابت ٿيو آهي تہ، بهتر آبپاشيءَ جي جديد طريقن ۾ پاڻن ڏيڻ جي هن فرٽيگيشن واري طريقي سان پاڻن جي ڪارآمدگي (Use efficiency)، 95 في سيڪڙو تائين وڌي سگهي ٿي. تحقيق مان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ هن طريقي سان 60 في سيڪڙو تائين پاڻن جي بچت ۽ 40 سيڪڙو کان وڌيڪ تائين پيدوار ۾ اضافو ممڪن آهي. فرٽيگيشن جي ڪجھ ٻين فائدن پاڻن جي چونڊ ۽ طريقءِڪار تي ڪنهن ڏار مضمون ۾ تفصيل سان ذڪر ڪنداسون.

**توانائي (بجلي ۽ تيل) جي خرچ ۾ بچت :**

نهري پاڻيءَ جي کوٽ ڪري، ڪجھ سالن کان ٽيوب ويل لڳائي، زير زمين پاڻيءَ جي استعمال ۾ انتهائي اضافو ٿيو آهي. اهڙي طرح پاڻيءَ جي ان وسيلي ۾ کوٽ پڻ اچي پئي ۽ ٽيوب ويل کي هلائڻ لاءِ بجلي توڙي تيل جي خرچ ڪري پوکي وڌيڪ مهانگي ٿي وڃي ٿي. پاڻيءَ سان گڏ توانائيءَ جا ذريعا پڻ اٿلي ٿيندا پيا وڃن: تنهنڪري ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ توانائيءَ جي ذريعن جي استعمال ۾ بهتري آڻي، خرچ گهٽائجي. آبپاشيءَ جي جديد طريقن ۾ روائتي طريقن جي ڀيٽ ۾ ڪافي گهٽ پاڻي استعمال ٿئي ٿو. ان گهٽ پاڻيءَ کي پمپ وسيلي حاصل ڪرڻ ۾ گهٽ توانائيءَ جي ضرورت پوي ٿي. مائڪرو ڊرپ لاءِ گهٽ طاقت (هارس پاور) وارا پمپ لڳن ٿا، جن ۾ گهٽ بجلي / تيل استعمال ٿئي ٿو. جڏهن تہ، روائتي آبپاشيءَ لاءِ گهڻي پاڻي ڪڍڻ وارا وڌيڪ طاقت وارا پمپ لڳائڻا ٿا پون. ساڳئي طرح روائتي آبپاشيءَ لاءِ اهي وڏا پمپ وڌيڪ وقت لاءِ پڻ هلائڻا ٿا پون. مطلب وڌيڪ توانائي جو استعمال ٿئي ٿو. اهڙي طرح، مائڪرو ڊرپ سان آبپاشي ڪرڻ سان، في يونٽ بجلي يا في يونٽ تيل جي استعمال سان روائتي آبپاشيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اپت حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ في ايڪڙ بجلي توڙي تيل تي اينڌڙ خرچ بچائي سگهجي ٿو. تحقيق موجب مائڪرو ڊرپ سسٽم سان ٽيوب ويل لاءِ توانائي جي استعمال ۾ روائتي طريقي سان آبپاشيءَ جي ڀيٽ ۾ تقريباً 50 سيڪڙو تائين بچت ٿي سگهي ٿي.



مائڪرو ڊرپ سسٽم هلائڻ آسان ۽ گهٽ مزدوري طلب آهي (ساڄي تصوير) جڏهن تہ روائتي آبپاشيءَ ۾ وڌيڪ محنت ۽ مزدوري لڳي ٿي. (کاٻي تصوير)

**مزدوريءَ ۾ بچت :**

جيئن تہ مائڪرو ڊرپ سسٽم هلائڻ ۾ سولا آهن. انکري انهن زمينن تي، جتي اهي سسٽم لڳل آهن، ٿورن ماڻهن جي ضرورت پئي ٿي. ان سان گڏ زمين ۾ گندگاھ بہ، نہ ٿو ٿئي ۽ ڳڌ وغيره بہ گهٽ ٿي ڪرڻي پئي.

**آڳاٽو فصل ۽ بهتر ڪوالٽي :**

جيئن ته مائڪرو ڊرپ سسٽم سان ٻوٽي کي پاڻي توڙي خوراڪ پوري مقدار ۾ ملي ٿي، تنهنڪري ٻوٽي ۾ نه سُوڪِ اچي ٿي، نه گهٽو ڪچ ٿئي ٿو. ان ڪري ميوو / فصل روائتي آبپاشيءَ سان گڏ ٿيل فصل کان اڳ پچي ٿو ۽ ڪوالٽي ۾ به سٺو هجي ٿو. اهڙي طرح آڳاٽي فصل ٿيڻ ڪري مارڪيٽ ۾ سٺو اگهه حاصل ڪري سگهجي ٿو.

**بيمارين ۽ جيتن جو گهٽ حملو ۽ گندگاه ۾ گهٽتائي :**

مائڪرو ڊرپ سسٽم سان پاڻي ڏيڻ سان هڪ ته ڪَجُ گهٽ ٿئي ٿو، انڪري جيتن جو حملو به گهٽ ٿئي ٿو. ٻيو ته پاڻي صرف ٻوٽي جي پاڙن وٽ ڏجي ٿو، تنهنڪري ٽڙ ۽ ميوي وغيره کي پاڻي نه ٿو لڳي، انڪري فنگس وارين بيمارين جو امڪان گهٽ ٿئي ٿو. ڪجهه بيماريون وري ٻوٽي کان ٻئي ٻوٽي ڏانهن روائتي آبپاشيءَ ۾ پاڻيءَ جي وهڪري سان منتقل ٿين ٿيون. جڏهن ته مائڪرو ڊرپ ۾ هر ٻوٽي کي ڌار پاڻي ملي ٿو، انڪري اهي بيماريون ۽ جيت منتقل نه ٿا ٿين. روائتي آبپاشيءَ ۾ زمين وڌيڪ پاڻيءَ ملڻ ڪري تر يا سم واري صورتحال (Saturation) رهي ٿي، انڪري پاڙن ۾ لڳندڙ بيمارين جو امڪان وڌيڪ رهي ٿو. مائڪرو ڊرپ ۾ ٻوٽي جي پاڙن وٽ، هميشه وَٺ (Field capacity) رهي ٿي، ان ڪري اهي بيماريون نه ٿيون لڳن.

مائڪرو ڊرپ وسيلي پاڻي صرف فصل ۾ ٻوٽن جي پاڙن کي ڏنو وڃي ٿو. ۽ باقي خالي زمين سڪل رهي ٿي، انڪري گندگاهه پڻ گهٽ ٿئي ٿو. جڏهن ته روائتي آبپاشي وسيلي پاڻي ڏيڻ سان هرهنڌ پاڻي ملڻ ڪري، ڪافي گندگاهه ٿئي ٿو. گندگاهه ڪافي طريقن سان فصل کي نقصان ڏئي ٿو. مثال طور خوراڪ، پاڻي روشني ۾ پائيواري وغيره. جيڪڏهن گندگاهه نه ڪڍيو وڃي (۽ انکي ڪڍڻ لاءِ خرچ پڻ ٿئي ٿو) ته فصل جي پيداوار ۾ 20 کان 50 سيڪڙو گهٽتائي ٿي سگهي ٿي. مطلب ته مائڪرو ڊرپ جي ڪري بيمارين جيتن ۽ گندگاهه سان ٿيندڙ نقصان کان به بچي سگهجي ٿو، ته ان کي ختم ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ خرچ کان پڻ.



مائڪرو ڊرپ سسٽم پاڻي صرف ٻوٽن جي پاڙن ۾ ڏجي ٿو، تنهنڪري گندگاهه گهٽ ٿين ٿا (ساڄي تصوير)، جڏهن ته روائتي آبپاشيءَ ۾ سڄي زمين ۾ پاڻي ڏنل هجڻ ڪري گندگاهه وڌيڪ ٿين ٿا. (کاٻي تصوير)

**ناهموار ۽ مختلف زمينن لاءِ موزون :**

مائڪرو ڊرپ سسٽم ۾ جيئن ته پائيپن وسيلي پاڻي وهي هلي ٿو ۽ انکي وهي هلڻ لاءِ پمپ جو دٻاءُ (پريشر) هجي ٿو. انڪري زمين جي ناهمواري مسئلو ناهي: هيٺ مٿاهين تي پاڻي پهچائي سگهجي ٿو. جڏهن ته روائتي آبپاشيءَ جي طريقن لاءِ زمين جو مڪمل طرح هموار هجڻ لازمي آهي. ناهموار زمينن ۾ روائتي آبپاشيءَ ۾ پاڻي هينائين کان مٿاهينءَ ڏانهن وڃي نه سگهندو. جيڪڏهن زمين سنوت ۾ نه هوندي، ته هيناهين ۾ پاڻيءَ جا دٻا ٿي بيهندا ۽ مٿاهيون سڪنديون. مائڪرو ڊرپ لاءِ زمين جي سنوت لاءِ خرچ ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي، بلڪ ڪنٽور (ڏاڪيدار زمين) ناهي ڊڙن تي پڻ آبادي ڪري سگهجي ٿي.

انتهائي چيڪي توڙي زياده وارياسين زمينن ۾ پڻ مائڪرو ڊرپ سسٽم ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري سگهي ٿو. چيڪي زمين ۾ پاڻيءَ جي جذب ٿيڻ جي صلاحيت گهٽ هجڻ ڪري روائتي آبپاشي سان ڏنل پاڻي دٻا ڪري بيهي ٿو رهي ۽ وارياسي زمين ۾ وري جلدي ٻوٽي جي پاڙن کان هيٺ هليو ٿو وڃي. مائڪرو ڊرپ سسٽم ۾ جڏهن ته پاڻيءَ جي وهڪري تي مڪمل ڪنٽرول هجي ٿو. انڪري چيڪي توڙي واريasi زمين جي پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت سان مطابقت رکندڙ وهڪرو رکي فصل کي صحيح طرح سان سيراب ڪري سگهجي ٿو.



مائڪرو ڊرپ وسيلي ناهموار زمينن ۾ آسانيءَ سان فصل پوکي سگهجن ٿا.

### ڪارو / گهڻ ڪوالٽي واري پاڻيءَ جو استعمال ۽ ڪلراٺي زمين :

نهري پاڻيءَ جي ڪوٽ جي ڪري سنڌ ۾ اڪثر علائقن ۾ ٽيوب ويلن جو پاڻي استعمال ڪيو ٿو وڃي. پر سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ( 78 سيڪڙو) زير زمين پاڻي ڪارو آهي. روائتي آبپاشيءَ وسيلي ڪارو پاڻي ڏيڻ سان فصل بہ نہ ٿو ٿئي ۽ زمين بہ خراب ٿئي ٿي. جڏهن تہ مائڪرو ڊرپ سسٽم جي استعمال سان اهو ممڪن آهي تہ ڪنهن حد تائين ڪارو پاڻي استعمال ڪري ڪاميابيءَ سان فصل پوکي سگهجن ٿا. روائتي آبپاشي ۾ جڏهن تہ پاڻي گهڻو ڏيڻو ٿو پوي تنهنڪري وڌيڪ لوڻ زمين ۾ (ٻوٽي جي پاڙن وٽ) داخل ٿين ٿا. انجي مقابلي ۾، هڪ تہ مائڪرو ڊرپ وسيلي زمين جي جهل ۽ ٻوٽي جي ضرورت جيترو پورو پاڻي ڏجي ٿو. ان ڪري زمين ۾ گهڻ لوڻ جمع ٿين ٿا. ٻيو تہ زمين ۾ لوڻ سيڪ/وَٽ ڪان سوڪ واري پاسي حرڪت ڪري جمع ٿين ٿا. پاڻ پوئين مضمون ۾ ڳالهہ ڪري آيا آهيون تہ مائڪرو ڊرپ سسٽم سان ٻوٽي جي پاڙن وَٽِ هميشہ وَٽ برقرار رکجي ٿي، تنهنڪري لوڻ ٻوٽي جي پاڙن ڪان پري وڃي جمع ٿين ٿا. اهڙي طرح لوڻ ٻوٽي کي نقصان نہ ٿا رسائين.



مائڪرو ڊرپ سان لوڻ ٻوٽي جي پاڙن ڪان ٻاهر ڌڪجي وڃن ٿا.

مائڪرو ڊرپ جي اهم فائدن مان هڪ فائدو اهوبہ آهي تہ ڪنهن حد تائين ڪارو پاڻي جيڪو روائتي آبپاشيءَ ۾ استعمال ڪري نہ ٿو سگهجي، استعمال ڪري، ڊرپ وسيلي فصل پوکي سگهجن ٿا.

### فصل ۾ ڪم ڪرڻ جي آساني :

مائڪرو ڊرپ سان آبپاشي صرف ٻوٽي جي پاڙن وٽ پاڻي ڏجي ٿو، تنهنڪري روائتي آبپاشي وانگر زمين ۾ گپ نہ ٿي هجي. انڪري فصل ۾ گڏ ڪرڻ، جيت مار دوائن جو ڦوهارو ڪرڻ وغيره ۾ ڪا ڏکيائي نہ ٿي ٿئي.


مائڪرو ڊرپ وسيلي ٻوٽي جي پاڙن وٽ پاڻي ڏجي ٿو ۽ باقي زمين سڪل رهي ٿي (ساڄي تصوير) ۽ ڪم ڪرڻ آسان آهي. جڏهن تہ روائتي آبپاشي (کاٻي تصوير) ۾ ڪم ڪرڻ ڏکيو آهي.

آبادگار پائرو

مائڪرو ڊرپ سسٽم اهڙو جديد ۽ بهتر آبپاشيءَ جو طريقو آهي جنهن وسيلي پاڻيءَ جي اڻٽر ڪوٽ کي منهن ڏئي سٺي ۽ بهتر پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان سان گڏ انهيءَ طريقي سان پاڻ، توانائي ۽ مزدوري جي خرچ ۾ پڻ بچت ڪري سگهجي ٿي. فصل آڳاٽو بہ ٿئي ٿو ۽ بيمارين، جيتن ۽ گندگاهہ ڪان بہ بچيل رهي ٿو. ان ڪان علاوه لوٽاني پاڻي توڙي ناهموار زمين جو مسئلو پڻ حل ٿي وڃي ٿو.

خادم حسين

موبائيل نمبر: 0300-3789432

اي.ميل: khussain@microdrip.pk

# خوشحالي جي تدبير

محمد عارف پٺاڻ
ڪريڊٽ پروفيشنل لاڙڪاڻو

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ضلعن ۾، غريب ماڻهن جي گذرسفر ۽ خوشحالي ڏانهن وڌنڙ وک صرف هڪ خواب ئي وڃي بچيو آهي. ابوجهه ماڻهن ڪي جدوجهد، جفاڪشي، ولولي طرف وٺي وڃڻ صرف ڳالهين جي حد تائين محدود رهيو آهي. سادن سودن ماروئڙن جي زندگي کي خوشحالي طرف وٺي وڃڻ جي لاءِ جرئت، عزم جي ضرورت آهي، ان بيماري لاءِ نسخو ڳولهڻو آهي ته ڪٿي سات سَنوڻ ۽ نِڪو پنجو ڪندي غربت جهڙي موذي مرض مان نجات ڪڍي سگهجي ٿي. غريب ماڻهن کي ڪيترو به تباهه چونه ڪيو ويو هجي اوتروئي انهن ۾ تعمير جي طاقت موجود رهي ٿي، وڻ کي واڍا ڪهاڙين، ڪاراين سان وڍي تباهه ڪندا آهن، پر پوءِ به هو ڪيترن ئي هنڌن تان ڦٽي ٻيهر زندهه ٿي پوندو آهي.



جاپاني قوم کي ايٽم بم جهڙي سپر بم سان تباهه ڪيو ويو، جنهن ۾ هيروشيما ۽ ناڳاساڪي جهڙا وڏا شهر سُرمو ٿي ويا. گرمي پد جي زياده هجڻ ڪري ماڻهو رجي ٻاڦ ٿي اڏامي ويا. ۽ تابڪاري اثرن ڪري اڄ به نسلن جا نسل معذوري جو شڪار آهن. پر هڪ ”تعميري“ جذبي قوم کي ٻيهر زندگي بخشي، هو مايوسي ارمانن بجاءِ محنت ۾ لڳي ويا. ۽ ويهن سالن جي مسلسل محنت سان هنن پهريان ڪان به سهڻا شهر تعمير ڪري ورتا. واپار ۾ ترقي ڪندي حملا آور کي به قرضي بنائي وڌائون، هو جيڪا به دنيا ۾ نئين شيءِ ڏسن پيا، ان جو نقل ناهيندي ناهيندي اصل شيءِ کان به وڌيڪ مؤثر شيءِ متعارف ڪرائي پيا وٺن ۽ ائين خطي، ملڪي ۽ دنيا جي مارڪيٽن تي ڇانئجي ويا هينئر دنيا جي 80% مارڪيٽ تي حاوي آهن.

هنن هڪ نئون سپر ڪمپيوٽر نقل ڪيو SX-X جيڪو هڪ سيڪنڊ ۾ ويهه بلين سائنسي آپريشنل ڪم ڪري رهيو هو. هي جاپاني ڪمپيوٽر دنيا جي سپني ڪمپيوٽرس کان 30 فيصد وڌيڪ تيز ڪم ڪرڻ وارو هيو. هن سان تيل جي تلاش، موسمياتي پيشن گوين کان پوءِ ملڪي دفاع جهڙا ڪم ورتا پئي ويا. ڪنهن سپر بم ناهي هن قوم کي تباهه ڪيو پر تعميري جذبي سپر ڪمپيوٽر، سيٽلائيٽ جا اوزار فرج A.C ۽ دفاعي مشينري ناهيندي دنيا جي معيشيت ۾ پاڻ مجرايو. ان سڄي ڪاميابي جي راز صرف ۽ صرف هڪ لفظ ۾ هيو .تعميري سوچ“.

غريب ڳوٺاڻن کي مشورا، رايا، صلاحون ڏيڻ لاءِ سياڻن ڏانهن وسان ڪونه گهٽايو آهي، جتي ڦورو، لٽيرا پڻ ڪات هٽندا هجن، اتي غريبن جي رهنمائي لاءِ ڏاها پڻ پنهنجو ڪم ڪندا رهيا آهن. ڪن روحاني تعليم ڏني ۽ تمثيلي ڪهاڻيون لکيون. هڪ جنگل ۾ شينهن رهندو هيو، هو پنهنجي بک جي خاتمي لاءِ روانو جهنگ ۾ رهندڙ جانورن تي حملو ڪندو هيو ۽ ڪين چيري ڦاڙي ڪائي ڇڏيندو هيو. جانورن جو جيئڻ حرام ٿي ويو. هنن گڏجي ميٽنگ ڪوٺرائي ته ڪو صلاح مشورو ڪري يا تدبير سوچي يَوَ ۽ ڊپ واري زندگي مان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪجي.

ميٽنگ ۾ طئي اهو ٿيو ته شينهن بابا ڏي وفد موڪلي عرض ڪبو ته قبلا اوهان اجايو اسان تي حملو نه ڪيو ۽ اسان جي پرسڪون زندگي کي ويران نه ڪيو نه ئي پاڻ کي جوکم ۾ وجهو. اسين پاڻ شينهن بادشاهه جو خوراڪ

لاءِ ڪُٺو ڪدي روز هڪ جانور ڏياري موڪليندا سين.

شينهن بادشاهہ ان صلاح تي راضپو ڏيکاريو. روز وعدي مطابق ڪُٺو ڪديو ويندو هيو ۽ هڪ جانور ان ڏي خوراڪ لاءِ موڪليو ويندو هيو.

هڪ ڏينهن سيهڙ ڪُٺي ۾ نڪتو. سيهڙ اڳ ۾ ئي سوچي رکيو هيو تہ جڏهن سندس ڪُٺو نڪرندو تہ هو تدبير وسيلي پنهنجي مظلوم جانور Community کي شينهن جهڙي دشمن مان نجات ڏياريندو. سيهڙ ٻہ ڪلاڪ دير سان شينهن وٽ پهتو، جيڪو اڳ ئي خوراڪ جي انتظار ۾ ڪاوڙيو ويٺو هيو، ويتر جو هڪ ننڍو سيهڙ ڏٺائين تہ رڙ ڪري چيائين، هڪ تہ دير ٻيو وري انڌير! صرف هڪڙو سيهڙ موڪليو اٿوَ. سيهڙ نهايت نرم لحجي ۾ چيو قبلا اسان جو ان ۾ ڏوهہ ئي ڪونهي. جهنگ ۾ هڪ ٻيو بہ شينهن نازل ٿيو آهي، اسان ان ڏانهن وڏي خوراڪ موڪلي سين. ان ڪري جو هو توهان کان بہ وڏيڪ ڏاڪو ٿو ڄمائي. ان سبب ڪري دير ٿي وئي. شينهن جي ڪاوڙ جو رخ هاڻي سيهڙ نہ، پر ٻيو شينهن ٿي ويو، هڪل ڪري چيو تہ اهو وري ڪير آهي ۽ ڪٿي آهي، جيڪو منهنجي سلطنت ۾ منهنجي هوندي بہ رهي ٿو.

سيهڙ کيس آهستي عرض ڪيو تہ قبلا اچو تہ توهان کي ڏيکاريان ٿو. کيس وٺي آٽي کوهہ جي مٿان بيهاريائين ۽ چيائين اجهو اهو اٿوَ. شينهن پاڻي ۾ ڏٺو، کيس پنهنجي شڪل نظر آئي، گجگوڙ ڪيائين، هن بہ گجگوڙ ڪئي ۽ ٻاهران بيٺل شينهن کوهہ واري شينهن تي حملو ڪيو. نتيجو ظاهر آهي تہ تدبير وسيلي شير بادشاهہ کوهہ ۾ ئي ڪري مري ويو. اهڙي تدبير ۽ سوچ سان جانورن جي هڪ ننڍي عنصر "سيهڙ" پنهنجي Community کي هميشہ هميشہ تباهہ، برباد ٿيڻ کان بچائي ورتو.




اهو هڪ سبق ۽ مثال آهي تہ غريب Communities تي هميشہ تباهہ ڪاريون نازل ٿينديون آهن، پر اهڙي ڏُبڻ مان نڪرڻ لاءِ ٻڌي، تعميري سوچ، تدبير ۽ حوصلي جي ضرورت پوندي آهي، ۽ اهڙي ئي حوصلي ۽ سوچ جي ضرورت پهريان کان اڄ وڌيڪ آهي، ڳالهہ آهي سمجهڻ جي تہ ڪي مايوس، نراس ۽ اداس ٿيڻ جي. ان ئي ڳالهہ جي سرسو جي غريب ڪميونٽيز کي ڪالهہ کان وڌيڪ اڄ ! مٿئين تمثيلن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٻڌي ڪري Values جي پٺيان لڳندي انقلابي ترقي ڪرڻي آهي نہ ڪي صرف هٿ ادب جا ٻڌي هلڻ ۾ آهي.

**

# صنفي شعبي جون سرگرميون

ڏکيون جان نہ مِڙن، تان تان پَنڌ نہ ٿئي،
پنڌ واريون پَدريون، ڳاڙها ڳل سَندن،
پيون هونءَ ئي هٿ هڻن، روئنديون روئڻ واريون!


نياز علي سومرو
اسسٽنٽ پروگرام آفيسر
سرسو جينڊر سيڪٽر





سنڌ ۾ عورت مٿان مرد جو ضابطو شروع کان وٺي هلندو پيو اچي ۽ عورت مختلف طريقن سان انهيءَ ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندي ٿي اچي. جنهن ۾ ڳوٺ جا وڏيرا ۽ چڱا مڙس مکيہ ڪردار ادا ڪندا آهن. عورت گهر هلائڻ، ٻار پالڻ کان علاوه زراعت، مال مويشي ۽ گهريلو ڪم ڪار بہ ڪري ٿي. ان جي باوجود بہ عورت کي معاشري جو هڪ غيرضروري حصو سمجهيو ويندو آهي. اسان جو معاشرو عورت جي ڪردار کان بلڪل اوجهل آهي. عالمي رپورٽ موجب عام عورت هر روز تقريبن 16 ڪلاڪ ڪم ڪري ٿي. جنهن ۾ زراعت مال مويشي جي سنڀال ۽ گهرو ڪم اچي ٿو وڃي. عورت زندگيءَ جي عام سهوليتن کان بہ محروم آهي جهڙوڪ تعليم ۽ صحت. اڄ جي تهذيب يافتہ معاشري ۾ سڀ کان وڏيڪ ظلم ۽ جبر جو شڪار عورت جي نالي تي ٿئي ٿو ۽ ازالو بہ عورت کي ئي ڀوڳڻو ٿو پوي. ڪاروڪاري، سڱ چٽي پري ڏيڻ تہ اندروني سنڌ ۾ عام ٿي چڪو آهي. اندروني سنڌ ۾ عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي تہ مرد پنهنجي گهرواري ڀاڄائي، ڀيڻ يا ڌيءَ کي ڪارو ڪري تڏهن ماريندا آهن جڏهن انهن جي سامهون پيسو، زمين ۽ مال ملڪيت ذهنن مٿان حاوي هوندي آهي. سنڌ ۾ قرآن ۽ وڻ سان شادي ڪرائڻ کي حق بخشي چوندا آهن جنهن ۾ عورت کان شادي ڪرڻ جو حق کسيو ويندو آهي. اهو ڪم هميشہ امير ۽ جاگيردار ئي ڪندا آهن تہ جيئن انهن جي زمين مال ملڪيت ۽ پيسو بچي پوي. ننڍي عمر ۾ شادي ڪرڻ پڻ اندروني سنڌ ۾ عام آهي. عمر رسيده مرد جي ننڍي عمر واري ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائڻ بہ جهڙوڪ هڪ رسم ٿي چڪي آهي.

ٽيڪنالاجي حيرت جي انتها اورانگهي وئي آهي پر، هتي اڄان بہ عورت ڀاڄاريءَ ۾ جونيل ڏاند جيان ڳاهجي ٿي. اذيتن جي اوڙاهہ ۾ سڙي ٿي ۽ نفرتن جي پيڙهہ ۾ پيڙهجي ٿي. عورت کي ڪٿي مال جيان وڪرو ڪيو ٿو وڃي تہ ڪٿي ان کي ٻارَ ڄڻڻ جي مشين سمجهيو ٿو وڃي. ڪٿي هُن جي لڄ ليڙون ليڙون ڪئي ٿي وڃي تہ ڪٿي هِن کي بندوق ۽ ڪهاڙين جو کاڄ بڻايو ٿو وڃي. عورت جنهن جي سونهن ڪائنات سان پيٽي وئي آهي. مٿس ڪٿي تيزاب هاري حقارت آميز بڻايو ٿو وڃي تہ ڪٿي حوس جو بگهيڙ بڻجي هنجو ماس پٽيو ٿو وڃي. انسان جي وجود ۾ نفرت جي باهہ ايڏي تہ ٻري رهي آهي جو هو پنهنجي سڃاڻ کان بہ اوجهل ٿي ويو آهي. عقل جو اڪابر ايترو بہ نہ ٿو سوچي تہ جنهن عورت کي نيست وَ نابود ڪرڻ جي جستجو ۾ لڳل آهي، اها عورت سندس جي ڪابي پاسرائي مان جڙيل آهي، يا ڪڏهن ايئن سوچي تہ منهنجو جنم هڪ عورت (ماءُ) مان ئي ٿيو آهي. هڪ لفظ عورت جنهن جا روپ منظر عام تي مختلف پهلو بڻيل آهن، ان لفظ سان ايڏي ويڌن ۽ ٻيائي آخر چو؟

عورت جنهن جي نالي ۾ نزاڪت ۽ ماءُ جي ممتا پڙکي ٿي تنهن عورت جي صدا عرش عظيم کي بہ ڏڏائي سگهي ٿي. پر هوءَ صدين کان چپ آهي ڇوتہ رب العالمين هن کي برداشت جو مادو ڏنو آهي. هن ۾ سهپ، سيرت، صورت، محبت ۽ خدمت جو جذبو ڀريو آهي.




عورت اهو قطئي نٿي چاهي تہ مغربي دنيا جهڙو لباس، مغربي دنيا جهڙي ڇڙواڳي ڏني وڃي. پر اڄ جي ڳوٺاڻي عورت ايترو ضرور چاهي ٿي تہ کيس مذهب اسلام جيڪي حقوق ڏنا آهن بس اهي ڏنا وڃن. هر عورت هڪ روشن جيون چاهي ٿي. اڄ جي عورت چاهي ٿي تہ هن جو رئو ڳوڙهن سان آلو نہ ٿئي ۽ هر مرجهايل چهري تي مرڪ اچي ۽ اکين ۾ خوشي جي چمڪ نظر اچي. اڄ جي عورت چاهي ٿي تہ اسين حقن لاءِ ڪڏهن بہ نہ واجهايون پر حق اسان وٽ پاڻ اچن.

عام چوڻي آهي تہ هڪ ڪامياب مرد جي پٺيان هڪ عورت جو هٿ هوندو آهي، پوءِ اها عورت ماءُ جي عظيم ٻاجهاري هستي ۾ هجي، ڀيڻ ۽ ڌيءَ جي جي روپ ۾ ڇونہ هجي. ترقي يافتہ ملڪن ۾ عورتون تہ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀرپور ساٿ نڀائي رهيون آهن.

اسان جي مذهب اسلام ماءُ جي پيرن هيٺان جنت رکي آهي، سنڌ ۾ نياڻيون ست قرآن سمجهيون وڃن ٿيون. پر ڇا اسان جو هي معاشرو عورت کي انهيءَ نظر سان ڏسي ٿو، جنهن نظر سان هن کي ڏسڻ جي ضرورت آهي. يا جنهن نظر جي هوءَ حقدار آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي "جينڊر سيڪٽر" صنفي ترقيءَ جي شعبي جي ڀرپور ڪوشش رهي آهي تہ ٻهراڙيءَ جي عورت جي عزت، مانُ ۽ مرتبي کي وڌائڻ لاءِ هرممڪن جدوجهد ڪجي تہ جيئن هوءَ بہ ملڪي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي.

صنفي ترقي جي شعبي پاران مردن جيان عورتن کي بہ معاشري ۾ برابري جو مقام ڏيارڻ لاءِ پنهنجون سرگرميون ورڪشاپس ۽ سيمينار جي صورت ۾ سرانجام ڏئي رهيو آهي، جنهن جو مقصد آهي عورتن ۾ شعور ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ تہ جيئن هن کي پنهنجي حقن جي حاصلات جي سڃاڻ ٿئي. سرسو - جينڊر سيڪٽر پاران گذريل ڇهن



مهينن ۾ (جولاءِ کان ڊسمبر 2012) تائين مختلف پروگرام معنقد ڪرايا ويا تہ جيئن جيڪي ٻي سوده رسمون هلن پيون انهن جو خاتمون آڻي سگهجي ۽ هڪ بهترين معاشرو جوڙي سگهجي. گڏوگڏ عورتن کي عزت ۽ اهميت ڏيڻ تہ جيئن اُهي پنهنجو بهتر مقام حاصل ڪن ۽ غربت جي چنبي مان آزاد ٿي پنهنجي گهر، ڳوٺ ۽ ملڪ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن.

انهيءَ سلسلي ۾ جينڊر شعبي پاران 38 پروگرام مختلف ڳوٺن ۽ ضلعن ۾ ڪرايا

ته جيئن سجاڳيءَ کي اڳتي وڌائي معاشرتي تشدد ۽ ڏاڍ جيڪو خاص طور تي عورتن تي صنف جي بنياد تي ڪيو پيو وڃي ان جو خاتمو ممڪن ٿي سگهي.

منعقد ڪرايل پروگرامن ۾ عورتن تي ٿيندڙ ظلم کي روڪڻ لاءِ عورت جي ڪردار کي تصويرن جي شڪل ۾ آڻي شعور کي اجاگر ڪيو ويو ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي پڻ پيغام هلايا ويا ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهن کي اها ڄاڻ ملي ۽ ڀهراڙي جي عورت تي ٿيندڙ ظلم ۽ ذيادتي تي پڻ ظابطو اچي سگهي.



اسين جتي غربت کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪيون ٿا، جيڪڏهن اتي امن قائم نه هوندو ته اُتي غربت گهٽجڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿي؟ جتي ماڻهو مختلف نفسياتي مسئلن ۾ جڪڙيل هجي ۽ خاص طور تي تشدد جي ور چڙهيل هجي اتي شايد جيڪو مقصد آهي غربت گهٽائڻ جو ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. امن امان جي صورتحال ۽ عورتن تي ٿيندڙ تشدد جي حوالي سان راڻيپور، خيرپور، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ ضلعي سطح تي سيمينار ”پُر امن گهر کان پر امن دنيا جي طرف قدم“ پروگرام منعقد ڪيا ويا جنهن ۾ 1000 کان وڌيڪ عورتن ۽ مردن ۾ ڄاڻ ۽ شعور پيدا ڪيو ويو ۽ انهيءَ جاڳرتا پروگرامن ۾ ڏاها استاد، دانشور، غيرسرڪاري اين.جي.اوز ۽ ميڊيا جا نمائندا پڻ شريڪ رهيا.

انساني حقن جي لتاڙ کان انساني حقن جي حاصلات تائين جي موضوع تي به ورڪشاپ منعقد ڪيا ويا ۽ ”انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي“ تي مختلف مهمانن تقريرن ۾ پنهنجا ويچار ونڊيا ۽ چيو ته جتي انساني حق لتاڙيا وڃن، بي گناهه انساني جانيون ضايع ڪيون وڃن، ۽ اڪثر انهيءَ ظلم جو شڪار عورت ئي ٿئي ٿي. جڏهن ته عورت جو ڪردار ڪنهن کان ڳجهو نه آهي. پر هتي ظلم جي حد آهي. هن عظيم هستي جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ ڪيترن ئي جڳن تي خود ڪيو آهي، الله پاڪ عورت جي عزت، مان ۽ مرتبي کي نهايت ئي اهميت ڏني آهي. هونءَ ته روزانو الائي ڪيترا اڻ وڻندڙ واقعا رونما ٿين ٿا ۽ عورت کي ظالماڻي انداز ۾ قتل ڪيو پيو وڃي اسين صرف هڪ سنڌي اخبار ڪاوش جو مطالعو ڪنداسين ته اسان کي عورت تي تشدد ۽ ظلم جا واقعا ڇپيل نظر ايندا.



سرسو جينڊر سيڪٽر روزانه جي بنياد تي ڪاوش اخبار ذريعي مختلف واقعن جا ڪيس سهيڙيندو آهي، ۽ پوءِ مختلف پروگرامن ۽ ورڪشاپن ذريعي ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪري انهن جي خاتمي لاءِ ڪي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اخبار ۾ ڪاروڪاري، تشدد، قتل، اغوا ۽ زيادتين جا ڪيس هوندا آهن. تازو ئي نومبر مهيني ۾

ضلع گهوٽڪي جي تعلقہ خانپور، خانگڙه جي ڳوٺ خير محمد پتافي ۾ هڪ شخص ٿي لک جُوا ۾ هارائڻ کان پوءِ پنهنجي نياڻي يارنهن ٻارن جي پيءُ کي وڪرو ڪري ڏني. شڪارپور جي تعلقہ لکي جي ڳوٺ مومن ڪرسي ۾ ڪارنهن جي تڪرار حل ڪرڻ لاءِ جرڳي ۾ ٽي نياڻيون سگ چٽيءُ ۾ ڏنيون. انهن نياڻين جي عمر اٺن کان ٻارنهن سالن جي وچ ۾ آهي. سنڌ ۾ روزانہ بيگناهہ عورتن کي ڪاري جو الزام ڏئي قتل ڪيو ٿو وڃي. جيڪا عورت پنهنجي حق لاءِ آواز اٿاري تہ بہ ڪاري، جيڪڏهن مڙس جي تشدد کان تنگ ٿي طلاق (خُلاء) وٺڻ چاهي تہ بہ ڪاري. جيڪڏهن پنهنجي زندگي جو فيصلو پاڻ ڪري تہ بہ ڪاري ۽ جيڪڏهن ماني پچائڻ ۾ دير ٿي وڃينس تہ بہ ڪيس ڪهاڙين جا وار ڪري تشدد ۽ موت جي ننڊ سمهاريو ٿو وڃي.

| | سنڌ جي اترين ضلعن سان لاڳاپيل ٽوٽل | جيڪب آباد | لاڙڪاڻو | قمبر-شهدادڪوٽ | نوشهروفيروز | شڪارپور | خيرپور ميرس | سکر | گهوٽڪي | ڪشمور-ڪنڌڪوٽ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪاروڪاري يا غيرت جي نالي تي قتل | 76 | 9 | 7 | 4 | 0 | 18 | 11 | 8 | 7 | 12 |
| تشدد ذريعي ٿيندڙ قتل | 98 | 12 | 10 | 2 | 12 | 11 | 24 | 10 | 13 | 4 |
| جسماني تشدد | 478 | 23 | 41 | 18 | 52 | 53 | 117 | 62 | 92 | 20 |
| جنسي زيادتي | 33 | 0 | 2 | 0 | 4 | 0 | 15 | 4 | 8 | 0 |
| اغوا | 78 | 1 | 6 | 6 | 8 | 4 | 21 | 5 | 19 | 8 |
| جولاءِ کان ڊسمبر تائين سنڌ جي اترين ضلعن ۾ پيش آيل ٽوٽل واقعا | 763 | 45 | 66 | 30 | 76 | 86 | 188 | 89 | 139 | 44 |

اهڙي ظلم، جبر، ڏاڍ ۽ عورتن تي ٿيندڙ تشدد جي خاتمي ڪانپوءِ ئي امن قائم ٿي سگهي ٿو ۽ هي معاشرو ترقي ڪري سگهي ٿو. جڏهن اسان جو معاشرو، اسان جا ليڊر ۽ اڳواڻ اسان جو نوجوان نسل پنهنجو پنهنجو ڪردار سهڻي نموني ادا ڪندا تڏهن ئي معاشري مان عورت تي ٿيندڙ تشدد جو خاتمو آڻي سگهبو ۽ ان جي مرتبي، عزت ۽ مانَ کي اهميت ملي سگهندي ۽ پراڻين ٻي سوده ريتن رسمن جو خاتمو بہ ممڪن ٿي سگهندو.

**

*** سچا موتي ***

- جنهن جا پنهنجا خيال خراب هوندا آهن، ان وٽ ٻين جي باري ۾ بدظني گهڻي هوندي آهي.
- جيڪو حق سچ چوڻ لاءِ گونگو آ، اصل ۾ اهو شيطان آهي.
- تنهنجو مال اهو آ، جيڪو حق جي راهہ تي خرچ ڪيئي ۽ حقدارن ۾ ورهايئي جيڪو بچي ويو اهو وارثن جو آ.
- تون نيڪي بند نہ ڪر ڀلي قدرشناس نہ ملن.
- جيڪو پاڻ کي سيڪجهہ سمجهي ٿو. ان کان ناراض رهڻ وارا گهڻا هوندا آهن.
- دنيا وارا انهن مسافرن وانگر آهن جنهن جو قافلو وڃي رهيو هجي پر هو ستا پيا هجن.
- ڪاوڙ جي وقت صبر ڪريو، باوجود ان جي جو توهان انتقام جي طاقت بہ رکندڙ هجو. توهان معاف ڪري ڇڏيو اهو بهتر آهي.




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن
بنگلو نمبر A-42 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي
ايئرپورٽ روڊ سکر.
فون: (071) 5633516 ,5633657 ,5631629
فيڪس: 5631791-(071)
ويب سائيٽ : www.srso.org.pk